# شاهه جي رسالي جو مطالعو



مصنف
مولانا دين محمد وفائي

ثقافت كاتو، حكومت سنڌ

ڪيو مطالع مون، هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري.
"شاهہ"

# شاهه جي رسالي جو مطالعو

مصنف:
مولانا دين محمد وفائي رحہ

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ
ڪراچي- 2012ع

# پبلشر جو نوٽ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن، سنڌ جي روايتن ۽ ثقافت، تاريخ ۽ جاگرافي، سنڌ جي لوڪ ادب ۽ ٻولي جي امرتا لاءِ جيڪي اڻ مٽ نقش ڇڏيا آهن، هن ڪتاب ۾ مولانا دين محمد وفائي انهن کي نروار ڪيو آهي. مولانا وفائي هن ڪتاب کان اڳ ۾ ”لطف اللطيف“ لکيو هو ۽ ان ۾ شاهه جي شاعريءَ جي اسرارن جي جيڪا سڃاڻ هُن بيان ڪئي آهي، تنهن سان شاهه فهميءَ بابت ڪيتريون ڳالهيون سامهون آيون. هن ڪتاب ۾ مولانا وفائي شاهه صاحب جي وقت ۾ سنڌ جون حالتون، سنڌ وارن جي رهڻي ڪهڻي ۽ گذراني جي حالت، ان وقت جي سنڌ ۾ اميري غريبي وغيره جو تذڪرو ڪيو آهي. شاهه جي دور جي حالتن تي سڀ کان پهريائين تحقيقي ڪم ايڇ ٽي سورلي جو منظر تي آيو هو جيڪو هن پنهنجي پي ايڇ ڊي ٿيسز Shah Abdul Latif of Bhitt ۾ بيحد تحقيقي انداز سان بيان ڪيو هو. ڏيهي محققن ۾ مولانا دين محمد وفائي کي اهو اعزاز حاصل ٿيو ته هُن شاهه جي دور جي حالتن تي قلم کنيو ۽ بقول پير حسام الدين راشدي جي ته ”مولانا وفائي جيتريقدر ۽ جيڪي ڪجهه لکي ڇڏي ويو آهي، اهو نه فقط پنهنجو مٽ پاڻ ۽ سنڌي ادب لاءِ هڪ غنيمت آهي، پر ان کان وڌ هيءَ ته انهيءَ ڪتاب لکڻ سان موجوده ۽ آئنده لکندڙن جي لاءِ مولانا وفائي هڪ نئون رستو کولي ويو آهي ۽ هڪ نرالي شاهراهه ڏيکاري ويو آهي.“

ثقافت کاتي، حڪومت سنڌ طرفان هن دور ۾ مختلف ڪتابن سان گڏ خاص ڪري سنڌ شناسيءَ تي ڪيترائي شاهڪار ڪتاب ڇپيا ويا آهن، ۽ کاتي شاهه لطيف جي ڪتابن جي ڇپائيءَ کي هميشه ترجيح تي رکيو آهي. هيءَ هڪ حقيقت آهي ته ثقافت کاتي جي وزير محترمه سسئي پليجو جي هدايتن تي پوين ساڍن ڇئن سالن ۾ 190 کان وڌيڪ ڪتابن جي اشاعت

ڪئي وئي ۽ ان ۾ لطيفيات جي ڪيترنِ ئي نون ۽ اهم ڪتابن کي ٻيهر ڇپايو ويو آهي. شاهه جي هن 269 هين عرس جي موقعي تي لطيفيات جي موضوع تي هڪ درجن کان وڌيڪ نَون ۽ ٻيهر ڪتابن کي ڇپايو پيو وڃي، جيڪا لطيف جي سيني چاهيندڙن جي لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي. ڪتابن جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر لڳاتار هر مرحلي تي ڪوشش وٺندو رهيو آهي سي ساراهڻ جوڳيون آهن.

اسان کي اميد آهي تہ هن ڪتاب ”شاهه جي رسالي جو مطالعو“ جي ٻيهر ڇپائي، سنڌ جي ماڻهن خاص طور تي نوجوانن جي لاءِ شاهه فهميءَ جو وڏو سرچشمو ثابت ٿيندو ۽ شاهه لطيف جي سيني عاشقن جون اڃون اجهائيندو.

23 ڊسمبر 2012.

عبدالعزيز عقيلي
سيڪريٽري
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# پهاڪر

## پيو ڇاپو

جڏهن بہ حقيقي مالڪ واحد ذوالجلال جي حمد ۽ ثنا لاءِ ڪمزور انسان جي دل خواهش ڪندي آهي، تڏهن ڪيس سواءِ حيرت ۽ حسرت جي ڪجهہ بہ نصيب نہ ٿيندو آهي. اها ذات پاڪ لامحدود، انسان جي گوشت ۽ پوست واري فهم ۽ فراست کان ايترو ۽ ايڏو بلند ۽ بالا آهي، جتي انساني عقل جي پرواز ڪيترو ۽ ڪيڏو بہ بلندي تي پهچي تہ بہ ڪيس ظاهر تجلي جي ديدار کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ سوچ، هوش ۽ عقل ۾ نہ اچي سگهندو ۽ اها آهي انسان جي سمجهہ، فلسفي ۽ پروڙ جي انتهائي ڪماليت.

حقيقت ۾ مالڪ ذوالجلال جي حمد ۽ ثنا جي اصلي حقيقت تائين پهچڻ کان عاجزي ڏيکارڻ ئي، هڪ انسان جو ڪمال، حمد ۽ ثنا آهي. الله تعاليٰ پنهنجن عاجز ٻانهن کي سندن سمجهہ ۽ پروڙ پٽاندڙ صرف هيتري ئي تعليم ڏيڻ فرمائي آهي تہ ”الحمد الله رب العالمين“ سيڪا ساراهہ حقيقي معبود کي جڳائي ٿي، جو جهانن جو پالڻهار آهي.

آئون اڄ انهيءَ پالڻهار جي حمد و ثنا سان قلم جي زبان کي تازو ڪري رهيو آهيان، جنهن جي فضل ۽ ٻاجهہ ۽ بي انتها ڪرم سان جناب والد سائينءَ جو ڪتاب ”شاهہ جي رسالي جو مطالعو“ پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

اسان جي سائي ستابي ۽ سڀاجهڙي سنڌ ديس ۾ جيڪو ٻولي کي ٻوساٽڻ جو سيلاب شروع ٿيو آهي، تنهن مان اهو انديشو امڪان ۽ گمان ڪيو وڃي ٿو تہ سنڌي ٻولي، سنڌي تهذيب، سنڌي مروت ۽ محبت، سنڌي رهڻي ڪهڻي ۽ سنڌي ٻل ماٺيپائي گويا سنڌ جي صوفيانہ ديس جي هر هڪ شيءِ اڳتي هلي فنا ٿي ويندي، ڪن نعرو بلند ڪيو آهي تہ سنڌي ٻولي کي

بچايو! ڪي چون ٿا تہ سنڌي ٻولي جي حفاظت ڪريو! ڪي چون ٿا تہ سنڌي سيپتا جا رکوال ٿيو! ۽ سنڌي سکو سنڌي لکو سنڌي ڳالهايو ۽ سنڌي پڙهو وغيره وغيره.

اهي صرف ڪن جذباتي ماڻهن پنهنجي سستي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ نعرا بلند ڪيا ۽ ڪندا رهن ٿا. مگر اڄ ڏينهن تائين انهن ڪو بہ عملي ڪم نہ ڪيو آهي; چو تہ سنڌي اديب ۽ عالم ۽ علمي محافظ زبان جي جنهن رنگ ۽ ڍنگ, رفتار ۽ گفتار سان خدمت ڪندا رهن ٿا, تنهن کان هر هڪ ماڻهو بخوبي واقف آهي.

سنڌ ۾ هن وقت ڪا بہ اهڙي ادبي يا علمي جماعت يا ادارو ڪو نہ آهي, جيڪو بنا ڪنهن نام نمود يا شهرت جي مخلصانہ نموني ۾ زبان جي صحيح معنيٰ ۾ خدمت ڪري.

باشعور, بيدار ۽ باوقار قومن جو صحيح سرمايو ان جا اعليٰ اديب, عالم, فاضل, محقق, اهلِ قلم, مفڪر, دانشور, انقلابي شاعر ۽ بيباڪ صحافي هوندا آهن. انهن جي قدر ۽ قيمت جو ڪو بہ ڪاٿو ڪٿي ڪو نہ سگهبو آهي. اهي بي بها موتي هر دؤر ۾ پنهنجا جرڪيدار جوهر ڏيکاريندا رهندا آهن.

_ اسان جي سڪي ستابي ۽ سرسبز سنڌ اهڙن جواهرن سان هميشہ جرڪندي رهندي آهي.

هونئن بہ سنڌ صوفين, صالحن, ولين, اصحابن, اوليائن, پيرن, فقيرن, درويشن ۽ دردمندن, فقيهن ۽ فقرائن, قطبن ۽ قلندرن, ساداتن, عالمن ۽ علمائن, مخدومن ۽ محدثن, اهل فڪر, اهل علم, فاضلن ۽ فياضن, سخن سنج ۽ سخت فهم, سياڻن, سمجهدارن ۽ سگهڙن, مهمان نوازن ۽ مروت ڪندڙن سنون سڌن سباجهڙن جو ديس آهي.

زماني جي ناقدري ڪري, هر خوشامد پسند ۽ طاقت جي پوڄا ڪندڙ بي شعور قوم وٽ صحيح عالم, اديبن ۽ ماحول ۽ معاشري جي نقاشن, شاعرن ۽ بيباڪ صحافين جو قدر ۽ قيمت ڪا نہ هوندي آهي, پر انهن عظيم شخصيتن جو نالو تاريخ جا مؤرخ ئي قلمبند ڪندا رهندا آهن.

اسان جي سنڌ ۾ انهن دانشورن ۽ دانائن ڏانهن ڪڏهن بہ ڪنهن قسم جو ڌيان نہ ڏريو ويو هيو ۽ نہ آهي, ان جو باوجود بہ اهي علم ادب, تاريخ ۽

تحقيق جا رهنما ۽ رهبر پنهنجي لياقت ۽ طاقت آهر ڪم ڪندا رهيا.

زندهہ قومون تڏهن زندهہ رهي سگهن ٿيون جڏهن هنن جي زبان زندهہ آهي. چو تہ زندگي ادب آهي ۽ ادب زندگي، قومون زبان سان زندهہ آهن. ادب ۽ زبان قوم جو آئينو آهي، جنهن مان قومن جو جمال ۽ حسن، خدوخال، ادب ۽ علم، لياقت ۽ قابليت، نزاڪت، نفاست ۽ لطافت، ارادي جي مضبوطي ۽ مستقل مزاجي، حق جي حمايت ۽ باطل جي مخالفت، حق گوئي ۽ حق رسي، راستبازي، تحمل ۽ بردباري، همت ۽ حوصلي، محنت ۽ مزدوري، محبت ۽ مروت، شان، شجاعت ۽ مردانگي، خوش اخلاقي ۽ خوش ڪلامي، نياز نوڙت ۽ نهٺائي، ايثار ۽ قرباني، بي ڊپائي ۽ بي ريائي، فراخ دلي، فياضي ۽ رحم دلي، علم ۽ هنر، عقل ۽ حڪمت، فهم ۽ فراست، سچائي ۽ پاڪائي، مظلوم جي مدد ۽ ظالم جو مقابلو ايمانداري ۽ ديانتداري، عدل ۽ انصاف، امن ۽ آزادي، رعايت ۽ رواداري، ڪفايت ۽ قناعت، غريب پروري ۽ غريب نوازي، شرافت ۽ شائستگيءَ، شيرين گفتار ۽ نيڪ رفتار وغيره ڏسڻ ۽ پسڻ ۾ ايندي رهندي.

تاريخ شاهد آهي تہ ڪنهن بہ قوم کي ختم ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي تہ ان قوم جي ٻولي کي ختم ڪجي، ڇاڪاڻ تہ اها ٻولي ئي آهي، جنهن سان قومن جا اعليٰ جرڪيدار جوهر ظاهر ٿي پوندا آهن.

تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال ملندا تہ ڪنهن بہ فاتح قوم پوري طرح سان مفتوح قوم تي قابض ٿيڻ لاءِ پهرين ان قوم جي ٻوليءَ کي ختم ڪري ڇڏيو.

اسان جي عوام جي جهالت، اهلِ ذوق جي قلت، قدردانن جي ڪمي ۽ سرمائيدارن جي بي توجهي ڪري بہ زبان ۽ ادب کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جي اها حالت آهي تہ اخبارن ۾ جتيون ويڙهيندا يا ماني ڍڪي سفر جا سانباها ڪندا آهيون. افسوس! صد افسوس! جنهن قوم جي ذهنيت ان حد تائين پهتل هجي تہ ان قوم جو علاج ڇا ٿي سگهي ٿو!

انهن مٿين حالتن ڪري اسان ۾ بلڪل گهٽ مصنف يا لکندڙ پيدا ٿين ٿا. پر جيڪڏهن ڪو مصنف يا اديب آهي تہ بہ ان کي هي جرئت ڪا نہ ٿي ٿئي، جو هر ڪو ڪتاب ڇپائي سگهي، ڇو تہ ڇپجڻ کان پوءِ ڪاپي جي اميد ئي ڪا نہ هوندس پوءِ ڇو ويهي رپيا سيڙائي؟ هوڏانهن ٻين زبانن ۾ سون

جي تعداد ۾ ڪتاب هزارين جلدن ۾ پڌرا ٿيندا رهن ٿا ۽ اک ڇنڀ ڪجهي وڃن ٿا. جنهن ڪري لکندڙن کي وري ڇپائڻ جو حوصلو ٿيندو رهي ٿو ۽ ڏيکا ڏيکيءَ ۾ ٻيا نوان لکندڙ به پيدا ٿيندا رهن ٿا.

ڪتابن ڇپائڻ جي ڪم ۾ مون کي پنهنجو تلخ تجربو ۽ ذاتي، آزمودو آهي، پر تڏهن به حالتون اجا مايوسي جهڙيون نه آهن. معياري سنڌي ڪتابن لاءِ قدردان پيدا ٿي سگهن ٿا. جناب والد سائين جو ڪتاب "لطف اللطيف" ڪافي ڏوڪڙن ۽ ڪشالن ڪڍڻ کان پوءِ جڏهن ڇپجي تيار ٿي ماڻهن جي هٿن تائين پهتو. تڏهن هن نادر ۽ تاريخي ڪتاب پنهنجي لاءِ ڪافي قدردان پيدا ڪيا ۽ ڳچ حصو بي-اي-آنرس جي شاگردن ۽ ٽريننگ ڪاليج جي سنڌي ماسترن جي ڪورس ۾ هجڻ سبب نيڪال ٿي ويو. رهيل سهيل نسخا سنڌي ادب جا ڄاڻو هٿئون هٿ کڻندا رهيا.

لطف اللطيف جي شايع ٿيڻ کان پوءِ جڏهن "شاهه جي رسالي جو مطالعو" جي شايع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. تڏهن سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان خطن پوئٽان خط اچڻ شروع ٿيا ته اهڙي تاريخي تحفي کي جلد ڇپارائي. سنڌ جي عوام جو شوق دامنگير هو.

نيٺ سنڌ مان ڪيترن سڄڻن ۽ قدردانن ۽ علم دوستن جي همت ۽ حوصلي افزائي ٿي ۽ ڪتاب جي ڇپائي جو ڪم شروع ڪري ڏنو ويو ۽ "شاهه جي رسالي جو مطالعو" کي ڇپرائي سنڌ جي علم نواز ۽ ادب پرورن جي هٿن تائين پهچايو ويو. هي علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪتاب هٿئون هٿ نيڪال ٿي ويو. گويا دڪانن ۽ مارڪيٽ ۾ ملڻ ناممڪن ٿي پيو. جنهن ڪري سنڌي ادب جي سڄڻن انهيءَ ڪتاب کي دوباره شايع ڪرڻ لاءِ خط لکڻ شروع ڪيا. جنهن ڪري هي ٽيون دفعو به هزار ڪاپيون ڇپرائي اوهان جي هٿن تائين پهچايون ويون.

"لطف اللطيف" وانگر هي ڪتاب به سنڌي ادب ۾ هڪ بي بها اضافو ثابت ٿيو آهي. ڪتاب جي پڙهڻ سان ئي قدردان قدر ۽ قيمت ڪٿي سگهندا.

مون کي اميد نه بلڪ يقين آهي ته سنڌي علم ۽ ادب جا پارکو ۽ ڄاڻو ڪتاب جي هن ڇاپي جو به اڳيئين ڇاپي وانگر قدر ڪندا.

جناب والد صاحب جن ڪيترائي ڪتاب لکي ڇڏيا آهن، پر افسوس

جو انهن جي اشاعت لاءِ اجا مون ۾ ايتري مالي طاقت نہ آهي، جو انهن بيش بها ڪتابن کي جلد شايع ڪرائي سگهان.

هن موتمار ۽ هوشربا مهانگائي ڪري، هر هڪ شيءِ جو اگهہ ۽ قيمت آسمان تائين پهتل آهي. خاص ڪري ڪاغذ جي قلت ۽ ڪمي اسان جي ملڪ ۾ سڀ کان اڳتي ۽ اڳيري آهي. انهيءَ جي باوجود الله تعاليٰ ۾ اميد رکي هن ڪتاب کي علم نواز ۽ ادب پرورن جي هٿن تائين پهچايو ويو آهي.

رب تعاليٰ گهريو تہ سمورا ڪتاب آهستي آهستي ڇپايا ويندا. منهنجو ڪم آهي محنت ۽ ڪوشش ڪرڻ، ڪم کي توڙ تائين پهچائڻ آهي قدرت جي هٿ وس، والله المستعان.

آخر ۾ "مطالع" جي مطالع ڪندڙن صاحبن کي عرض ڪندس تہ دعاءِ خير سان ياد ڪندا رهندا. جيئن الله تعاليٰ توفيق بخشي ۽ همت ۽ حوصلو ڏئي تہ جناب والد سائين جا بيا نادر ڪتاب بہ شايع ڪندو رهان.

خادم العلم
**علي نواز وفائي**
ايڊيٽر "آزاد"
وفائي پرنٽنگ پريس.
پاڪستان چوڪ، ڪراچي

9_7_1975ع

# ڪتاب جي سال جو قطعه تاريخ

## احمد خان "آصف" مصراڻي

طبع ٿيو تحفو وفائيءَ[1] جو خدا جي فضل سان،
هن ۾ آهي ڀٽ ڌڻيءَ جو فلسفو ذڪر و بيان.
ٿيو نواز[2] آهي، مبارڪ باد جو اڄ مستحق،
جنهن جوان همت ڪئي، تصنيف والد جي عيان.
هيءَ نئين تصنيف آهه بعد از "لطف اللطيف"[3]
درج جنهن ۾ ٿيا نرالي نوع سان نڪتا نوان.
هر اکر، هر لفظ، هر نقطو ٿيو موتي مثال،
سيڪا ست ٿي سلڪ گوهر، ناهه ان ۾ ڪو گمان.
"باب" هر موتيو گلاب ۽ "فصل" هر هڪ عطر بيز،
هي صحيفو آهي ٿيو علم و ادب جو گلستان.
عيسوي سن خير سان اوڻويهه سؤ ٻاهٺ ٿيو
1962
جنهن ۾ آصف ٿي ويو شايع هي عمدو ارمغان.

---

[1] علامه دين محمد وفائي (رحه).
[2] محترم علي نواز وفائي.
[3] مرحوم وفائي (رحه) جي ڀٽ ڌڻيءَ بابت لازوال تصنيف.

# علي نواز وفائي طرفان

## ٽيون ڇاپو

علمي ۽ ادبي، تاريخي ۽ تحقيقي، تنقيدي، تبليغي ۽ معياري ۽ معلوماتي ڪتابن تي مهاڳ، مُنڍ، مقدمو يہ اکر ۽ پيش لفظ لکڻ بہ ڪنهن مشهور ۽ معروف اديبن ۽ عالمن، محققن ۽ ماهرن جو ئي ڪم هوندو آهي. مون جهڙي حقير ۽ فقير کي ڪهڙي ڪل تہ ڪتابن تي ڪيئن ۽ ڪهڙي انداز ۾ قاصر قلم کان ڪم وٺبو آهي.

هونئن بہ دنيا ۽ دنيا وارن جو دستور آهي تہ هڪ ادا کي ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ادائن کي ادا ڪرڻو پوندو آهي. تڏهن ئي وڃي ان ادا جي ادا جو اندازو لڳائي سگهبو آهي. جيئن تہ اوهان کي معلوم آهي تہ دنيا ۾ صرف هي اسان جو سرسبز، سڪيو ستابو سولو ۽ سڦائو سنڌ جو واحد صوبو آهي، جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجين سمورين نعتمن ۽ نوازشن سان ايترو ۽ ايڏو نوازيو آهي، جنهن جو ذڪر ڪهڙي زبان ۽ ڪهڙي قلم سان قلمبند ڪجي. ان کان سواءِ سنڌ، امامن، اوليائن، اصحابن، اڳواڻن، استقبال ڪندڙ آجيان ڪندڙن، آڌرڀاءُ ڪندڙن، استادن، اهل قلم، اهل علم، اهل دل، اهل نظر، ايماندارن، بهادرن، بيباڪن، ٻلارن، ڀاڳ وارن، پيرن، پرسائن، جمال وارن، جلال وارن، جلوي وارن، جوش وارن، جذبي وارن، جگر وارن، جوانن، جوڌن، جان وارن، جانبازن، جهانگيئڙن، جيءَ ۾ جايون ڏيندڙن، حسينن، حسن پرستن، خوش مزاجن، خوشيءَ وارن، خوش ڪندڙن، دانائن، دانشمندن، دانشورن، ديده ورن، دليرن، دلبرن، دٻدٻي وارن، دلنوازن، درويشن، دوربينن، داد ڏيندڙن، دستگيرن، دعا ڪندڙن، دل وارن، درد وارن، ڏاهن، ڏانءُ وارن، ذات وارن، ڏوٿيئڙن، زردارن، زورآورن، زميندارن، ڪيڪاريندڙن، ڪارائيندڙن، فياضن، فراخدلن، فضيلت وارن، فهم وارن، فڪر وارن، سياڻن، سمجهدارن،

# پيش لفظ

سواره دي بگذشتي، و ما هنوز از شوق
نهاده روئي بخاڪِ سُمِ، سمند تو ايم
نهالِ عمر، زبادِ اجَل، فتاده از پائي
هنوز ما، بهوائي قدِ بلند تو ايم.

1949ع جا پويان پساهه هئا ۽ 1950ع جي اچڻ ۾ پانيان ڪا پهر پاڇي جي دير هئي. مولانا دين محمد وفائي مرحوم، سنڌ جي عظيم شاعر لطيف تي هڪ ڪتاب پورو ڪري، پيو هٿ ۾ ڪٽي چڪو هو. ڳالهيون ته پيون هلنديون هيون، پر اهو ترڪيءَ تيل لائٽ نه ڏيندو هو ته ڪهڙو ڪتاب لکي چڪو آهي ۽ ڪهڙو رٿا هيٺ اٿس. جڏهن ملي تڏهن چڙو ايترو چوي سو به هميشه جي عادت مطابق مخصوص انداز ۾ وڏو ٺهڪ ڏيئي.

”ترس! پاڻهي هڪ ڏينهن ڏسندين.“

اهوئي زمانو هو جو مولانا نئين ڇاپي لاءِ ”الهام الباري“ جي تصحيح شروع ڪري ڏني هئي ۽ سنڌ جي قديم مشاهيرن تي پڻ هڪ جامع تذڪرو تيار ڪري رهيو هو. گويا اهي هئا چار علمي ڪم، جن مان به معلوم ۽ به نامعلوم.

”لطف اللطيف“ جنهن جو نالو پوءِ معلوم ٿيو پريس ۾ هو. پهرينءَ جز جو پروف مولانا پاڻ پڙهي چڪو هو[o] سنڌي مشاهيرن جي تذڪري جي تڪميل عنقريب ٿيڻ تي هئي. ”الهام الباري“ وفات کان اڳئين ڏينهن جي شام تي نظرثاني ڪندي سندس هٿ ۾ ڏٺم. باقي رهيو شاهه لطيف تي سندس پيو ڪتاب، انهيءَ جو هڪ نامڪمل فقرو سندس ڪَٽُ مان نڪتو ئي هو جو قضا جي قلم جي وهڻ وهي ويو. يعني، اجل جو چوبدار پرين سندي پار جو پرانو ڪٽي اچي مٿانئس بيٺا. مولانا سيئي ڪم ڇڏي، بوڇڻ ڪلهي تي رکي، الله تو آهر چئي رب ڏانهن راهي ٿيو.

---

[o] انهيءَ ڪتاب جو ديباچو وفات کان ڇهه(6) ڏينهن اڳ يعني 5 اپريل 1950ع جو لکي پورو ڪيو هئائين.

لڏي ويا ڇڏي، ڪاهي ڏڻ ڏراڙ
نڪا ڪوڪ ڪنڌين ۾، نڪتا تڙ تنوار
ويچارا پنهوار، ڪلندي رات ڪٽي ويا.

اتي پلا ڪنهن جي مجال هئي! ڪنهن دوست يار جي هلندي پڄندي هجي ها، ڪنهن جو هٿ پير هلي سگهي ها، ڇڻ اڪ جو ڪو چارو چلي ها ته هوند سندس دامن جا چار ئي پَلوَ جهلي بيهون ها ليڪن:

دل شد مجاور آنجا آکہ جامي
هذا فراق، بيني و بينک.

شاهه عبداللطيف رحہ متعلق اهو پويون ڪتاب هو. "شاهه جو مطالعو" جيڪو اڄ پورن يارهن سالن بعد مرحوم جو جوان سال ۽ جوان همت فرزند، علي نواز وفائي، اينڊڙ صفحن ۾ پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري رهيو آهي. مون کي يقين آهي ته هر سنڌي ۽ لعل لطيف سان دلچسپي رکندڙ محب وطن، سنڌ جي انهيءَ پختہ ڪار اهل قلم ۽ دانشمند مؤرخ جي هن آخري سوکڙيءَ ۽ پوئينءَ پيشڪش کي ساهه سان سانديندو.

لڏي ويا لوءِ، مون کي اُن جي پٺين ويڄڻ پيو
ڪو ڪو ڳڻ قريب جو من انگين اڙيو هوءِ،
هلو! تہ پسون هوءِ، جي آهن ڏنگر ڏهيل پرين جا.

❊❊

جيئن هڪ مؤرخ جي تصنيف پنهنجي دور جي تصوير ٿئي ٿي، تيئن هڪ سچي ۽ صحيح شاعر جو ڪلام پڻ پنهنجي عهد جو آئينو ٿئي ٿو. فرق فقط هيترو آهي تہ مورخ سوچي سمجهي، ٿهي نڪي، رٿي پهي ۽ گهڙو ڪري مصنوعي ۽ خارجي محرڪات جي تحت، پنهنجي تاريخ کي تيار ڪري ٿو ۽ شاعر سواءِ ڪنهن سنبت ۽ سبب خاص جي، سواءِ ڪنهن زور ۽ بار يا خارجي اثر ۽ اقتدار جي، پنهنجي ماحول جي سچي پچيءَ هليءَ چليءَ ڪان، اٿيءَ ويٺيءَ ڪان، ٺينڊڙ حق يا ناحق ڪان، هلندڙ طور طريقي، دستور خواهه ريت ۽ رسم ڪان، محض پنهنجي دل جي گجر تي ۽ محض پنهنجي ذاتي مشاهدي تي فطري طرح متاثر ٿي، ڪلام ۾ اُهي اُهي واقعا شعوري يا

غير شعوري طرح آٽي چڙي ٿو جو سنڌس سڄي عهد جي گويا سچي پڇي تصوير چٽجي ويجي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو مؤرخ جي لکڻيءَ تي ڏهه دفعا سوچ ڪرڻ لازمي ٿيو پوي ۽ شاعر جي ڪلام مان جيڪي تاريخي ۽ تمدني نڪتا هٿ اچن ٿا. اهي گهڻو ڪري قابل قبول ٿيندا آهن. تنهن ڪري ئي جڏهن ڪنهن به خاص دؤر جي صحيح صورتحال لاءِ مواد ڏسڻو پوي ٿو ان وقت نثري مجموعن سان گڏ نظم جو ذخيرو پڻ نظر مان ڪيڻ لازمي، بلڪ از حد ضروري ٿيو پوي ٿو.

❊❊

سونهاريءَ سنڌ جي سدا بهار شاعر، شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ٻارهينءَ صدي هجريءَ واريءَ سنڌ متعلق، تاريخي تمدني ۽ جغرافيائي مواد ايترو گهڻو ملي ٿو جو جيڪڏهن ان کي منجهانس ويهي سوئجي ته هوند سنڌ جي انهن سَوَ ورهين جي تصوير گهڻيءَ حد تائين پنهنجي سچيءَ پچيءَ صورت ۾ اسان جي اڳيان اچي ويجي. پر افسوس آهي جو انهيءَ قسم جي مواد کي شاهه جي رسالي سان گڏ ڪرڻ يا مخصوص انهيءَ نقطه نگاهه سان رسالي کي ڏسي ان مان مسالي ڪيڻ جي ڪوشش، اجا تائين ڪنهن به سنڌيءَ ڪا نه ڪئي آهي[1]، بلڪ شاهه جي زماني جو پس منظر پهريون دفعو جنهن ماڻهوءَ ڏنو اهو مغربي عالم، سورلي هيو جنهن به پنهنجي مواد لاءِ خود شاهه جي ڪلام کي نه، بلڪ خارجي ذريعن کي اختيار ۽ استعمال ڪيو.

شاهه جي هم وطنن مان مرحوم مولانا دين محمد وفائي پهريون بزرگ آهي، جنهن خالص تاريخي ۽ تمدني نقطه نگاهه سان رسالي جو مطالعو ڪري هڪ مستقل ڪتاب جو بنياد وڌو، جنهن جو نالو مرحوم پاڻ ئي "شاهه جي رسالي جو مطالعو" رکي ويو. اهو خيال به، خدا بخشيس، مرحوم کي غالبن انهيءَ ڪري آيو جو سنڌس ذهن ۽ فڪر، ٻئي تاريخي سانچي ۾ ٺهي تيار ٿيا هئا.

❊❊

ڪتاب ۾ جيئن پڙهندڙن پاڻ ڏسندا، مولانا سپ کان پهريان مختصر

---

[1] ممڪن آهي، انهيءَ ڏس ۾ ڪن صاحبن ڪي مختصر مقالا لکيا هجن. ڪن هندو صاحبن پڻ ڪنهن زماني ۾ ننڍا رسالا لکيا هئا، پر انهن سڀني ۾ تحقيق جي بجاءِ تصور جو دخل زياده آهي

طرح "شاهہ جي سنڌ" جو سياسي پسمنظر آٽي، ان ۾ شاهہ جو جيڪو حصو آهي، ان کي ان جي ئي ڪلام مان ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ بہ مُکُ ڳالهيون هي آهن.

1) ٻارهينءَ صديءَ ۾ سياسي طرح سنڌ وڏي ڪوپ ۽ ڏاڍيءَ ڪشمڪش ۾ مبتلا هئي. مغلن جي غلامي جو ڳچيءَ مان ڳٽ نڪتو ئي مس، هتان جي مقامي خاندان سنڌ جي سربراهي ڪندي آزادي ورتي ئي هئي جو مٿان اچي نادر نمودار ٿيو. ان کان اجل آجو ڪيو تہ قنڌاراين اچي مٿان ڪڙڪو ڪيو. هڪ دفعو نہ بلڪہ بار بار، گهران رسن تہ سڏو سنڌ ۾ انهيءَ ڪري تہ وڏن چيو:

جڏهن تڏهن سنڌڙي، توکي قنڌارئون جوکو!

بهرحال، غيرن جي غلاميءَ ۽ ڌارين جي پي درپي ڌڪوئيندڙ ڏاڍاين، شاهہ جي ذهن کي اذيت پهچائي ۽ هن انهيءَ هاجي کان متاثر ٿي، پنهنجي ڪلام ۾ مختلف پيراين ۽ پهلوئن سان "ڌيرن جي ڏاڍ" خلاف جهاد جوٿيو ۽ مسلسل غلاميءَ ۾ رهڻ سبب، وطن سان محبت ۽ پنهنجي گردوپيش سان وفادار رهڻ جو احساس، جيڪو صدين کان ستل هو ان کي جنجهوڙي جاڳايو ۽ ڪوشش ڪيائين، جيئن سنڌين کي پنهنجي سماجي روايتن، ريتن ۽ رسمن سان پريت پيدا ٿئي ۽ غلاميءَ سبب سنڌي سماج ۽ رهڻي ڪهڻيءَ تي جيڪي ڌاريا ۽ مصنوعي اثر پيا هئا، انهن جا داغ ڌوئي اسان جي پوتيءَ ۽ پيراهن کي پاڪ ۽ صاف ڪري.

2) سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ۾ مذهبي ڪشمڪش ۽ تعصب ڏاڍو گهڻو پيدا ٿي پيو هو. حضرت مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمت جي سخت گير پاليسيءَ، سنڌ اندر عالم سڳورن جو هڪ اهڙو طبقو تيار ڪري ڇڏيو هو جنهن تبليغ اسلام لاءِ گهڻي حد تائين تشدد آميز بلڪہ غير اسلامي انداز اختيار ڪيا هئا. جيڪڏهن ڪنهن غير مسلم جي واتان الله، محمد ۽ رسول جو لفظ نڪرندو هو تہ وَر ڏيئي ان کي حلقہ اسلام ۾ داخل فرمائي، يعني مروجہ مخصوص محاوري مطابق "مشرف بہ اسلام" ڪري پنهنجا "تبليغي" فرائض بجا آٽيندا هئا. انهيءَ جو لازمي نتيجو اهو نڪتو جو سندن طور ۽ طريقي ۽ انهيءَ لفظي قند ۽

ڦير گير مسلمانن کي ڏاڍو ھول ۽ حراس ۾ وجھي ڇڏيو. اھي پاڪ نالا ونڻ تہ درڪنار ۽ بجاءِ خود رھيا، ھنن پنھنجي چوٽي ۽ ڌوتيءَ جو خير ۽ تحفظ ان ۾ سمجھيو تہ مرڳو اُھي اکر اچارڻ ئي ڇڏي ڏين، جن مان خطري جو امڪان ھجي. چنانچہ ٻين لفظن سان گڏ "رسو" "ل" پنھنجي طرفان وجھي "رسوٰل" بڻائي ڪو ممڻ نہ مچائي وجھن. لسان الغيب حضرت حافظ جي چواڻيءَ ظاھري اکين کي اھا خبر ڪا نہ ھئي تہ:

> ھمہ کس طالب يارند، چہ ھشيار و چہ مست
> ھمہ جا خانۂ عشق است، چہ مسجد چہ کنشت
> نا اميدم مکن از سابقۂ لطفۂ ازل
> تو چہ داني کہ پس پردہ، کہ خوبست و کہ زشت.

اھو سڀ ڪجھہ انھيءَ ڪري ھو جو اڍائي سون سالن[1] جي مسلسل تسلط سبب ذھني طرح سنڌ ۾ تنزل ۽ پستي اچي چڪي ھئي. آزاد ماحول ۾ دلين اندر جيڪا وسعت ۽ قلب ۾ جيڪا ويڪرائي ۽ ڪشادگي ٿيندي آھي، فڪر ۽ نظر، علم خواھہ عمل ۾ جا بلندي ۽ جز رسي، گھرائي ۽ ڳنڀيرتائي، حقيقت پسندي يا دور رسي ٿيندي آھي، سا سڀ ختم ٿي وئي ھئي. تنھن ڪري رواداريءَ، برادريءَ ۽ پاڙيسرائيءَ يا ھموطنيءَ جا جيڪي انساني ننگ خواھہ اسلامي انگ، ھڪ آزاد قوم ۾ ٿيڻ کپن، اھي سڀ ھتان نڪري چڪا ھئا ۽ اھو سچو خلم ھو انھيءَ احساس ڪمتريءَ جو پاريل، جيڪا غلاميءَ جي ذلت ۽ پستيءَ جي پيداوار ٿيندي آھي، جنھن جي ڪري غلام قوم جا افراد پنھنجي انھيءَ احساس کي متاثر خاطر، ھڪ غير فطري برتريءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي مصنوعي ريتون ۽ رستا پيدا ڪندا آھن، جن مان ھڪ طريقو اھو پڻ آھي تہ مذھبي فروعات تي خواھہ مخواھہ زور ڏجي، مناظري بازي ڪري ھڪٻئي مٿان سبقت ۽ برتري حاصل ڪجي، دين ۾ غير ضروري نمائش ڪري مذھب کان زيادہ پنھنجي ذاتي پاڪائي ۽ بزرگي جتائجي ۽ قطعي غير اسلامي طريقن جي وسيلي انسانن کي ھڪ مذھب جي دائري مان زوريءَ گھلي ٻئي مذھب ۾ داخل ڪري ان تي بگل باجا

[1] ارغونن کان وٺي مغلن تائين

وڃائي پنهنجي پندار کي آسودگي پهچائجي.

ملڪ اندر انهيءَ ڏڦيڙ وجهندڙ ۽ دلين جهڙي مٺي ۽ پياري دنيا ۾ ايتري ويڇي وجهندڙ پاليسيءَ، شاهه جهڙي صاف باطن صوفيءَ ۽ دردمند دل رکندڙ انسان کي سخت متاثر ڪيو. شاهه گهريو ٿي ته:

کفر کافر را ودين دينداررا
زره‌ء دردِ دلِ عطار را.

سو هن پنهنجي ڪلام اندر مکڻ، ماکيءَ ۽ مصريءَ جي انهيءَ حد تائين پالوٽ ڪري ڇڏي جو ترشي، تلخيءَ، تندي ۽ تيزيءَ جو جيڪو ڏوز غير مسلمان پنهنجي هم وطن ڀائرن هٿان چکي چڪا هئا، اهو يڪلخت مٺ ۽ ميناج ۾ بدلجي ويو ۽ ان جي شيرينيءَ سيني کي ايتري قدر ڪنڊن ۽ کير پياري ڇڏيا جو مولانا جي قول مطابق:

”هندن کي، جو ڪن اچارڻ ڪري مسلمان ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو سي به شاهه صاحب جي ڪلام کي پنهنجو سمجهي، سنڌ ۽ سنڌ وارن کي پنهنجو سمجهڻ لڳا. ويدانت جي رنگ ۾ هندن واتان اسلام جون اهي ڳالهيون چورايون ويون، جي هوند مذهبي ماٺهو سموري ڄمار مٿو کپائين، ته به هڪ هندوءَ کان ان جو اقرار ڪرائي نه سگهن.

الله جي هيڪڙائي ۽ رسول جي رسالت جي قبوليت ۽ قرآن شريف جون آيتون شاهه صاحب، هندن جي واتان ان ريت چورائي ٿو جيئن هڪ مسلمان چوي يا هن جو اقرار ڪري. هوڏانهن اهي اقرار جيڪڏهن شاهه جي زماني ۾ ڪنهن مذهبي ماٺهوءَ جي اڳيان ڪو غير مسلمان ڪري ها ته جهٽ مٿس، مسلمان هجڻ جي فتويٰ ڏيئي، کيس مجبور ڪيو وڃي ها ته اٽي اسان جي پُرَ ۾ گڏجي رهه.

صوفيانه رنگ سنڌ جي هندن کي ان حد تائين پنهنجي ويجهو آندو جو هو شاهه صاحب جي ٻوليءَ ۾ اهو سڀ ڪجهه چوڻ لڳا، جو هڪ پڪو موحد مسلمان ڪليءَ دل سان چئي سگهي. [1]

---

[1] ڏسو ڪتاب جو صفحو 11_12 شاهه سائينءَ جي انهيءَ دلڪش ادا ته سڀن جي دلين کي موهي رکيو ۽ اهوئي سبب ٿيو جي مسلمانن کان وڌ، شاهه جي ڪلام جا پارکو هندن منجهه پيدا ٿيا ۽ پيدا ٿيندا رهن ٿا. سرڳواسي ليلا رام، ڄيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر گربخشاڻي، لال چند امر ڏنو مل، پيرو مل مهر چند، ڪلياڻ آڏواڻي، رام پنجواڻي، فتح چند واسواڻي، پروفيسر جهمٽ مل ۽ ٻين سون هندو مشاهيرن جون خدمتون انهيءَ ڏس ۾ ڪير آهي جو وساري سگهي ٿو؟

انهيءَ مذهبي منافرت ۽ سختيءَ واري پاليسيءَ مان شاهه کي سنڌي وحدت جي ٽٽڻ ۽ ملڪي آزاديءَ جي سلب ٿيڻ جو پڻ وڏي ۾ وڏو امڪان، بلڪ جائز خطرو نظر آيو ٿي. ڪيس اهوئي خيال هو ته انهيءَ قوت ۽ مذهب جي مصنوعي ڏڦيڙ مان افغاني حملہ آورن، جن مغلن جي پڄاڻيءَ بعد ۽ نادر جي خونخواريءَ کان پوءِ هڪ نئينءَ بلا جي مهندان اڇي منهن ڪڍيو هو، تن جا پير پختا ٿيندا.

انهيءَ مذهبي ڇيڙڇاڙ جا وڏا مرڪز، انهيءَ زماني ۾ هونئن ته گهڻائي هئا، ليڪن سيني ۾ برک هو ٺٽو جنهن تي صدين کان وٺي ڊارين جون هڪبئي کان ڊار ڪندڙ پاليسيون اثرانداز هيون ۽ ان کان پوءِ هئا مٽياري، هالا ۽ ملاڪاتيار جا شهر. اهي سيئي مرڪز شاهه جي آس پاس هئا. اُتي ٿيندڙ ڪارروائيون رات ڏينهن ويٺو ڏسندو ۽ پسندو هو. ان کان سواءِ ٺٽي ۾، جتي مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمت جو اسڪول قائم هو جنهن مهراڻ جي اڻ ڪٽ موجن ۽ ان ڳاٽو لهرن هوندي بہ سنڌ کي عربي صحرا سمجهي، خدا ڄاڻي ڪهڙي خيال خاطر "هاشمي ڪوزا" ايجاد ڪيا هئا، اتي پڻ شاهه جو گهڻو اچڻ وڃڻ هو. سندس ڪيترا دل گهريا دوست اتي موجود هئا، جن جون دليون نہ فقط وسيع ۽ ويڪريون هيون، بلڪ آئيني وانگر اجريون ۽ ڪير جهڙيون صاف ۽ شفاف هيون، جن تي نڪو هو داغ ۽ نڪو هو ڏيو. انهن جا قلب ايڏا ڪشادا هئا، جيڏو ڪشادو آهي اسان جي مٺي محمد جو مذهب. انهيءَ شهر ۾ غيرن سان جيڪو سلوڪ هو سو تہ هوئي، پر خود اتي جي عالمن سڳورن جي مذهبي فروعات تي پنهنجو پاڻ ۾ جيڪو جنگ و جدل ۽ مذهب جي آڙ ذاتي بغض ۽ عناد جو بازار برپا هو تنهن اتان ٽڙي پکڙجي سڄيءَ سنڌ جي فضا کي متعفن ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ڳالهہ پڻ شاهه کي نہ فقط وڏيڪ متاثر ڪيو بلڪ مجبور ڪيو تہ انهيءَ سموري زهر لاءِ ميٺ محبت، سازءِ سلوڪ جو ڪو موثر ترياق تيار ڪري.

هن ڪتاب جو مڪمل خاڪو مولانا جي ذهن ۾ هو. ڇا لکي ها، ڇا منجهس آڻي ها، ڪهڙا ڪهڙا نڪتا بيان ڪري ها، مڪمل ڪرڻ تائين ڪهڙن عنوانن جو اضافو ڪري ها. ان کان سواءِ نظر ثاني ڪرڻ وقت ڪهڙيون گهٽ وڌايون دور ڪري ها؟ ان جي خبر هڪ تہ رهي خود انهيءَ مرحوم کي، ٻي ڄاڻ رهي ڄاڻٽهار کي، پر جيتريقدر ۽ جيڪي ڪجهہ لکي

**پوءِ!**

نه ڇڙو ڪتاب ختم ٿي ويو

**پر!**

خود مصنف جي پنهنجي زندگيءَ جو صحيفو به پڄاڻيءَ تي اچي پهتو!

**يعني!**

ہمیں سو گئے داستاں کہتے کہتے

ڪراچي
5_ آگسٽ 1961ع

**حسام الدين راشدي**

ڇڏي ويو آهي، اهو نہ فقط پنهنجو مٽ پاڻ ۾ سنڌي ادب لاءِ هڪ غيبي غنيمت آهي، پر ان کان وڌ هيءُ تہ انهيءَ ڪتاب لکڻ سان موجوده ۾ آئينده لکندڙن لاءِ مولانا هڪ نئون رستو کولي ويو آهي ۽ هڪ نرالي شاهراهہ ڏيکاري ويو آهي.

هن نامڪمل ڪتاب اندر سياسي پس منظر کان پوءِ سنڌ جي رهڻي ڪهڻي، اقتصادي حالت، معيشت، واپار وڙي، مال متاع، ڪيتي واڙي، اميري غريبي، سماجي زندگي، رسم ۽ رواج، قبيلا ۽ وٿاڻ، پکي، پرند، سپ بلائون، جهنگلي خواهہ گهريلو جانور. مطلب تہ شاهہ جي ڪلام مان هر اها شيءِ مولانا پهرين پنجن فصلن منجهہ آندي آهي، جنهن جو تعلق سنڌ ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ تمدن سان هو ڇهون فصل رسالي جي تدوين ۾ ان جي مختلف نسخن وغيره متعلق آهي. ستون فصل جيڪو نامڪمل رهجي ويو، سو آهي انهيءَ ڏارين ڪلام تي آهي، جيڪو رسالي اندر گڏجي ويو آهي. انهيءَ ٽئي فصل ۾ ڪجهہ اڳتي هلي هڪ فقرو اڃا لکي مس پورو ڪيو هئائين جو اوچتو اچي موت متائئس بيٺو!

كيو مطالعو مون، هو جو ورق وصال جو
تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري.
"شاهہ"

# سنڌ جي تاريخ تي گويا انسائيڪلو پيڊيا

مولانا دين محمد وفائي (رحہ) سنڌ جي مشاهير جي تاريخ ۽ ڪارنامن جو حافظ، سنڌي ادب، زبان، لغت ۽ انهن جي تقابلي مطالعي جو ماهر، سنڌي تصوف، سنڌي شاعري ۽ سنڌي فڪري معيار جو وڏو ڄاڻو، سنڌ جي تهذيبي روايتن ۽ سنڌ جي تاريخ تي گويا "انسائيڪلوپيڊيا" هو. سندس دماغ سنڌ جي بزرگن ۽ مشاهيرن جي ڪارنامن لاءِ گويا زنده ڪتبخاني جو ڪم ڏيندو هو.

(غلام محمد گرامي)

# سنڌ جي چرندڙ پرندڙ تاريخ

سنڌ جي تاريخ، علم ۽ ادب، قديم آثارن ۽ مشاهير بابت مولانا دين محمد وفائي (رحہ) جي معلومات ايتري تہ وسيع ۽ اهڙي صحيح ثابت هئي، جو کيس ڊاڪٽر علامہ دائود پوٽہ (رحہ) سنڌ جي چرندڙ پرندڙ تاريخ سڏيندو هو.

**(ڪريم بخش خالد)**

# سوانح
# مولانا دين محمد وفائي مرحوم

*نوٽ: علامه وفائي مرحوم جي سوانح عمريءَ جو مواد، مولانا جي خود نوشت سوانح عمريءَ ۽ بين اُهل قلم حضرات جي مضمونن تان ورتل آهي.*

سنڌ جي سرزمين پنهنجي تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ اهڙن بزرگن، محب وطن ۽ انسان دوست شخصيتن کي پئي جنم ڏنو آهي، جن جي پرخلوص ۽ بي انتها ڪوشش سبب، سنڌ جو نالو هميشه روشن ٿيندو رهيو آهي. انهن شخصيتن نه فقط سنڌ جي مخصوص تهذيب ۽ تمدن کي قائم رکيو بلڪ انساني تهذيب جي ارتقا جي خنده پيشانيءَ سان آڌرياءُ ڪندي، سنڌ ۽ سنڌين کي به دنيا جي انهن سڌريل ملڪن جي درجي تي پهچائڻ جون اڻٿڪ ڪوششون ڪيون، جن جي ڪري اُهي عزت ۽ وقعت جي نگاهه سان ڏسجڻ لڳا.

جيتوڻيڪ سنڌ جو هر دؤر ڪنهن نه ڪنهن مذهبي تهذيب ۾ علمي اهميت جو حامل آهي، پر ويهين صديءَ وارو دؤر سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي اهميت رکي ٿو جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. نه فقط سنڌ ۾ بلڪ سموريءَ دنيا ۾ هيءَ دور هڪ اهڙي حيثيت رکي ٿو جنهن جي شروع ٿيڻ تي دنيا پراڻيون راهون ڇڏي ڪري، هڪ نئين منزل جي راهه تي قدم رکي ٿي. هن دور ۾ وڏا وڏا انقلاب برپا ٿيا. شهنشاهيت جي قلعن جا ڪنگرا ڪري اچي پٽ پيا. علم و ادب ۾ نون نون نظرين ۽ اصولن کي قبول ڪيو ويو. سائنس جي گوناگون ايجادن ۽ کوجنائن، انسانن جي روزاني زندگيءَ ۾ اهڙا ته اثر پيدا ڪيا، جن جو نتيجو زندگيءَ جي هر هڪ شعبي ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو. جيئن ته

سنڌ ۾ انگريزن جو اقتدار هو. تنهن ڪري هتي به انهن نون اصولن ۽ نظرين جي تيزيءَ سان چرپر ٿيڻ لڳي، جن جي ڪري دنيا جي مهذب ملڪن ۾ اڳي ئي ٿرٿلو برپا هو. ويهين صديءَ جي شروع ۾ سنڌ ڪي هڪ ئي وقت اهڙين ديني، علمي، ادبي، سياسي، معاشرتي ۽ اصلاحي تحريڪن مان گذرڻو پيو جن جو مثال گذريل تاريخ ۾ ملي نٿو سگهي. انهن همہ گير تحريڪن سنڌ ۽ سنڌين تي اُهي نقش ڇڏيا آهن، جيڪي اڄ اسان کان لڪل ڪين آهن، پر انهن عالمگير تحريڪن جي پنيان، جن بزرگن ۽ مخلص شخصن ڪم پئي ڪيو سي جيڪڏهن نہ هجن ها تہ سنڌ انهن ڪاميابين کي ڪڏهن بہ حاصل نہ ڪري سگهي ها جيڪي هن وقت ڪيس حاصل آهن.

مولانا دين محمد وفائي رحہ بہ سنڌ جي اهڙين ئي اعليٰ شخصيتن مان هڪ هو جن جي بخشيل برڪتن تي جيترو بہ ناز ڪجي اوترو گهٽ آهي. مرحوم ”الوحيد“ اخبار ۽ ماهوار ”توحيد“ رسالي جو هر هڪ پرچو مولانا جي قومي خدمت ۽ بحر علمي جو بهترين مثال آهي. انهيءَ اخبار ۽ رسالي جي ذريعي مولانا صاحب سنڌ جي ديني، علمي، تهذيبي ۽ سياسي فلاح و بهبود بابت، هر هڪ سڌاري ۽ هر هڪ عملي قدم کان سنڌ جي ٻچي ٻچي کي واقف ۽ سجاڳ ڪرڻ جي لاءِ جيڪا اڻٿڪ ڪوشش ڪئي آهي، انهيءَ کي ڏسي سندس حب الوطني ۽ عملي بزرگيءَ جو ڏاڪو دل تي ڄمي ويجي ٿو. مولانا جو ”الوحيد“ اخبار سان ٽيويهن سالن تائين رشتو قائم رهيو ۽ انهن ٽيويهن سالن ۾ مولانا جيترو مواد علمي توڙي ادبي، سياسي توڙي ملڪي حالتن تي پيش ڪيو انهيءَ کي جيڪڏهن گڏ ڪري هڪ هنڌ ڪجي تہ هوند جلدن جا جلد ٺهي پون. ايئن نہ سمجهڻ گهرجي تہ مولانا پنهنجي زندگيءَ جو سمورو عرصو ”الوحيد“ جي ميز تي ويهي گذاريو. بلڪہ سندس سڄي حياتي سنڌ ۽ سنڌين جي سڌاري ۽ بهبوديءَ جي تحريڪن ۽ جدوجهد جي نذر ٿي ويئي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي بہ ڪا اهڙي خالص ديني، علمي ۽ اصلاحي تحريڪ شروع ٿيندي هئي تہ سواءِ ڪنهن پس و پيش جي ڏاڍي دلچسپيءَ سچائيءَ سان پنهنجي فرض ادائي ڪندا رهندا هئا.

مولانا دين محمد وفائي جي ولادت، تاريخ 27 رمضان المبارڪ سن 1311هہ ۾ سندس اباڻي ڳوٺ ڪتن عرف نبي آباد، تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ٿي. سندس والد جو نالو خليفو حڪيم گل محمد هو ۽ ذات جو پٺي هو جيڪو

پڻ پنهنجي دؤر جو وڏو حڪيم ۽ عالم هو. مولانا جي اوائلي تعليم سندس والد صاحب جي نظر هيٺ ٿي، جتي "پندنامه عطار" تائين فارسيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. اڃا نون ورهين جي چمار مس هئس ته، پيءُ جو سايو سر تان کڄي ويس ۽ سندس پرورش جو سمورو بار سندس مادر مهربان جي ڪلهن تي پيو. اهڙيءَ حالت ۾ مولانا پنهنجي علمي سلسلي کي ختم ڪرڻ نه ڏنو ۽ فارسيءَ جي رهيل تعليم پنهنجي عزيز ميانجي محمد عالم وٽ رهي پوري ڪئي، جيڪو پنهنجو دؤر ۽ وقت جو جيد عالم هو. ان بعد عربيءَ جي تحميل واسطي حضرت مولانا ابو الفيض غلام عمر صاحب جتوئيءَ جي شاگردي قبول ڪيائين. مولانا ابو الفيض پنهنجي ڳوٺ سوني جتوئي، تعلقي لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو. جنهن ڪري مولانا دين محمد پڻ سال 1325هه کان 1330هه تائين، اتي رهي پنجن سالن جي عرصي ۾ عربيءَ جي سيني ڪتابن، منطق ڪبريٰ جي رسالن ۽ ملا جلال ۽ مرزا زاهد جي تصنيفات کي پڑهي، تحميل علم کان فراغت حاصل ڪئي. ان وقت مولانا جي چمار اوڻيهه سال هئي ۽ انهيءَ دوران سندس شادي سڪر جي عزيزن مان ٿي، پر افسوس جو هڪ سال کان پوءِ مولانا جي گهرواريءَ وفات ڪئي. عربيءَ جي تعليم ختم ڪرڻ بعد مولانا ابو الفيض کيس ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ تعليم ڏيڻ جي لاءِ مشورو ڏنو ۽ مولانا حڪم جي تعميل ڪري سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ آيا. جتي ٻن سالن تائين تعليم ڏيندا رهيا. انهيءَ وچ ۾ مولانا جي ملاقات مخدوم حاجي حسن الله پاتائي رحمت الله عليه سان ٿي، جنهن جي محبت مان مولانا کي بيحد فيض حاصل ٿيو. انهيءَ وچ ۾ مولانا جي علمي بزرگيءَ جو چرچو سجيءَ سنڌ ۾ پکڙجي ويو جنهن کان متاثر ٿي سن 1332هه مطابق 1914ع، مولانا کي ڪراچي ڇڏي، جيلاني پير جي صاحبزادن کي تعليم ڏيڻ لاءِ راڻيپور وڃي رهڻو پيو. 1916ع ۾ اهڙو اتفاق ٿيو جو مولانا کي مجبورن راڻيپور کي ڇڏڻو پيو. راڻيپور ۾ رهائش جي دوران مولانا صاحب جي سڪر مان ٻي شادي ٿي، جنهن مان کيس اولاد پيدا ٿيو. راڻيپور کي ڇڏڻ کان پوءِ مولانا سڌت ئي ٺلاهه شريف (ضلع لاڙڪاڻو) ڏانهن روانو ٿيو جتي کيس پير سيد حاجي امام الدين شاهه راشديءَ جي فرزندن کي تعليم ڏيڻ جا فرائض سپرد ڪيا ويا هئا. مولانا صاحب جي هتي رهائش وارو زمانو به بزرگ ۽ علمي شخصيتن جي صحبت فيض اثر ۾ گذريو. انهن

بزرگن ۾ قدوت العارفين حضرت پير سيد محمد رشد الله رحمت الله عليه صاحب العلم (جهنڊي وارو) جو نام گرامي قابل ذڪر آهي.

هي زمانو دنيا جي افراتفريءَ جو زمانو هو. انهيءَ وقت پهرين مهاڀاري لڙائي اوج تي هئي، جنهن جي ڪري دنيا جو هر هڪ ماڻهو حيران ۽ پريشان هو. سنڌ جي حالت بہ ڪا چڱي ڪا نہ هئي، پر جنگ جي تباهين کان البت بچاءُ هو پر سياسي ناانصافي جي ڪري جيڪو مواد اندر ئي اندر جمع ٿي رهيو هو سو جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪدم ڦاٽي پيو. هن سلسلي ۾ جيڪا تحريڪ سيني کان اڳري هئي سا هئي "تحريڪ خلافت". جيئن تہ هن تحريڪ جو تعلق خاص طرح مسلمانن جي سياسي آزادي سان هو تنهن ڪري تحريڪ جي شروع ٿيندي ئي، مولانا صاحب ٽلاهہ شريف کي الوداع چئي، تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو. انهيءَ تحريڪ کي دٻائڻ جي لاءِ انگريز سرڪار هر ممڪن ڪوشش ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو انگريز دوست مُلي، مولوي فيض الڪريم، ترڪي جي خلافت جي برخلاف، حجاز جي شريف حسين جي فائدي ۾ هڪ رسالو لکيو جنهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، ڪن اسلام دشمن ماڻهن جي اونهين چالاڪين سان سنڌ جي ڪيترن ئي علمائن ۽ سجاده نشين کان انهيءَ تي صحيح وٺي، هزارن جي تعداد ۾ ڇپائي، عوام تائين پهچايو ويو جيئن ترڪيءَ جي حڪومت سان ماڻهن جي وڏندڙ همدردي ختم ٿئي ۽ انگريزن جي طرفدار شريف حسين جو بچاءُ ٿي سگهي. انهيءَ رسالي جي ڇپجڻ سبب سنڌ ۾ تحريڪ کي نقصان پهچڻ جو سخت انديشو هو ليڪن مولانا صاحب انهيءَ ڳالهہ کي هڪدم محسوس ڪيو ۽ مولانا شيخ عبدالعزيز (مالڪ اخبار "الحق"، سکر) سان گڏجي، رسالي جي برخلاف سخت پروپئگنڊا جو ڪم شروع ڪيو. ساڳئي وقت امروٽ شريف ۾ قدوت السالڪين حضرت مولانا سيد تاج محمود رحمت الله عليه جي نظرداري هيٺ انهيءَ رسالي "تحقيق الخلافت" جي رد ۾ "اظهارالڪرامت" نالي رسالو لکي تيار ڪيائين، جيڪو مارچ 1920ع ۾ لاڙڪاڻي جي خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي ڇپائي تقسيم ڪيو ويو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مولانا ابوالڪلام "آزاد"، مرحوم مولانا عبدالباري لکنوي ۽ مولانا شوڪت علي شريڪ ٿيا هئا. جلد ئي مولانا کي جمعيت العلماء سنڌ جو ناظم مقرر ڪيو ويو جنهن ڪري پاڻ

هميشہ لاءِ ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

مولانا جي زندگيءَ جو ڪراچيءَ ۾ رهائش وارو حصو خاصي اهميت رکي ٿو. خاص ڪري سنڌي صحافت. صحيح معنيٰ ۾ انهيءَ دؤر ۾ ئي وجود ۾ آئي. ان وقت نہ ڪي سنڌي اخبارون ۽ رسالا گهٽي تعداد ۾ ۽ اعليٰ معيار جا هئا ۽ نہ وري ماڻهن کي صحافت سان دلچسپي هئي. ايتري تائين جو پڙهيل طبقي جو بہ انهيءَ ڏانهن ڪو خاص ڌيان ڪو نہ هو. اهوئي دور هو جڏهن مولانا صاحب سنڌي صحافت کي سنوارڻ جو ڪم پنهنجي سر ڪنيو. هونئن تہ طالب العلميءَ جي زماني کان وٺي ئي مولانا جي صحافت سان دلچسپي هئي، پر انهي دلچسپيءَ کي عملي صورت ۾ آڻڻ جو ڪارڻ، بقول مولانا صاحب، مولوي عبدالله صاحب ميرپوري (جهنبدائي) ئي هو. ٻئي طرف وري شيخ عبدالعزيز محمد سليمان، مالڪ اخبار "الحق" سکر، جي همت افزائي مولانا صاحب کي مضمونن لکڻ جي مشق تي آماده ڪيو. راٽيپور واري زماني ۾ قاديانين جي رد ۾ هڪ رسالو "صحيفۂ قادريہ" جي نالي سان شايع ٿيو ۽ ٺلاهہ جي رهائش واري دور ۾ پير سيد عبدالغفار شاهہ راشدي جي سرپرستيءَ هيٺ "الڪاشف" ماهوار رسالو وجود ۾ آيو. هنن ٻنهي رسالن ۾ مولانا صاحب پوري دلچسپيءَ ۽ تندهيءَ سان ڪم ڪيو. مارچ سن 1920ع ۾ ڪراچي مان روزانہ "الوحيد" جو اجراءَ ٿيو. تڏهن مولانا کي اخبار جو معاون مدير مقرر ڪيو ويو. سال 1923ع ۾ مولانا صاحب پنهنجي ادارت هيٺ "توحيد" رسالو جاري ڪيو. انهيءَ زماني ۾ مولانا صاحب جي مصروفيت جو هي عالم هوندو هو. جيڪو هڪ طرف "الوحيد" کي مڪمل ڪرڻ لاءِ سلپ پيو موڪليندو هو تہ ٻئي طرف وري ماهوار "توحيد" جي لاءِ علمي، ادبي ۽ ديني مباحثا ۽ تاريخي مضمون بہ پيو قلمبند ڪندو هو. ساڳئي وقت وري بزرگن ۽ عالمن جي ڪچهري جدا پئي هلندي هئي، جنهن ۾ ديني، ادبي ۽ سياسي مسئلن تي زبردست بحث مباحثا ٿيندا هئا. جلد ئي سن 1936ع ۾سنڌ، بمبئي پرڳڻي کان جدا ٿي، عليحدي صوبي جي صورت اختيار ڪئي. انهيءَ مبارڪ موقعي تي "الوحيد" اخبار پنهنجو هڪ خاص نمبر پڌرو ڪيو. جنهن ۾ سنڌ جي گذريل تاريخ، تهذيب ۽ علم و ادب تي بهترين شهپارا شامل ڪيا ويا. سنڌ جي صحافت ۾ هن وقت تائين "الوحيد" جو "سنڌ۔ آزاد" نمبر هڪ زبردست اهميت جو حامل پرچو آهي ۽ هن جهڙو مثال سنڌ جي سموريءَ صحافت ۾

هرگز هرگز ملي نہ سگهندو. انهيءَ نمبر ۾ سنڌ جي تاريخ، علم و ادب ۽ سنڌي بزرگن ۽ عالمن ۽ سنڌي معاشري جي هر حصي تي گوناگون مضمون ۽ مقالا موجود آهن. جيڪي گهڻي انداز ۾ مولانا صاحب جي قلم جا مرهون منت آهن. انهيءَ دوران مولانا صاحب کي سن 1926 ۾ سنجوڳي شيخن ۾ تبليغي ڪم جي سلسلي ۾ هڪ سال لاءِ ڪراچيءَ کان ٻاهر رهڻو پيو. جنهن ڪري ماهوار رسالو "توحيد" بند ٿي ويو. سن 1927ع ۾ مولانا صاحب مرحوم، پير سيد حزب الله شاهہ عرف جيئل شاهہ شهيد جي سرپرستي هيٺ سکر مان هفتيوار اخبار "الحزب" جاري ڪئي، پر اها گهڻو وقت هلي نہ سگهي ۽ ستت ئي مولانا صاحب کي "الوحيد" اخبار ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ واپس گهرايو ويو.

سن 1934ع ۾ مولانا صاحب ماهوار "توحيد" رسالو وري نئين سر جاري ڪيو. جيڪو سندن حياتيءَ جي آخرين گهڙين تائين برابر ظاهر ٿيندو رهيو. ان کان پوءِ بہ سندس نوجوان فرزند ميان علي نواز وفائي لاڳيتو ٽي سال جاري رکندو آيو. سن 1939ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي صاحب سنڌ ۾ واپس موٽي آيو ۽ سنڌ ۾ بہ عبداللهي تحريڪ شروع ڪيائين. مولانا صاحب انهيءَ تحريڪ جو هڪ سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو. ايتريقدر جو سال 1943ع ۾ تحريڪ سان والهانہ محبت هئڻ سبب ڪيس "الوحيد" سان لاڳيتين ٽيويهن سالن جي پراڻن رشتن کي بہ ٽوڙڻو پيو. "الوحيد" کان علحده ٿي مولانا مرحوم الله بخش سومري جي جاري ڪيل روزاني اخبار "آزاد" جي اداري ۾ شريڪ ٿيو.

مولانا صاحب پنهنجي حياتيءَ جي انهيءَ عرصي ۾ اخباري زندگيءَ ۾ سخت مصروف رهڻ کان پوءِ بہ ڪيترائي مذهبي، علمي ۽ ادبي ڪتاب تنصيف ڪيا، جن ۾ هيٺيان ڪتاب قابل قدر آهن: 1) تاريخ محمد مصطفي صہ 2) صديق اڪبر، 3) فاروق اعظم، 4) سيرت عثمان، 5) حيدر ڪرار، 6) خاتون جنت، 7) غوث اعظم، 8) نو مسلم هندو راڻيون، 9) راحت الروح تذڪروه مخدوم نوح هالائي، 10) توحيد اسلام ترجمو تقويت الايمان، 11) اعتقاد صحيح (مذهب اهل حديث)، 12) مقصد زندگي (فلسفہ علم نفس)، 13) الختم علي فم الخصم (رد قادياني)، 14) لاجواب تحرير، 15) قرآني صداقت، 16) هندو ڌرم ۽ قرباني(رد آريہ و هنود)، 17) الهام الباري ترجمہ تجريد البخاري پنج جلد، 18) ترجمہ فتح الغيب (تصوف۔

نامڪمل)، 19) تذڪره مشاهير سنڌ، 20) اظهار الڪرامت في مسئلہ الخلافت والامامت (اسلامي سياست)، 21 اذڪار حسين (رد شيعہ).

متين ڪتابن مان گهڻا ڪتاب ڇپيل آهن جيڪي، ناياب بہ ٿيا آهن. انهن کان سواءِ گهڻا ئي ڪتاب اڃا مسودن جي صورت ۾ هئا، جن مان گهڻو تعداد ضايع ٿي ويو. مولانا صاحب جي سڀ کان اهم تصنيف "تذڪره مشاهير سنڌ" آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اعليٰ ۽ مقتدر شخصيتن جي زندگيءَ جو احوال هڪ هنڌ جمع ڪيل آهي. هيءُ ڪتاب مسودي جي صورت ۾ سال 1944ع ۾ چورائجي ويو. مولانا صاحبؒ کي انهيءَ تصنيف جي ضايع ٿيڻ جو سخت صدمو پهتو، ليڪن مولانا صاحب جنوري 1945ع ۾ انهيءَ ڪتاب کي وري نئين سر لکڻ شروع ڪيو جنهن ۾ 1946ع تائين اوائل اسلام کان وٺي سنڌ جي ڏيڍ سئو بزرگن، صوفين، عالمن ۽ شاعرن جا احوال جمع ڪيا هئائين. انهيءَ کان سواءِ اڃا بہ ٽن سون کان وڌيڪ سنڌي بزرگن جا حالات منتشر حالات ۾ وٽس موجود هئا، جن کي هٿ ڪرڻ لاءِ مولانا صاحب سنڌ جا ڪيترائي قديم ڪتبخانہ ڏٺا هئا. انهن ڪتابن کانسواءِ مولانا صاحب جا اهي بيشمار علمي ۽ تحقيقي متفرق مقالا وغيره علحده آهن، جيڪي ماهوار "توحيد" جي ويهن سالن جي پرچن ۾ پکڙيا پيا آهن. مولانا صاحب فارسي ۽ عربيءَ جو جيد عالم ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ماهر هو. سندس سنڌي لکڻي جي هڪ خاص خوبي هيءَ آهي، جو هر پڙهيل توڙي اڻپڙهيل ان مان هڪ جيترو فائدو وٺي ٿو سگهي. فارسيءَ ۽ عربيءَ جا اکر بہ اهڙيءَ طرح تہ استعمال ڪيا اٿس جو سنڌي جي سونهن ويتر وڌي ويئي آهي. مولانا صاحب نثر نويسي سان گڏ شاعريءَ جو بہ هڪ سهڻو مذاق رکندو هو. سندس تخلص "وفائي" هو. اوائلي دور ۾ ڪجهہ شعر و شاعري بہ ڪيائون. سندس پهريون شعر ڪراچيءَ مان نڪرندڙ قديم سنڌي ماهوار رسالي "الاسلام" ۾ 1913ع ۾ شايع ٿيو. "امداد يتيمان" جي عنوان سان نظم بہ مولانا صاحب جي تصنيف آهي. اخباري ۽ قومي مصروفيت سبب، شاعريءَ جو شغل گهڻو وقت رهي نہ سگهيو انهيءَ هوندي بہ جيڪا شاعري ڪئي اٿن، ان ۾ گهڻي قدر قومي رنگ موجود آهي. البت، رسالي "توحيد" ۾ جابجا تاريخي قطعات نظر اچن ٿا، جيڪي مولانا صاحب پنهنجي دوستن ۽ عزيزن جي وفات تي قلمبند ڪيا هئا. مولانا صاحب جي آخري

تصنيف "لطف اللطيف" مولانا صاحب پنهنجي وفات کان اڳ ٽن مهينن جي مختصر عرصي ۾ ماهه سيپٽمبر کان نومبر 1949ع تائين لکي ختم ڪيو ۽ سندس حياتيءَ ۾ ئي ڇپجڻ شروع ٿي ويو پر ڪتاب جي مڪمل ڇپجڻ کان اڳي ئي مولانا صاحب وفات ڪري ويو.

سن 1942ع ۾ سنڌ سرڪار سنڌي ادب جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هڪ "سنڌي مرڪزي بورڊ" قائم ڪيو جنهن سنڌي لغت ٺاهڻ لاءِ هڪ رٿ پيش ڪئي. انهيءَ رٿ کي پايه تڪميل تي پهچائڻ لاءِ ڇهن ميمبرن جي هڪ لغت ڪميٽي ٺاهي ويئي. انهيءَ ڪميٽيءَ جو هڪ ميمبر مولانا صاحب به هو. ايتري ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو ۽ سنڌ سرڪار اسڪولي سنڌي ڪتابن کي نئين سر جوڙڻ لاءِ جنوري 1949ع ۾ هڪ ڪميٽي ٺاهي، جنهن ۾ پڻ مولانا صاحب کي شامل ڪيو ويو. هن ڪميٽيءَ کي حيدرآباد ۾ رهي ڪم ڪرڻو هو پر حيدرآباد ۾ پهچڻ کان پوءِ مولانا صاحب ڊبل نمونيا ۾ مبتلا ٿي پيو ۽ ڪميٽي ۾ شريڪ ٿي نه سگهيو. مولانا صاحب کي گهڻي عرصي تائين هيءَ بيماري هلي، پر انهيءَ مان به اٿي ڪڙو ٿيو. سندس صحتيابي کان پوءِ طبيعت وري خراب ٿيڻ لڳي ۽ آخر 22 جماد الاخر 1369هه برابر 10 اپريل 1950ع ۾ اڱاري رات هن دار فاني مان دارالبقا ڏانهن لاڏاڻو ڪيائين.

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ

# قطعئه تاريخ وفات

## (از دين محمد "اديب" فيروزشاهي)

اج هاءِ لڏي ويو "وفائي"
سنڌيءَ جي سَندَ اديب دوران
اي هاءِ حبيب ٿي جدا ويو
دنيا مان ويو-ويو وڃڻ ڪان.
دل چُور هئي اڳي غمن ڪان،
زخمن تي لڳو هي زهري پيڪان.
موتي نہ وري، وڃي هٿان جو
ٿئي ان جو ملڻ مرڻ پڇاڻان.
دنياءِ ادب ۾ حادثو آهہ
ناقابل صبر آهہ نقصان.
اج ڪيري ڪرءِ ادب جي خدمت،
هي باغ ٿيو ادب جو ويران.
مشاط عروسِ فڪر ماهر،
هو سحر نگار سنڌي سحبان.
منجهہ اثر انهيءَ جو پايو عالي،
همپايہ نہ ان جو ڪو نمايان.
تاريخ نويس، علم جويا،
ان نڪتي سموهيا پريشان.
تازي و دري ۾ دُرفشان هو،
هو دُر ادب جو بحر عمان.

هي باغ ادب جو باغبان هو
هو باغ سخت جو ابرِ نيسان.
ان شاهہ لطيف جو لکيو حال،
ان ڪار کي شاهڪار ڄاڻان.
جرئت سان چيائين حق جو ڪلمو
جرئت تي سندس، جريءَ حيران.
منجهہ وقت خلافت جي ڪئي جنگ
اُن جنگ جي لاءِ مرد ميدان.
پرواهہ نہ ڪيائين جيل جِي ڪا،
پروانہ جان باهہ ۾ وڌائين جان.
هن، طرز تي ڪيو ڪم
ورچيو نہ ڪڏهن هو پنهنجي ڪم کان.
هو محڪم عزم، عالي همت،
مٽ ان جو هجي ڪو ورلي انسان.
مردن جو هو ڪال اڳ گهٽو ئي،
هيڪاري وڌيو سندس وڃڻ کان.
اميدون هيون منجهس گهڻيئي،
سڀ خاڪ ٿيون دريغ ارمان!
ماتم ٿيو محفلِ ادب ۾،
ماتم ڪده آهہ بزمِ عرفان.
بيگاني يگاني کي سندس غم،
ان درد کان اهل ذوق لرزان.
دل ديده رُئن، جگر تيو داغ،
هن سوز کان صاف سينو سوزان.
مشرب ۾ عميق فرق هوندي،
ٿيا دل جا وسيع، تنگ غم کان.
بخشيس تصور ٻاجهہ وارو
بخشيس تصور حور غلمان.

ڪو لطف جو پاڇو قائم ان تي،
نت ان تي وساءِ ابر احسان.
آغوش ڪرم ۾ وٺ ڪريما!
بديون بدلاءِ نيڪين سان.
ٿئي حڪم نجات لاءِ جاري،
منجهه خلد برين وڃي خرامان.
سال آهه- "باغهائي فردوس"،
فردوس ۾ ڏينس باغ بستان.
مقبول "اديب" جي دعا ڪر،
ايمان سان لڏاءِ هن جهان مان!

# مولانا دین محمد وفائی

مولانا دین محمد وفائی (مرحوم) سندھ کے عظیم سپوت تھے۔ وہ بہ یک وقت، صحافی، تذکرہ نگار مؤرخ، عالم دین، مصلح اور سندھ کی ثقافت کی ایک نمائندہ شخصیت تھے۔ انہوں نے نہ صرف سندھ میں تحریک آزادی کو پروان چڑھایا، بلکہ سندھ میں علمی، ادبی، تاریخی اور ثقافتی تحریک پیدا کی۔ انہوں نے بلند پایہ صحافت کا نمونہ نہ پیش کیا۔

مرحوم مولانا دین محمد وفائی کی شخصیت، خدمات اور ان کی سیرت کا مطالعہ، ملک میں سندھ کی زبان، تہذیب، روایات اور تاریخ اور یہاں کے اکابر کے مطالعے کا شوق پیدا کرے گا اور وطن سے اور اس کی ہر چیز سے محبت اور اس کے لیے فدایت کا ایک نیا جذبہ پیدا کرے گا۔ ان کی سوانح حیات سندھ کے ایک خاص دور کی علمی، تہذیبی، سیاسی اور اصلاحی تحریکات کی ایک تاریخ ہوگی۔ ان پر اردو میں کتاب وقت کی اہم ترین ضرورت ہے۔

ابوسلمان شاھجہانپوری

# متن
# شاهه جي رسالي جو مطالعو

فصل پهريون

# شاهه صاحب جي وقت ۾ سنڌ جي انقلابي حالت

حضرت شاهه عبداللطيف رحه جو زمانو سنڌ ۾ هڪ وڏو ڳرو انقلابي زمانو آهي. سلطان عالمگير جي وفات وقت شاهه صاحب جي ڄمار سورنهن سال جي هئي ۽ مغل سلطنت جا گورنر، اڪبر اعظم جي زماني کان وٺي جو سنڌ ۾ مقرر ٿيندا ايندا هئا، تن جو سلسلو شاهه صاحب جي سامهون ڪپجي ويو هو ۽ سنڌ جي حڪومت جا سمورا اختيار ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حوالي ٿي چڪا هئا. ميان نور محمد پنهنجي طاقت سان سموري سنڌ تي قبضو ڪري ورتو هو جنهن ۾ هاڻوڪي بلوچستان جو سبي تائين وارو حصو به اچي وڃي ٿو. هوڏانهن سلطان عالمگير جي وفات سنه 1706ع مطابق 1118هه کان پوءِ عالمگير جي همه گير انتظام کي سندس پويان نه سنڀالي سگهيا ۽ نه وري هنن ۾ اها لياقت ٿي هئي.

اڪبر اعظم جي زماني کان وٺي جو "همه اوست" جو فلسفو هندستان ۾ پکڙجي رهيو هو تنهن مان ڪي بي سمجهه غلط معائنئون ڪڍي، گمراهه ٿيڻ لڳا ۽ اسلامي واٽ کان ٿڪڙ لڳا. انهي ساڳئي صوفياڻي فلسفي جي مقابلي ۾ امام رباني جي فرزندن "همه اوست" جو فلسفو پيش ڪيو. عالمگير اورنگزيب عام رعايا جو لاڙو امام رباني جي فلسفي ڏانهن ڏسندي، پنهنجي حڪومتي انتظام کي قائم رکڻ لاءِ، هن پوئين فلسفي جي تائيد ڪئي. انهيءَ فلسفي وارا، يعني نقشبندي طريقي جا پوئلڳ ۽ سندن اڳواڻ ظاهري شرعي حڪمن جا ڏاڍا پائبند هئا ۽ بادشاهه به هڪ وڏو ديندار ماڻهو هو جنهن ڪري هڪ طرف هندن کي اها ڳالهه ڳري لڳي ٿي، جو سندن دل گهريو ويدانت فلسفي يا همه اوست واري خيال کي ڌڪ لڳي رهيو هو ۽ ٻئي طرف کان ايراني (شيعن) اميرن ۽ توراني (حنفي سنين) سردارن جو اختلاف وڌي رهيو هو. بادشاهه عالمگير جي پوين ۾ ايترو حوصلو ٿي ڪو نه هو جو سموري هندستان جي انتظام کي سنڀالي قابو ۾ آڻي سگهن، جنهن ڪري

شاهه صاحب عام شاعرن وانگي ڪنهن به عاشقانه قصي کي ترتيب وار بيان نٿو ڪري، منڍ کان وٺي پڇاڙي تائين جيئن قصو ٿي گذريو آهي، تيئن نٿو ٻڌائي پر، هڪ نئون ۽ نرالو رستو وٺي ٿو. سنڌ جي ماڻهن کي ڄڻ هڪ واقعو پوري طرح ڄاڻ ۾ آيل آهي. هو چڱي ريت هن کان سڃاڻ آهن. شاهه صاحب انهيءَ اڳ ۾ ئي ڄاتل ڪهاڻي کي نظم جي لڙهي ۾ پوئڻ شروع ڪري ٿو. ڪٿي سهڻيءَ جي سهاڳ ۽ ڏهاڳ ۽ لس لهرين ۾ لڙهڻ جو بيان ڪندو وڃي ٿو ڪٿي سسئي جي جهنگ جبل جالڻ ۽ فراق جي ڦوڙائن جو دردمنداڻو داستان آڻي ٿو، ڪٿي مارئي جي سيل ۽ ست ۽ عمر جي پاڪ حياتيءَ جو اهڙي انداز ۾ ذڪر ڪري ٿو جو ڄڻ اهي ڪهاڻيون اڳ ۾ ئي تفصيل وار ماڻهن کي معلوم آهن ۽ شاهه صاحب ٻڌل ۽ ڄاتل شيءِ کي هڪ نرالي انداز ۾ ۾ نروار ڪري رهيو آهي. قرآن مجيد جو به ساڳيو انداز بيان آهي، گذريل زماني جي قومن ۽ ماڻهن جي افعالن ۽ ڪرتوتن جي ڪهاڻي ۽ ان جي نتيجن جو جتي به بيان اچي ٿو ان جو نمونو اهڙو رکيل آهي جڻ ته اهي واقعا اڳ ۾ ئي ماڻهن کي معلوم آهي، هاڻي فقط هنن کي نتيجن کان خبردار ڪيو وڃي ٿو. ان رنگ ۾ ڪنهن ڳالهه جو بيان ڪرڻ ۾ علم بلاغي يا فصاحت جو وڏو راز سمايل آهي، جنهن جو بيان اسان اڳتي هلي ڪنهن ٻئي هنڌ ڪنداسين.

شاهه صاحب جو سندر ڪلام سندس حياتيءَ ۾ ئي هنڌين ماڳين هلي ويو ۽ سڀ ڪنهن صحبت ۽ سنگت ۾ هي ڪلام ڳائڻ ۽ مثال طور پيش ڪرڻ ۾ آيو ٿي. سنڌ وارن جون اکيون کلنديون رهيون ته اسان ڏارين جي ڪاهن ڪري پاڻ کي وساري وينا هئاسين ته ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون. سنڌ ئي آهن جنهن ۾ عشق جون آکاڻيون آهن. جنهن کي پنهنجي تهذيب آهي جنهن ۾ صحيح تصوف آهي ۽ پنهنجي پريم واري مايه دار ٻولي آهي، پنهنجي شاعري آهي. سنڌ ۾ جو فارسي جي رواج ڪري سنڌي زبان ڏانهن هڪ نفرت پيدا ٿيل هئي، سا شاهه صاحب جي ڪلام واري ڪرامت سان محبت سان بدلجڻ لڳي.

هندن کي جو ڪن اڪرن اچارڻ ڪري مسلمان ٿيڻ مجبور ڪيو ويندو هو سي به شاهه صاحب جي ڪلام کي پنهنجو سمجهي سنڌ ۽ سنڌ وارن کي پنهنجو سمجهڻ لڳا. ويدانت فلسفي جي رنگ ۾ هندن جي واتان اسلام جون اهم ڳالهيون چورايون ويون آهن جي هوند مذهبي ماڻهو سموري ڄمار متو ڪپائين ته به هڪ هندو کان ان جو اقرار ڪرائي نه سگهن.

وحده وڏيا الاالله اڏ ڪيا،
محمد رسول الله چئي مسلمان ٿيا،
عاشق عبداللطيف چئي انهي پهه پيا،
تيلان ڏٺي ڏٺا، جيلان وحدت ويا گڏجي.
آڳي ڪيا اڳ ڪهين نسورو ٿي نور،
خوف عليهم ولاهم يحزنون، سچن ڪونهي سور،
موليٰ ڪيو معمور، انگ ازل ۾ ان جو.

الله جي هيڪڙائي ۽ رسول الله ﷺ جي رسالت جي قبوليت ۽ قرآن شريف جون آيتون، شاهه صاحب هندن جي واتان بہ ان ريت چوائي ٿو جيئن هڪ مسلمان چوي يا ان جو اقدار ڪري. هوڏانهن اهي اقرار جيڪڏهن شاهه صاحب جي زماني ۾ ڪنهن مذهبي ماڻهو جي اڳيان ڪو غير مسلمان ڪري ها تہ، جهٽ مٽس مسلمان هجڻ جي فتويٰ ڏيئي کيس مجبور ڪيو وڃي ها تہ اٿي اسان جي پر ۾ گڏجي رهہ.

شاهه صاحب پنهنجي زماني وارين نرالين حالتن کي سامهون رکندي، نہ فقط سنڌ وارن کي ڌارين جي غلامي کان آزاد رهڻ لاءِ آواز بلند ڪيو پر، ان سان گڏ صوفيانہ رنگ ۾ سنڌ جي هندن کي بہ ان حد تائين پنهنجي ويجهو آندو جو هو شاهه صاحب جي ٻولي ۾ اهو سڀ ڪجهہ چوڻ لڳا، جو هڪ پڪو موحد مسلمان کلي دل سان چئي سگهي.

ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ڏاکڙن ۽ انقلابي زماني کان پوءِ سندن پٽن ۾ گادي جي سوال تان اختلاف پيدا ٿيو. ميان محمد مراد وڏو فرزند هو پر عام راءِ ميان غلام شاهه ننڍي پٽ جي فائدي ۾ هئي. ميان غلام شاهه پنهنجي والده سميت شاهه صاحب جو ڏاڍو معتقد ۽ پڪي ويساهہ وارو هو. جيتوڻيڪ هو گادي تي شاهه صاحب جي وفات کان پوءِ سنہ ١١٧١هہ ۾ ويٺو مگر سندس عدل، انصاف ۽ رحمدلي ڪري سموري سنڌ وارا ساڻس سازگار هئا، ميان غلام شاهه کان اڳ ۾ سندس وڏو ڀاءُ ميان محمد مراد سنڌ جو والي ٿيو مگر هن ۾ حڪمراني جي پوري لياقت ۽ ڪامل قابليت ڪا نہ هئي، جنهن ڪري هو صاحب تڏجي ويو ۽ ميان غلام شاهه جو صاحبزادگي جي وقت ۾ ٿي ماڻهن وٽ پيارو هو سو گادي نشين بڻايو ويو. ميان عطر اختلاف جو علم بلند ڪيو مگر اهو بہ هارائي ميدان خالي ڪري ويو. هاڻي فقط ميان غلام شاهه هو جنهن

ليٽيون لڳيون پيون هونديون هيون. ملڪ ۾ وڏا وڏا ٻيلا ۽ جهنگل هوندا هئا. درياءَ جي ڪنڌي سان چاهنڪ ۽ ڪانهہ بہ جام ٻيٺا هوندا هئا. جتي مالدارن جي مينهن جا وڳ پيا چرندا هئا. ميهارن جون مينهون دريائي ٻيلن ۾ چرنديون ۽ ميهارن جي تنوارن تي ڪن ڏينديون هيون:

چاهڪ چري، تار تري، آيون متي آر،
ڪوڙئين ڪر ڪٽنديون، سٽي سڌ ڏرار.

مينهن جا بہ ڪيئي قسم هوندا هئا، جن سان ٻيلا پيا ٻهہ ٻهہ ڪندا هئا، شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڪاريون ڪنڌيون ڪڪيون، وارا ڪيون وين،
جوءِ جا جانارن جي ٻيلا ٻهہ ٻهہ ڪن.

انهيءَ زماني ۾ مينهن کي جيڪي ساز پاتا ويندا هئا، تن ۾ ننڍي قسم جا چڙا بہ هوندا هئا:

محبتي ميهار جي، چڙن چوريا چاڪ

چڙن کان پوءِ وڏا ڏنير يا وڏا چڙا مينهن کي پائيندا هئا، جن کي ڪرڪي يا گهنڊ بہ چيو وڃي ٿو:

ڪرڪن خوش ڪيا، محبتي ميهار جي

گهنڊ جو آواز تہ ميل ڪن تي مانيٽي جهنگل ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي:

ڪيڏانهن گهنڊ گڙن، ڪيڏانهن اتي ويہون.

انهن سازن کان سواءِ ٻين وڏن چڙن جو قسم سانير يا سانيارا بہ آهن، جن جو آواز ستل ماڻهوءَ کي سجاڳ ڪري وجهي ٿو:

ستي جاڳاياس، سانير سپرينءَ جي.

---

هن ير سيم هوءِ، ستي سانيارن جي.

ننڍي چڙيءَ يا وڏي چڙيءَ کي جيڪا شيءِ ٽڪ لڳڻ سان ٻولائي يا پڙلاءُ پيدا ڪري ٿي، ان کي چئبو آهي ”لار“. شاهہ صاحب ان تي بہ ويهي

ويچار ڪيو آهي:

لارن جا لنؤن لائي، سا ڪيئن آڇيان عام.

لاري سانپر جي سڱ يا پڪي ڪاٺي جي ٺهيل ٺيندي آهي، جا ڇڙيءَ جي اندرين گولائيءَ ۾ ڇلي سان لٽڪائي ڇڏبي آهي.

ميهار پنهنجن مينهن کي مڇرن کان بچائڻ لاءِ دونهون دکائيندا ۽ ٻاهيون ٻاريندا هئا. مهمان يا مسافر دونهين جي وسئون تي لنگهي اچي ميهار وٽ آجهاپا ڪندا هئا:

دونهين دوست ميهار جي، ڏئي جيئن ڏٺائين.

شاهه صاحب هتي ڪاري دونهين دوست جي کي ڏئي سان تشبيهه ڏيئي ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي:

هوءَ جا ٻري باهه، مَنهَن ميهارن جي.

سنڌ وارن جو سنڌو نديءَ سان ساهيپو رهندو آيو آهي. سنڌو نديءَ کي اڪرڻ لاءِ مڪڙي يا ملاح نه ملندو هون ته پوءِ سيٺهه، سانڊارو سنڌ يا ترهو ترڻ لاءِ ڪم آڻيندا هئا، پر جيڪڏهن اهي نه هٿ ايندا هون ته پوءِ گهڙو ڪٺي گهڙي پوندا هئا. سهڻي جي سر مان فرمائي ٿو ته:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ڪري الله توهار.

ننڍن واهڙن تي به ٻيڙيون هونديون يا وڏا نوڙ آرپار ٻڌي ڇڏيندا هئا. پوءِ لٺا لاهي مولهياتي وانگي ٻڌي پاڻيءَ ۾ گهڙي پوندا هئا. سهڻي ويچاريءَ کي اهو سمورا وسيلا ڪونه هئا. جنهن تي شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

نه ملاح نه مڪڙي، نڪي ٻڌائون نوڙ

موهائي جو بيان شاهه صاحب هيٺئين شعر ۾ ڪيو آهي:

گهڙو ڀڳو تان گهوريو ڀڃي تام گهڙي،
مولهاتو محب جو ڀڃي ٿيو ڀري،
مٿان وير وري، ساهڙ ڏنم سڏڙا.

ساوڻ جي برسات ۾ ساوڪ ۽ سبزي ٿئي تي ۽ مينهن ۾ کير مکڻ جام ٿئي ٿو. شاهه صاحب ٻهراڙيءَ ۾ اهي نظارا ويهي اکين سان ڏٺا آهن ۽ سنڌ جي

ويندو اٿس. شاهه صاحب جي زماني ۾ ايئن نه هو جو ان به ارزان ٿئي ٿو ۽ مکڻ به ماٺيءَ ۾ آهي، پر تنهن هوندي به ڪلمو ياد آهي ۽ ڪلمي سان ماڻهو پنهنجن قلبن تان ڪس لاهي رهيا آهن. ماهي مال کان پوءِ ڳائي جو نمبر آهي، پر شاهه صاحب جي پريت ماهي مال سان گهٽي آهي، جنهن ڪري ڳنوارن جو بيان ڏاڍو گهٽ ڪري ٿو. برسات پوي ٿي، ماڻهو خوشيءَ ۾ نٽا ماپن، سنگهاريون ڏاڍيون سرهيون آهن. ڳنوار به پنهنجي مال چارڻ جون ڳالهيون پيا ڪن:

وري وڏي وس جون ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چوي سين، آهي توتي آسرو.

سنڌي ماڻهو تمام پلا ڏاند به ڌاريندا هئا، جن جي ياج جو بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

ڏاندن سان سيد چئي، ڪي پياديون پهچن.

وهڙن، يعني ننڍن نيٽن ڏاندن جو به نالو آڻي ٿو.

هٽي چيلهه چرون ڪئي وه پئي وهڙن.

## سنڌ جو اوٺو مال

عرب ديس وانگي، سنڌ ۾ اوٺو مال به شاهه صاحب جي زماني ۾ عام جام هو. ماڻهو ڪيتيءَ جو ڪم به انن کان وٺندا هئا ۽ واپار لاءِ به اُنن جا قافلا ڪم ايندا هئا. سنڌ کان نڪري، اهي قافلا هڪ طرف ڪڇ ڀڄ ۽ ڪاٺياواڙ ڏانهن مال کڻي ويندا هئا ته، ٻئي طرف قنڌار ۽ هرات وڃي دنگ ڪندا هئا. اُٺ خشڪي جي ٻيڙي آهي جو هفتن جا هفتا اڃ ۽ بک ۾، پٺيءَ تي مال لڏيو هلندو رهي، ديس پرديس ماڻيندو وتي. سنڌ ۾ اُنن تي واپار کان سواءِ پيا ڏگها سفر جهنگلن ۽ جبلن، برن پٽن جا اُنن جي وسيلي ڪيا ويندا هئا، جنهن ڪري سنڌي ماڻهن جو انن سان هڪ قسم جو چاهه ۽ پيار هوندو هو. انن جي قافلن جون پرديس ۾ قطارون ڪاهي هلندا هئا. مسافرن کي تاڪيد ڪيو ويندو هو ته قطار کان ڪيچي نه وڃن، متان لوڙائن جي ور چڙهي وڃن پوءِ هٿ هٽڻا پون:

ڇڇ م قطاران، ساٿ چڙهندو لڪئين،

مچرڻ ٿئين پويان، وڳ واٽ نہ لهين.

سنڌ ۾ گهليون ۽ غنيم گهوڙن تي چڙهي اچي گهيرا وجهندا هئا، هاڃا هٽي رمندا هئا، پر ڪڏهن ڪڏهن اُنن جي وسيلي بہ اهڙا واقعا ٿي گذريا هئا، پر تمام ٿورا. چو تہ اٺ ڀاڇوڪڙ جانور آهي تنهن ڪري ڌاڙيلن کي گهڻو گهٽ ڪم ايندو آهي، سسئي جي واتان شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

گهوڙن هنئين سيڪا، اُنن هنئين آئون.

جيئن عربن وٽ شينهن، ترار ۽ اُٺ جا ڪيترائي جدا جدا نالا آهن، تيئن سنڌ ۾ اُٺ جا بہ ڪيترائي نالا رکيل آهن. هن وقت اوٺي مال جو اڳين سمي جيترو چلاءُ ڪو نہ آهي، جنهن ڪري هنن جو سماءُ بہ ڪونهي. شاهہ صاحب جي وقت سنڌ ۾ اُنن کي جن جدا جدا نالن سان سڏيندا هئا، تن جو سندس ڪلام مان پتو پروڙي سگهجي ٿو. (1) اُٺ کي ڪرهو ڪوهل، ڪرهہ بہ سڏيندا هئا. لفظ ساڳيو پڙهڻيون الڳ الڳ آهن.

ڪرهو نہ ڪي ڪان پيرين آئون نہ پڄٽي

---

آئون ستي هو هليا ويا ڪرهل ڪاهي

(2) ميو جنهن جو جمع آهي مين.

ميا مچ منٿ، اڄ منهنجي ڪرها.

---

مين ڪي مذڪور آهي اُڻ تڻ اڳين پنڌ جي.

(3) ڏاگهو، جمع ڏاگهن پور وهيءَ ۾ پهتل اُٺ.

ڏايئي نہ ڏانگهن ڪي اوڳي ساڻ اڳٺ

(4) چانگو، چانگا چنڊن چاريان ائي پهر اپار.

(5) پور، اُٺ جو رنگ گهڻو ڪري ڪڪڙو ڳاڙهو ٿئي، پر ڪن جو رنگ وري پوراڻ تي وڏيڪ هوندو آهي تنهن کي پور چوندا آهن.

پور نہ چري ٻور چڏيون تور تڪون ڪري

(6) ليڙو، جمع ليڙن.

ليڙو لاٽي کي چري، نير ساڻ نئي.

---

اُس ۾ لڳي اونئين، ليڙن لڪ ۾ لڳ.

(7) گنگو، اُٺ جو اهو نالو سندس حقيقت حال موجب سسئي جي واتان رکايل آهي، جو راتو رات چپ چاپ ۾ سندس پنهونءَ کي اُنن تي پلاڻيو پرديس ڏانهن پريا ويا. نہ تہ بہ هي صورت ۾ اُٺ پريو بہ رڙي تہ سگهو بہ رڙي، فقط ايترو سو آهي، جو هلڻ ويل جهڙو گنگو چپ ئي چپ، چپ ئي نہ چورينداآهي! پتائي سسئيءَ پاران فرمائي ٿو:

گنگن ساڻ جنگن منڌ اسونهين ميڙئين.

---

جمر ورچي چڏيين سندو گنگن گس.

(8) گورو، جمع گورن. اهو اگرچ ڏاچي جي کير پياڪ ٿر لاءِ ڪم آڻيندا آهن، پر شاهہ صاحب وڏي جمار واري اُٺ لاءِ ڪم آندا آهن.

ونگئي نہ وارن سين، گورن جا گوڏا.

(9) توڏو، جمع توڏا، معني نوڙهو. اٺ کي سگھن نہ هجڻ ڪري انهن لقب سان سڏيندا آهن:

اڳڻ متي اوپرا جڏهن ڏنئي توڏا.

(10) بوتو، جمع بوتا ۽ بوتن.

لطف سان لطيف چئي لنگهيو بر بوتن.

---

بوتي ۽ بلوچ جي رڙهي پسان روءِ.

(11) ليڙو، جمع ليڙا ـ ليڙن.

ليڙن جي لطيف چئي هلڻ سندو هوس.

(12) ڪنوات، نؤجوان اُٺ.

ڪسر چڏ ڪنوات، وکون وجهہ وڏنديون.

(13) مهري، تمام پلو اُٺ.

مز مانن مهريءَ آٺي جهوڪيا جهوڪ ۾.

(14) پربت۔ وڏو قد آور اُٺ.

آئون ستي هو هليا، پلاڻي پربت.

(15) ناقو، عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ڏاچي، جنهن تي سواري ڪئي وڃي.

منڊ پيادي پنڌ گهڻو نه مون اُٺ نه ناقو.

(16) اولاڪ: سنڌ جي بلوچستان واري پاڱي ۾ اولاڪ فقط وهٽ جي ڪم ايندو آهي ۽ شاهه صاحب سُر سسئيءَ ۾ ان کي اُٺ جي معنيٰ ۾ آندو آهي.

معذور کي ماريو اولاڪن اچي

(17) شترَ، فارسيءَ ۾ اُٺ کي شتر سڏيندا آهن. شاهه صاحب اهو لفظ به سُر ديسي ۾ ڪم آڻي ٿو.

ڪجاڙيا ڪاهي، شتر اُن سينگاريا.

(18) جمازه، جمازه عربي لفظ آهي، معنيٰ تکي مان تکي رفتار وارو اُٺ.

جتي جمازن کي، جيل ٿين جنجال.

هتي هنڌ شاهه صاحب "ز" جي بجاءِ "ج" ڪم آندو آهي. جماز کي جماج آندو اٿس. سنڌيءَ ۾ زاءِ کي جيم سان بدلائڻ جو جهونو رواج آهي.

ڪيهون ڪوهن پٽين، ڪوڪون جماجان.

(19) روڏو، گنجو اُٺ جنهن جي ٽڪڻ تي ٻج نه هجي.

ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهڻي جت ويا روڏا رنگائي.

ان سمي ۾ اُنن جي چمار سالن پٽاندڙ جيڪا مقرر هئي، شاهه صاحب ان کي پنهنجي هڪ ڏوهيڙيءَ ۾ هڪ هنڌ ٿي ويهي بيان ڪيو آهي، جنهن مان سندس مطالعي ۽ سنڌي زبان جي وسيع ڄاڻ جو پرو پئجي سگهي ٿو. فرمائي ٿو:

دوئڪ دهليا جت، گورا هلن نه گس ۾،
چؤ سال ٿي نه چلٽا، تي تنگ نهاري تت.

سودي انهي سيد چئي، پوءِ پنجارين پرت،
ان اڙانگي پنڌ جي ڪا نيشن پئي ترت،
سسئي وڏي ست، جا اهڙي پر پنڌ پئي.

دوئڪ، يعني ٻن سالن جو وهٽ، جنهن ڪيرئي جي ڏندن پچڻ کان پوءِ ٻه نوان ڏند پاتا هجن.

**چؤسال:** چئن سالن وارو جنهن چار نوان ڏند وڌا هجن.

**پانجاريل:** پنجن سالن وارو يعني پورو جوان وهٽ.

اهي اصطلاحون گهوڙن جي ڄمار لاءِ به ڪم ايندڙيون آهن. ڏاندن لاءِ دوئڪ کي ٻڙاندو ۽ چؤسال کي چوڳو ڪم آڻيندا آهن. نيش انهيءَ اُٺ کي چئبو آهي جو قوهه جواني کي رسندو آهي. حقيقت ۾ اُنن جي جدا جدا ڄمار لاءِ نالا هن ريت آهن:

1) ڪير ڏائڪ گوري کي "لاعرو" چوندا آهن. اهو ساڳيو لفظ ڳئون جي ڪير پياڪ ڦر لاءِ به ڪم ايندو آهي، اهو نالو اُٺ جي گوري لاءِ هڪ ورهه جي ڄمار تائين ڪم آڻيندا آهن. 2) ٻن سالن واري ڦر کي "ڏيڙ" يا "ڪنواٽ" چوندا آهن. 3) ٽن سالن واري کي "ٻهاڻ"، ٻهاڻ گهوڙي جي انهي ڦر کي به چئبو آهي جو اڃا سنجن وجهڻ جهڙو نه هوندو آهي. 4) چئن سالن واري کي "ٽهاڻ" يا "نرات" سڏين. 5) پنجن سالن واري کي "ڇٽ" 6) ڇهن سالن تائين دوڪ.انهيءَ ڄمار ۾ هيٺين جاڙي ۾ ٻه نوان ڏند ڄمندا آهن. 7) ستن واري کي "چوڳو" يعني چئن ڏندن وارو. 8) اٺن سالن واري کي "ڇڳو"، ان وقت اٺ کي 6 ڏند ٽيندا آهن. 9) انهي ڄمار ۾ اُٺ جي ٻنهي جاڙين جي پاسن کان ٻه تکا ڏگها ڏند نڪرندا آهن، پوءِ چئبو آهي ته هاٿي اُٺ "نيش" ٿيو آهي. 10) ان کان پوءِ ٽن سالن اندر ٻيا چار نيش نڪرندا اٿس، اها اُٺ جي وهي موتڻ جي نشاني آهي، ان کي "ارموش" چئبو آهي. جيئن پوءِ تيئن ويندو هٽندو. ڪاڏ خوراڪ واري اُٺ جي ٽيهن ورهن تائين ڄمار جتاءُ ڪري ٿي.

اُنن کي ڏواڻ ۾ پائند به وجهندا هئا ته جيئن جهنگ چرڻ ويل وارڻ يا هٽ ڪرڻ ۾ سولائي هجي. زوراڪ اُنن کي نيل يا نير پائيندا هئا ته چنائي پچڻ کان قابو رهي.

نو نير، ڏهہ ڏاوٽيون، پندرهن پٽند پياس،
جڻهن سچڻ ياد پياس چرڪ چنائين هڪڙي

اُنن کي ڳچيءَ ۾ ڳانا ۽ مالهائون بہ پائيندا هئا ۽ ڪجاون يا هيدي تي ريشمي جهليون وجهندا هئا. اُٺ کي سواري لاءِ سينگاريو ويندو هو:

ڳل ڳانا يا قوت جا، موتين ڳتيس مال،
ڪديفي جي ڪرها، هيدي پائين حال.

اُنن جي سونهن لاءِ تليون پڌندا ۽ مهارن ۾ تونئر پوئيندا هئا، هلويون هٽائيندا هئا:

تليون تونئر هلويون، مين سر موچار.

اٺن جي جهلن ۾ جهوڙا ٽانڪيا ويندا هئا، وس آهر ڪي امير ماڻهو تہ موتين جي جڙاءَ جا جهوڙا بہ جهلن ۾ لڳائيندا هئا:

جهوڙا جن جهلن ۾ هيري لک هزار

سون جون ڌهريون بہ اٺن کي پائيندا هئا:

ان کي ناڪيليون نڪن ۾، ڌهريون دليلا.

سنڌ سونهاريءَ ۾ ماهي ۽ ڳائي مال ۽ اُنن سان ڏاڍو پيار هوندو هو. اُٺ آهي بہ ڪمائتو جانور، ويچارو "ڪائي ڪوڙ ۽ ڪمائي سچ" وهانوَ شادين تي اُنن تي ڪجاوا ۽ پاکڙا پڌي هار سينگار ڪري هلندا هئا، جنهن جو ذڪر شاهہ صاحب پنهنجي مٿئين ڪلام ۾ آندو آهي.

## ريڍو ۽ ٻاڪرو مال

شاهہ صاحب جي سنڌ ۾ ٻاڪرو ۽ ريڍو مال بہ جام هوندو هو. اهڙي طرح ٿر ملڪ ۾ تہ رڍون پاليون وينديون هيون. رڍن جي اُن ڪتي ڪتيون ۽ ڏوڙا تيار ڪيا ويندا هئا جي ديس توڙي پرديس اوڏيا ويندا هئا.

پنو هارن پاهيو ڪي وس واهوندن،
لٽو سيءُ لطيف چئي، پڌو ڦڻ ڦرن،
اوتا ڪورين ڪوئري، سرتيون مٿان سسن،
عمر، اُن اگوندري، پاسي ڪانڌ ڪتين.

هن بيت ۾ چيٽ جي بهاري مند جو بيان ٿيل آهي، جو شاهہ صاحب مارئي واتان ٿر جي واهوندن يا بهاري جي ٿڏي هير جو بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ، سيءُ لٿا آهن، رڍن، ٻڪرين جا ڦر، جي سيءُ ۾ سڪا پيا هئا، تن ڦڻ ٻڌو آهي، يعني تازا ماتارا ٿيا آهن. ان موسم ۾ گهيٽن ۽ ٻڪرين ۾ ڪاتر بہ پوندي آهي. مارو لوڪ بہ انهي گلابي اُن ۾ پنهنجين سسن يعني ننڍڙن گهيٽن جي ڪونئري اُن ڪتري رهيا آهن. عمر کي مارئي ٿي چئي تہ، منهنجي هر هڪ ساهيڙي هن مند ۾ جهجهي اُن پنهنجي ڪانڌ جي ڪڇ ۾ ويهي ڪتيندي آهي. مطلب آهي تہ شاهہ صاحب جي سنڌ ۾ سياري گذرڻ کان پوءِ، ٻاڪري ۽ ريڍي مال وارا ماڻهو جو ڪجهہ پنهنجي مال سان پورهيو ڪندا هئا، سو هن بيت ۾ ڄاڻايل آهي. ڪڏهن ڪڏهن سنڌ جي برساتي ٻاڳي ۾ مندائتو وسڪارو نہ ٿيندو هو تہ، هو مال ڪاهي وسندي واري سائي حصي ڏي ويندا هئا. اتي وڃي مال کي تاتيندا ۽ تڳائيندا هئا، سندن پراڻا وٿاڻ پڙ پيننگ لڳا پيا هوندا هئا:

ٻري نہ ٻڪر دانهن، ان جو پٽڪو نہ سٽان،
ميان! ماروئڙن جا اونهان ڏنم آنهن،
پڪا ڪٽي پرانُهن، جيڪس لڏيو لوئڙياريين.

هن بيت ۾ مالدار ماروئڙن جي لڏڻ جو ورتاءُ ٿيل آهي. هنن جي لڏڻ کان پوءِ، کوهن تي جي پوڻ يا گرٽا چڙهيل هوندا هئا، جتان هو مال کي پاڻي پياريندا هئا، تن جو آواز ڪو نہ اچي ٿو ۽ نہ ٻڪرين جي ٻيڪ ڪا ٻري ٿي، اوڏانهن هنن جي کوهن جا آنهن جا حوض بہ وڏا هوندا هئا، شايد هو پڪا ڪٽي پري هليا ويا آهن، جو لوئڙيا ”لويون ڍڪيندڙ“ ڏسڻ ۾ ئي نہ ٿا اچن. ڪيڏانهن هليا ويندا هئا، ان جو بيان هيٺين شعر ۾ ڪيل آهي:

جهڙ ڦڙ جت ٿيان اُت اڏايائون پکڙا.

ڏراڙ (ڏنار) يا مالدار ماڻهو گهڻو ڪري ٻاڻ ۾ هڪ هنڌ وٿاڻ ڪري ويهندا هئا، ڇو تہ سنڌ ۾ چوپائي مال جي چوري جو تمام جهونو رواج آهي. مالدارن جو گڏجي رهڻ گهربل هوندو هو تہ جيئن وقت سر هاڻن (چورن يا ڌاڙيلن) سان هاجي هٽڻ ويل مڙس ٿي مڙي مقابلو ڪري سگهن. شاهہ صاحب انهيءَ حقيقت کي سامهون رکندي فرمائي ٿو تہ:

ڏڻ ڏارڻ ڏار رهڻ، اي نہ سنگهارن سٽ،
ڪاهي ايندا ڪڏهين، مٿي وانڍ وهٽ،
جي هاٽو هون مٽ، تہ بہ اوڏو نہ لاءِ ان جو.

يعني ڏڻ ڏارجي ۾ پوءِ ڏنارن کان ڏار رهجي اها سنگهارن يا سانگين جي سٽ يا رسم نہ آهي، ڇو تہ ڪڏهن بہ چور وهٽن تي سوار ٿي وانڍ (مالدارن) جي واهڻ تي ڪاهي اچي سگهن ٿا. جيڪڏهن ايئن ڪو سمجهي تہ چور يا هاٽو منهنجا دوست يا مٽ آهن تہ انهن کان بي خيالو يا ويسلو ٿي نہ ويهجي ڇوٽي آهي تہ:

چوران پت نہ ڪائي، توڙي هون سڳا پائي.

## ڪيتي

سنڌ ۾ گهڻو ڪري جوئر، ٻاجهر ۽ ڪڻڪ جي ڪيتي ٿيندي هئي، ان زماني ۾ پاڻي ترتيب سان نہ ملندو هو جنهن ڪري سارين يا چانورن جي پوک ايتري گهڻي ڪا نہ ٿيندي هئي. ڪيتيءَ جو ڪم هاري منداڻتن ڏينهن ۾ ڪندا هئا. ڪتي جي فصل کي نر فصل ڪري ليکيو آهي، جنهن ۾ سانوڻي جي پاڻيءَ جا وهڪرا ۽ برسات جا وسڪارا ٿيندا آهن. شاهہ صاحب هارين جي حالت کي سامهون رکندي فرمائي ٿو تہ:

سارنگ کي سعيو، توکي سعيو نہ ٿئي،
گڙڻي ٿو گمان ۾، آيو ڪي آيو
هارين لاءِ هر جاءِ ۾، هادي هلايو
متان ائين هلايو، تہ بادل آهي بس ڪئي.

مطلب آهي تہ سارنگ مينهن وسڻ جا سعيا ڪري رهيو آهي، پر توکي ڪم ڪار جو ڪو سعيو ئي ڪو نہ آهي. برسات يا سارنگ فقط هن لاءِ هاديءَ هلايو آهي تہ هاري هر ڪاهي آبادي ڪن ۽ سنگاريون سکي ٿي رهن.

مند ٿي منڊل وڄيا، تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

"تاڙو"هڪ ننڍڙي پکيءَ جو نالو آهي، جو برسات پوڻ کان اڳ ۾

تنواريندو ۽ لنئوندو آهي، جنهن جي لات مان اندازو لڳايو ويندو آهي تہ اجهو ڪي اجهو مينهن آيو. هاري موڪن يا واهن تي بہ آبادي ڪندا هئا ۽ هرلا يا ايٺ بہ چاڙهيندا هئا. سانوڻي جي ٻائڙ ٻوڙ ارلي ڪي ڏسندي شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

سورن سانگهاهو ٻائڙ ٻڌو ٻوڙوهي.

ٻائڙ چئبو آهي هرلي جي سموري ڏينگي جي سامان کي، جنهن ۾ ڦرهيون ۽ اوپارا ۽ ارڙين سان اتڪيل مالهہ بہ هوندي آهي. مالهہ ۾ لوٽا ٻڌل هوندا آهن. سانوڻي جي ڪچڻ ڪوهاڻن جو پاڻي اچي انهيءَ ٻائڙ تائين پهچي ان کي بہ ٻوڙي ڇڏيندو آهي، جنهن کي ڏسندي شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ، مون کي سورن ايڏو سانگهاؤ ڪيو آهي، جيئن سانوڻي جو پاڻي ٻائڙ کي بہ ٻوڙي ڇڏيندو آهي. پڪن کوهن تي بہ نار چاڙهيا ويندا هئا.

جيئن سي کوهي نار وهن واريءَ گاڏڻان.

انهيءَ زماني ۾ ڪي مسڪين هاري پورهيت بہ هوندا هئا، جن کي ڏسندي شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

چنا ڇڄ هٿن ۾ ڪلهن ڪوڏارا،

پورهئي خاطر پنهنجي، اُٿن سوارا.

ٻهراڙيءَ جا سهنديءَ وارا آبادگار اوطاقون ۽ وٿاڻ بہ اچي هرلن يا نارن تي اڏائيندا هئا. پاڻي ملڪ ۾ مٺو هوندو هو پوءِ ان وقت جيڪا لئي لڳندي هوندي تنهن جي کهڙي ڳالهہ ڪجي:

اڱڻ تازي، ٻهر ڪنڍيون، پڪا پٽ سونهن،

سرهي سيج پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،

اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا.

هن بيت ۾ ساون ستابن ڀاڳين جي، ٻهراڙيءَ جي حياتيءَ جو کهڙي نہ سهڻي نموني نقشو ڪڍيو ويو آهي. اڱڻ ۾ گهوڙا ٻيٺل آهن ۽ ٻاهر ڪنڍيون مينهون، رهڻ لاءِ وڏا لانڍ يا پڪا لڳل آهن، موسم سانوڻي ۽ مينگهہ ملهار آهي، سيج وڇايل آهي ۽ پاسي ۾ پريتم ويٺل آهي، ان حالت ۾ جيڪا سرهائي سرير ۾ سمائجي سگهجي ٿي، ان جي بچاءَ لاءِ دل مان آواز نڪري ٿو تہ:

اسان ۾ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا.

سنڌ ۾ جهونو رواج آهي ۽ شاهه صاحب جي سنڌ ۾ تہ اهو رواج چوٽيءَ تي پهتل هو تہ ٻهراڙيءَ جا ڳيا ماڻهو واتهڙن کي ماني ٽڪر کارائيندا هئا ۽ پاٽي بدران لسيءَ جو وٽو پري ڏيندا هئا. سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ اڄ تائين اهو رواج هلندو اچي. اڳئين زماني ۾ سنڌ وارا لسي ۽ کير وڪڻندا ئي ڪو نہ هئا، پر مکڻ وڪڻڻ هنن وٽ عيب نہ هو. لسي وڪڻندڙ کي ميٽڙو يا ڪنجوس ڪري سمجهندا هئا. لسي ولوڙن کان پوءِ پاڻ پيئندا هئا يا وري ڪو سنگتي ساٿي يا ڪو واتهڙو لسي چڪو گهرندو هون تہ وڏي خوشيءَ سان ان کي پاندو پري ڏيندا هئا. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

ساٿين کي سيد چئي پري ڏين پاڻ.

پاڻ يا پاٽو جي معنيٰ آهي وڏو وٽو يا ڪٽوزو. مطلب تہ شاهہ صاحب واري سنڌ ۾ لسي جام هوندي هئي ۽ ٻين کي بہ پاڻ پري پيئاريندا هئا. شاهہ صاحب پاڻ بہ ڏاڍو لسي جو پياڪ هوندو هو جنهن جو ورتاءُ ڪتاب ''لطف اللطيف'' ۾ ڪيل آهي. مينهن يا ڳئون جي لسيءَ کان سواءِ ٻاڪري لسي بہ سنڌ ۾ ٿيندي هئي جا مينهن جي لسي جهڙي گهاٽي نہ ٿيندي آهي پر ڇڊي يا پتڙي ٿئي.

پهي پاڪي پتڙي، پرينءَ ساڻ پيان.

پهہ معنيٰ پهرون، ٻڪري يا رڍ. پاڪي لسي، ڪيترا ٿري ماڻهو پاڪي يعني ٻاڪري لسيءَ کي باهہ تي ٿهڪو ڏياري، گهاٽو بڻائي پوءِ پيئندا آهن. اها هنن ڏوٿين لاءِ چڻ کيرٽي آهي.

شاهہ صاحب کي سنڌ سان محبت آهي، الفت آهي، هو سنڌ کي سدائين سائو ستابو ڏسڻ گهري ٿو. سارنگ جي موسم ۾ ڪنوڻ ملڪ ۾ چوطرف کنوي ٿي تہ ان حالت ۾ بہ شاهہ صاحب کي سنڌ ياد پوي ٿي. هو فرمائي ٿو:

کنوي خراسان، سڪ وسايو سنڌڙي.

هڪ ڏگهي بيت ۾ فرمائي ٿو:

موٽي ماندائن جي واري ڪيائين وار
وڄون وسڻ آئيون، چوڏس ۽ چوڌار

ڪي اُٺيون استنبول تي، ڪي مٽيان مغرب پار
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سار
ڪي رمي ويئيون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قندار
ڪي دهلي، ڪي دکن، ڪي گڙن متي گرنار
ڪنهن جنبي جيسلمير تان ڏنا بيڪانير بڪار
ڪنهين پٽ پڃائيو ڪنهين ڍٽ متي ڍار
ڪن اچي عمر ڪوٽ تان وسايا ولهار
سائينم! سدائين ڪرين متي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

شاهہ صاحب جي ڪلام مان پروڙي سگهجي ٿو تہ هو دنيا جي جاگرافي، شهرن ۽ ملڪن جي نالن کان چڱيءَ طرح سڄاڻ هو. ان زماني ۾ ايشيا کنڊ تي مسلماني راڄ هو، مگر وطنيت جي لحاظ سان هن کي جيڪا سنڌ جي ساٽيهہ سان پريم آهي، تنهن جو ڪاٿو ئي نٿو ڪري سگهجي. هو سنڌ جي ساوڪ، مالدارن، هارين ۽ جهانگيئڙن جون جهوڪون ڏسي پوءِ فرمائي ٿو تہ:

سائينم سدائين ڪرين متي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

شاهہ صاحب جي زماني ۾ ڪي اهڙا واپاري بہ هوندا هئا، جو اَنَ جي اٽاٽ واري وقت ۾ ميڙي ڪري، انبار لڳائيندا هئا. پوءِ اڻ هوندي وارن مسڪينن تي مهانگو وڪٽي هنن جو رت چوسيندا هئا. شاهہ صاحب برسات پوڻ ۽ سُڪر سٽائي ٿيڻ جو بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

وڄون وسڻ آئيون، ٿهہ ٿهہ مينهن ٿمن،
جن مهانگي لاءِ ميڙيو سي ٿا هٿ هٽن،
پنجن مان پندرنهن ٿيا، ايئن ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهہ مان، شال موذي سڀ مرن.

هتي شاهہ صاحب سڪر واري حالت ۾ پنجن مان پندرنهن بنجڻ جو

بيان ڏيندي چور بازاري يا بليڪ مارڪيٽ ڪندڙن کي بددعا ٿي ڪئي آهي تہ اهي ماڻهو جيڪي اسان جي سنڌ ديس ۾ ڏڪار وجهي اَنُ مهانگو ڪري رهيا آهن، سي موذي يعني غريبن کي ايذائيندڙ شال سيئي مرن تہ عام مسڪينن جي جند تہ ڇٽي پوي. صوفي انسان ذات جو خادم ٿيندو آهي. هن جي سامهون انسانن جي خدمت ۽ سندن پيٽ جي بندوبست جو وڏو سوال رهندو آهي. جيڪي ماڻهو انسان ذات سان ظلم ڪندا ۽ هنن جي پيٽ تي لت ڏيندا آهن تہ اهڙن ماڻهن لاءِ هڪ صوفي عارف جي دل مان ”ڏڪاريا ڏيهہ مان شال موذي سڀ مرن“ ڪان سواءِ ٻي ڪهڙي آهہ نڪري سگهي ٿي:

سيد چوي سين، آهي تنهنجي آسرو.

فصل ٽيون

# سنڌ ۾ اميري ۽ غريبي

دنيا ۾ اميري ۽ غريبي شروعات کان هلندي اچي. جتي شاهوڪار آهن ته اتي نادار به آهن. نادارن ۽ مفلسن جو انگ دولتمندن کان هميشه وڏيڪ رهندو ايندو آهي. شاهه صاحب واري سنڌ ۾ اهي ٻئي شيون آهن. هن درويش شاعر جو لاڳاپو آهي ٻهراڙيءَ وارن ماڻهن سان تنهن ڪري پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۽ ڳوٺاڻي تمدن ۽ رهڻي جو بيان ڪندو رهي ٿو. جيڪڏهن ڪٿي هوند وارن جي ڳالهه اچي وڃي ٿي ته اها به غريبي گذران وارن جي سلسلهءِ بيان ۾ ڳالهه مان ڳالهه ڪندي ايندي رهي ٿي.

سنڌ ۾ شاهه صاحب جي زماني ۾ ماڻهن جي گهرو زندگي ڪهڙي هئي، ان جو تفصيل اوهان هيٺ پڙهي سگهو ٿا.

## زالن جا زيور ۽ سندن پوشاڪ

زال ذات جي فطرت ئي ان ريت آهي ته هنن جو هار سينگار ۽ ڳهه ڳٺي ۽ لٽي ڪپڙن سان ڏاڍو پريم ۽ پياس رهي ٿو. زال پنهنجي ڪم عقلي ڪري هڪ ته پنهنجي ڏيکاءَ جي متوالي هوندي آهي، ٻيو ته پنهنجي واڪاڻ تي مري مٽو ڏيندي آهي. ٻيو ڪو واڪاڻ نه ڪندس ته پنهنجو پاڻ کي ويٺي پڏائيندي. اهڙي قسم جي انساني حصي کي سندس ريجهائڻ ۽ پرچائڻ لاءِ زيور ۽ ڪپڙا، جنهن سان هوءَ منهن مٿي ڪٽي مرڪي سگهي، ضروري ٺهرايا ويندا آهن. ڳهن جا قسم هر هڪ ديس لاءِ اتي جي رهاڪن پنهنجي پنهنجي پسنديءَ موجب ايجاد ڪيا آهن. جن جو رواج هن زماني ۾ وڃي ٿو ختم ٿيندو. شاهه صاحب واري سنڌ ۾ امير عورتن جي ڳهن ۽ مسڪين زالن جي زيورن جو جدا جدا پرو پئجي سگهي ٿو. امير عورتون نڪ ۾ جڙاءُ دار نٿون يا بولا پائينديون هيون. سون تي موتين يا ياقوتن جا ٻڙا جڙاءُ ٿيل هوندا هئا.

سيئي سهاڳڻيون سيني منهن جڙاءُ.

نڪ جو زيور خاص طرح اڳئين زماني ۾ عورت جي سهاڳ جي نشاني سمجهيو ويندو هو. مجال هئي جو ڪا بہ پرڻيل وريتي گهريتي، نٿ کان سواءِ ٻتي ٿي، هڪ گهڙي تہ گهر ۾ گهاري سگهي. پاڙي اوڙي واريون وڏيرڙيون سندس منهن ئي پٽي ويندڙيون هيون. پر هاڻي چا آهي جو نڪ ٽوپڻ جو بہ سنڌ جي پڙهيل ماڻهن مان رواج نڪرندو ٿو وڃي. ڪنن ۾ جهومر ۽ پنڙا پاتا ويندا هئا. ڳچيءَ ۾ هار پهريندڙيون هيون.

سونا ڪُر ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار.

هت پنڙن لاءِ "ڪُر" جو لفظ ڪم آيل آهي، جو عربي اکر "قرط" جو بگڙيل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪن جو زيور. ڪن جا زيور سون جا بہ هوندا هئا ۽ چاندي جا بہ.

سونهن ربي سون سين، ڪامڻ سندا ڪن.

جهومر بابت فرمائي ٿو:

جهومر بستر پاس، وسي مينهن پسائيا.

مٿئين بيت ۾ ڳچيءَ جي زيور جو بيان بہ اچي ويو آهي، يعني ڳچيءَ ڳاڙها هار. شاهہ صاحب جي زماني ۾ اميرن جون عورتون سونيون دهريون، سونيون ڪنڍيون ۽ سونا چندن هار ڍڪينديون هيون، جن کي "ڳاڙها هار" سڏي سيني جو گڏيل بيان فرمائي ويو آهي. ڳچيءَ جي سنڌي زيورن مان هس بہ هڪ آهي، جو ٻهراڙين جون زالون چانديءَ جو جوڙائي ڍڪينديون هيون ۽ هوند وارن وٽ سونا هس بہ هوندا هئا.

سيئي سهاڳڻيون سيني ڳچيءَ هس.

شاهہ صاحب جي زماني ۾ هوند وارن گهرن جي زالن ۾ سونين يا عاج جي ٻاهين جي رواج هوندو هو پر غريب گهراڻي واريون مايون ڪچ جا ڪوڙا چوڙا پائينديون هيون. مارئيءَ جي واتان بيان فرمائي ٿو تہ:

ڪراين ڪچ جا چوڙا ڪوڙا جن،

سو مرڪ ماروئڙن، جٽان لوڪ لڄ ٿئي.

چوڙن کان سواءِ ٻانهوٽا بہ پائينديون هيون:

پانهوتا پانهن ۾، سينڌ سٽيا وار.

زالون پنهنجن وارن جي سنڀال لاءِ گهڻا جتن ڪنديون آهن. ڳتن کي جدا جدا مصالحن سان ڳنڍائينديون آهن. جن ۾ اڳ سڳيون وجهي چڙينديون هيون ۽ هاڻي ربينن جو رواج پيو آهي. شاهه صاحب جي زماني ۾ امير زالون خوشبودار تيلن سان وارن کي مڙهائينديون هيون، جو هاڻي اهو رواج سنڌ مان نڪرندو وڃي ٿو.

مڙهيا ساڻ مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن.

غريب عورتون سڳيون ميريون ٿين ته وري ڏوئي سنڀالي ڪم آڻين ۽ ٽري زالون سڳين کي ڏاڳا سڏين.

اُنا مينهن ملير ۾، ڏاڳا ڏہر ڏئندي.

ٿر ۾ برسات پوندي آهي ته، ترايون تليون پرجي ويندريون آهن. انهي پاڻيءَ مان ٿريليون پنهنجا ڏہر (رلڪا ۽ رليون) به ڌوئن ۽ چوٽيءَ جا ڏاڳا به ڌوئي اُجاري وري ڪتب آڻينديون آهن. شاهه صاحب جي سنڌ ۾ امير عورتن ۽ غريب گهر وارين جي لباس ۽ لٽي ڪپڙي ۾ وڏو ئي فرق هوندو هو. جيئن اڄڪلهه هلندو اچي ٿو. ڪن ويچارن کي ڪلهن ڦاٽو ڪنجرو مٿو اگهاڙو ته ڪن کي ريشمي گهگها هوندا هئا.

جن پوتا پٽ جا، گهگها سان گلن.

---

جهڙا پانن پن، تهڙا متن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها هاهو هميس.

گوري رنگ واري گجر کي هلڪي سائي رنگ وارو ڪپڙو ڏاڍو ٺهندو ۽ موهيندڙ ٿيندو آهي. شاهه صاحب هتي پان جي پن سان ويس کي تشبيهه ڏيئي ڪمال جي بلاغت جو مظاهرو ڪيو آهي، چو ته پان جي پن جو رنگ نه گهرو سائو ٿيندو ۽ نه وري ڦڪو سائو پر وچٿرو هلڪو سبز ٿيندو آهي، جوئي هڪ چاڳلي جي بدن تي سونهندو آهي.

شاهه صاحب جي زماني ۾ ريشمي روا، شالون يا پٽ جون شالون، الاچي نالي هڪ ريشمي پٽاپٽي ڪپڙو به هوندو هو. بخمل ۽ بانتن جا قسم ارنج ۽

بين نالن سان به اوڍيا ھئا. ارم ھڪ قسم جي فلالين يا باريڪ لسو اُوني ڪپڙو ۽ پٽ چيرو ۽ عبير نالي جنھن کي انبر به سڏيندا آھن. ھڪ ريشمي ڪپڙو جنھن تي وڏا گل ٻوٽا ٽيندا آھن. اھي به امير عورتون استعمال ڪنديون ھيون. ان کان سواءِ کھنبا ۽ ڪتين جون ٻانڌوٽيون يا چريل چادرون به ھونديون ھيون. ان سڀ ڪپڙن جا قسم ڪلن جا جڙيل ڪو نه ھوندا ھئا پر ھٿ جا اُٽيل ۽ آڏاٽن جا اڏايل ھوندا ھئا.

شاھه صاحب مارئي جي واتان ڪيئن نه انھن شين جو صنعت تضاد جي رنگ ۾ بيان ڪري ٿو:

پٽولا پنھواريون، مور نه مٽي ڪن،
جي لاک رتائون لوئيون، ته سانئا سونھن،
اُن ايلاچين اگري، بخمل بافتن،
سکر پايان سومرا، ڪتي کان کھنبن.

---

ارم ھڏ نه اوڍيان پٽولا پٽ چير،
ٻانڌوٽيان ٻن ڏيان، ارنچ ۽ عبير،
ماروءَ سان شل ماٽيان، ڪتيون جھڙيون ڪير.

ھتي شاھه صاحب سنڌ وارن جي ساون ۽ سھندي وارن ۽ غريبي گذران ڪندڙن، ٻنھي ڌرين جي پوشاڪ جو ھڪٻئي جي مقابلي ۾ بيان ڪري ويو آھي. ٿر جي اڇي ڪتيءَ کي پاروڙي به چوندا آھن.

پرم پاروڙي، رھي جنھن ۾ اڇي اُن.

ولائتي بلاڪيٽن جو رواج ڪو نه ھو ماٿھو عام طرح سوڙيون سبائي سيءَ جي منڊ کي مٿائي ڇڏيندا ھئا. پر ڏوتي مسڪينن کي سوڙيون ڪتي ملي سگھيون ٿي:

آئون ڪيئن سوڙين سمھان، مون ور گھاري سج،
ور اباڻن سين اُڃ، ڪوءِ شربت تنھنجو سومرا.

انساني آرام ۽ آسائش لاءِ وھاڻا، پٿراڻيون به ھيون ته سمھڻ لاءِ ڇپر ڪٽ، توشڪون يعني طول به ھئا.

چپون چپر، ڪٽ، پهڻ پٿرٽيون پايان.

سسئيءَ ڪي ماءُ ڏاج ۾ راهي شيون ڏنيون هيون، چويس ٿي ته:

ماءُ وهاٽو وار، ڪڻ پٿراٽي پنهنجي،

جيڪي ڏنئي ڏاج ۾ سو سيئي سار.

ڪٿون ۽ پلنگ انهيءَ زماني ۾ ڪم ايندا هئا:

پئي ڪهه ڪٿن تي، ٿيا پلنگ پراٽا.

امير زاديون هندورن ۾ به هسواريون ڪنديون هيون.

هيس هندورن ۾ پيم ڪا نه پروڙ.

رهڻ لاءِ محل، محلات، رنگ محل به هئا، جن جو بيان مارئي ۽ سورٺ جي سرن ۾ آيل آهي.

متان روءِ چوءِ، ته ڏوتوءِ ڏوارٽن ۾.

هت بنگلي يا محلات جي عربي لفظن جي بجاءِ "ڏوراٽو معنيٰ رنگ مهل جي معنيٰ ۾ نج سنڌي لفظ ڪم آيل آهي. غريبن جي رهڻ لاءِ "پنگا" ير پتار جا آهن. پنگن ڪان سواءِ مارو لوڪ ته فقط پٽن تي به ويهي وقت گذارين ٿا.

جت پنگا پٽون پيٽيون، تنهن ڪنوڻ تي ڪڙي.

اميرن لاءِ قناتون آهن، مومل چوي ٿي ته:

ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾.

ته وري مسڪينن ميربحرن جا پکا آهن:

پکي پئي پچار ته چامر تماچي آئيو.

مارن جا "منهن" به آهن، پنهوارن جا پکا به آهن، وانڍيون يا لانڍيون به هونديون هيون. مالدار ماڻهو ڪچن گهرن کي (ڍينگر) ڍنگرن جا لوڙها ڏيئي اُن ۾ رهن ته ان کي به وانڍ چيو ويندو آهي.

هن مند مارو سنرا ڍنگر ڍار رهن.

ڍنگرن جي ڍار رهڻ جي معنيٰ آهي لوڙهن جي اجهن ۾ رهڻ. ساڳي ريت سنڌ وارن جي ٻهراڙيءَ جي ٻيو ڪاڏو هوندو هو ته. وري وڏن شهرن جو ٻيو

هوندو هو. مارئي پنهوارن جي ذٽ سان شهرن جا پلاءَ نہ تي پاڙي ۽ ڪنڊيءَ جي سڪل سيڪيل سگهر ڪي سيئين ڪان وڌيڪ سمجهي ٿي.

سگهر ڪِين سرتيون، سيئين جان سيڪي.

ٻهراڙي جا غريب ماڻهو تہ ايئن بہ هوندا هئا جو:

آٽين ۽ چاڙهين، ڏٽ ڏهاڙي سومرا،
منجهان لنب لطيف چئي چانور ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نہ پاڙين، عمر آراڙي سين.

لنب جو گاهہ پراڻ درياءَ جي ڪپ سان، توڙي ٿر ۾ جام ٿئي. سندس پاڙ زمين ۾ ڪا ٿورو هيٺ هوندي آهي. هٽ لاءِ تہ پنجيو پوي چڙهن تہ بي پاڙو گاهہ آهي، ٿورو خوشبودار بہ ٿئي ٿو. ٻهراڙي جا ڏوٿي ماڻهو انهيءَ گاهہ ڪي سڪائي چانورن وانگي چاڙهي ڪائيندا آهن. آرڙو معنيٰ ڏٽ. مارو لوڪ پنهنجي ڏٽ برابر پلاءَ ڪي ڪجهہ ڪري نٿا سمجهن.
سنڌ جي ٿر واري پاڱي جون حالتون اڄ بہ ٻہ سئو سال اڳ واريون آهن. ٿورو ڪجهہ انهن ۾ ڦيرو ايندو وڃي ٿو. باقي عام سنڌ جي ٻهراڙي ۽ وڏن شهرن جي رهڻي ڪهڻي، کاڌي پيتي ۾ جيڪو شاهہ صاحب جي زماني ۾ تفاوت هو سو هاڻي بہ ڪنهن حد تائين قائم آهن. هن ڪان پوءِ ڏسجي تہ هن آيل نئين انقلاب ڪان پوءِ ڇا ٿو ٿئي.

## سنڌين جا ڪي خاص ديسي رواج

هر هڪ ديس جا جدا جدا رواج ۽ جدا جدا ريتون ۽ رسمون ٿينديون آهن، جن جو ٻين ملڪن جي ماڻهن ۾ رواج ڪو نہ هوندو آهي. انهن ريتن يا رواجن جو سندن مذهب يا ڌرم سان لاڳاپو هجي يا نہ، پر اهي هن لاءِ ڪيون وينديون آهن، جو اهي عام ملڪي عادتن ۾ داخل ٿيل هونديون آهن. شاهہ صاحب جي زماني ۾ شاديءَ جي موقعي تي گهوٽ ڪنوار ڪي ڳانا يا سگڙا ٻڌا ويندا هئا.

سون برابر سگڙا، مون ڪي ٻانهن ٻڌائون.

گهوٽ ڪنوار جي ميلاپ ويلي، هنن جا هڪٻئي سان مٿا ملائي، ڪين لائون ڏنيون وينديون هيون.

مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون.

مارئي لوئيءَ ۾ پنهنجي ماروءَ سان لائون لڏيون، پر سسئيءَ ويچاريءَ لڪن ۾ مرڻ ۽ سفر ۾ ڏکن ڪاٽڻ لاءِ، پنهون سان لائون لڏيون هيون. پنهنجي ماءُ کي چوي ٿي ته:

لڳندي لڪن سين، آئون جي مران ايئن،
ماءُ پنهنجي نينهن، ته ڪر لائون لڏيون.

شاديءَ ويلي جڏهن گهوٽ، ڪنوار واري ڪوٺيءَ جي ڀنيي تي پهچندو آهي، تڏهن ڪيتريون ڪنواريتيون زالون سندس رستو روڪي بيهنديون آهن. انهن مان گهوٽ جي سالي يا ٻي ڪا سهاڳڻ، هڪ ڪچو ڌاڳو ڪٽي پير جي آڱوٺي کان وٺي سندس مٿي تائين ڌاوڻ ڌائيندي آهي ۽ ڪجهه لاڳ وٺي پوءِ ڇڏينديون آهن. انهيءَ جو مطلب هوندو آهي ته مرد پنهنجي وٺيءَ وٽ ڪچي ڌاڳي ۾ ٻڌو پيو هجي. اها رسم شاهه صاحب جي زماني ۾ به هئي. سسئيءَ جي واتان چورائي ٿو ته:

ڪيچن آئون نه ڪڙي، ڪنهن ڌڪيءَ ڌانوڻ ڌائيو.

شاديءَ جي رسمن مان نيڪتي به آهي، يعني ته گهوٽ ڪنوار کي پرڻائي، ساهرن جي گهر مان آڻي، پهريان ڪنهن ويجهي عزيز جي گهر ۾ رهائيندا هئا، ان کان پوءِ ٻيءَ رات نيڪتي ڪري پنهنجي اصلي گهر ۾ آڻيندا هئا.

پرڻائي پنهونءَ کي، نيڪتي نڪڙايو.

گهوٽ جڏهن ڪنوار جي ڪوٺيءَ واري ڀنيي، تي ايندو هو ته اتي هڪ ڏڪڻ رکيو ويندو هو جنهن تي اڳ ۾ ڪنوار کان پير رکايو ويندو هو ۽ ان کان پوءِ گهوٽ جو پير برابر رکائبو هو. پر جيڪڏهن گهوٽ جو پير ٿورو پاسيرو پيو ته ان کي بڇڙو سنوڻ ليکيو ويندو هو:

پوچا ڏنم پير، ڏڪڻ مٿي ڏول جا،
مون پائنيو تنهن وير، ڪوجهي ڪندو پريتڙي

پوچا جي معنيٰ آهي اُڻ پورا يا ڏنگا. شادي ويلي ڏڪڻ تي پير رکڻ يا ڏڪڻ ڀڃڻ جو رواج سنڌ جي ڀهراڙيءَ ۾ ڪيترو زمانو هلندو آيو ٿي جو

شايد هاڻي ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

شاديءَ جي موقعي تي جڏهن زالون اچي گڏ ٿينديون آهن، تڏهن ڪنوار کي پيڪن وٽان يا ٻين عزيزن ۽ دوستن وٽان ڪپڙا يا ٻيو ڪجهه ڏاج ۾ ملندو آهي، تنهن کي سنڌي اصطلاح ۾ ”ڳٽائڻ“ چوندا آهن. شاهه صاحب جي زماني ۾ سيج ۾ ڳٽائڻ جي اصطلاح هئي. مارئي جي پاران فرمايو ٿو:

مون کي ماروئڙن، سيج ڳٽائي سيج ۾.

سيج جي معنيٰ آهي اها کٽ يا پلنگ، جو گهوٽ ڪنوار کي پرڻي رات نصيب ٿيندو آهي. هتي سيج جي معنيٰ آهي شادي يا پرڻو. مرڻي جي موقعي تي ڪيتريون زالون گڏجي پار يا ورلاپ ڪيو، هڪٻئي سان همدردي ڏيکارڻ لاءِ روئنديون ۽ پِٽڻ ڪنديون هيون. امير ماڻهو ڪو مرندو هو ته لنگهياڻي زالن جي وچ ۾ ويهي او سارا چوندي هئي ۽ ٻيون ڪيس وراڻيون ڏيئي گڏجي روئنديون هيون:

نڪي روئڻ واريون، نڪي او سارين،
مون کي مون مارين، مونهين سندا ڏکڙا.

اهڙن موقعن تي روئنديون ته اُهي ئي جن کي لڳل هوندي آهي باقي ٻين کي کهڙي ضرورت هوندي، پر لوڪ لڄا ڪري هو به سر ملائينديون آهن.

اڻ ڏکوئيون ڏکن جي، ڪوهه ٿيون پٽر پون،
ناهه او راتون ان کي ٿيون لوڪ ريائون روئن،
پنڻ پيريون جن، پار تنهين جا پڏرا.

پٽر پوڻ معنيٰ ماتم جي تڏي تي ويهڻ، لوڪ ريائون، جيڪي لوڪ جي لڄا کان روئنديون آهن، جن جي دلين تي دک جو ديرو ڇمايل آهي تن جا پار يا ورلارپ ئي پڏرا هوندا آهن.

ڪنهن کان گناهه يا ڏوهه ٿيندو آهي ته معافي وٺڻ واسطي، سنڌواسي ڳچيءَ ۾ پاند پائي وڃي معافي وٺندا. شاهه صاحب واري سنڌ ۾ به اهو رواج هوندو هو ته عورت پنهنجي گندي يا رئي جو پاند وجهندي هئي ته مرد پٽڪو لاهي پاند وجهي پرچائيندا هئا:

پهائيندين پنهونءَ کي ڳچيءَ پائي گندي.

---

ويندين هوت پنهونءَ ڏي، پاند وجهي پٽڪي.

سنڌ ۾ پيرن کڻڻ يا پيرن آهوڙڻ جو فن هن حد کي پهتل آهي جو پاڻيءَ مان چور يا گم ٿيل ماڻهو يا جانور جو پير کنيو هليا ويندا آهن. انهي هنر جي ڪاريگرن کي "پيري" يا "پيرادو" ڪري سڏيندا آهن. اهو هنر سنڌ کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ ملڪ جي ماڻهوءَ کي ڪو نہ ايندو آهي. اهو فن شاھہ صاحب جي زماني ۾ بہ سنڌ جا رهاڪو ڄاڻندا هئا.

لڪن تان لڙيو، پير نهاريان پرينءَ جو.

---

پر سڃاتائين پنهونءَ جو منجهان......

پير جي پڪي ڪرڻ لاءِ پير کي چئوطرف ليڪو هنيو ويندو هو جنهن کي "پير ڪڙڻ" چوندا آهن. شاھہ صاحب انهيءَ سنڌي اصطلاح کي هيٺين ريت ڪم آندو آهي:

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر ۾ پير پنهونءَ جا.

مسافر جڏهن گهر مان سنيري سهي پرديس پڌاربو آهي، تڏهن وات هلندي هن جي ڪهي پاسي کان جيڪڏهن تتر پکي اڏري وئي ڀڳو تہ ان کي بد سوڻ يا بدفالي ليکيندا هئا. شاھہ صاحب سسئيءَ جي واتان چورائي ٿو تہ:

تتر ٿئي م تن کي، ڏونگر ۾ ڏائو.

ساڳي ريت عرب قوم ۾ وري رواج هو تہ سفر ڪندي جيڪڏهن سهو سندن سامهون لنگهندو هو تہ ان کي بڇڙو سوڻ سمجهي گهر ڏانهن موٽي پوندا هئا. سڀ ڪنهن ملڪ جون ريتون ۽ رواج جدا جدا آهن.

آسمان جي ستارن تي سنڌ جي ٻهراڙي وارا رات جي وقت ۽ ٽائيم جو اندازو لڳائيندا هئا، جو بلڪل ٺيڪ نڪرندو هو. ڪتيون، ٽيڙو ۽ لڏا انهن کي نهاري رات جي گذرڻ جي ڪٿ ڪري سگهندا هئا ۽ انهن هلندڙن ستارن کي نکٽ چوندا آهن.

ڪتين ڪر موڙيا، ٽيڙو اُڀا ٿيئي.

ٽيڙو يعني ٽي تارا جي ڪتين جي پوئتان هلندا رهندا هئا. مطلب تہ ڪتيون لڙي رهيون آهن ۽ ٽيڙو منجهند اچي رهيا آهن. يعني تہ رات اچي وهاڻي آهي پر ان هوندي بہ:

نڪٽ سڀ نئي ويا، آيو نہ اوني.

سنڌ ۾ اڄ تائين ڀهراڙي وارن ۾ نڪتن تي وقت سڃاڻ جو رواج آهي، پر شهري سنڌين مان اهي گڻ گم ٿيندا وڃن ٿا. مرڻي پرڻي، جون جيڪي ريتون يا رسمون سنڌ ديس ۾ آهن، سي گهڻو ڪري هندن ۽ مسلمانن ۾ هڪجهڙيون آهن. شاديءَ ۾ لائون ڏيڻ يا گهوٽ ڪنوار کي ڳانو ٻڌڻ، ڏڪڻ پچڻ، ڪي ڏاج ڏيکارڻ ۽ ڏاج ۾ ڪي شيون ڳڻائڻ يا مرڻي ۾ زالن جو گڏجي اوسارڻ ۽ گڏجي ڏڻن وارن تي روئڻ، اهي سڀ ريتون حقيقت ۾ هندڪيون آهن. پر مسلمانن ۾ هندن جي هم وطن هجڻ ۽ هڪ ٻولي ڳالهائڻ ۽ پاڻ ۾ گڏجي رهڻ جي ڪري رائج ٿيون، جنهن ڪان پوءِ هنن جي تہ تهذيب جو بہ ڀاڱو بڻجي پيون. ساڳي ريت نيازمندي ڏيکارڻ لاءِ پيرين پوڻ يا رتل کي پهائڻ يا پرچائڻ لاءِ پلاند وجهڻ بہ هندڪي ريت آهي، جنهن کي سنڌي مسلمان پاڻ لاءِ هضم ڪري ورتو آهي. هرهڪ ديس جون جدا جدا رسمون ۽ جدا جدا رواج آهن. جن کي ديس واسي مذهب يا ڌرم جو جزو نہ سمجهندا آهن، پر انهن کي پنهنجي وطن جي ورجيس سمجهي ڪم آڻيندا آهن. جنهن ۾ انهي ديس جي رهاڪو سواءِ ڪنهن مذهبي يا ڌرمي تفاوت جي ان کي ڪم آڻيندا رهندا آهن. انهن ملڪي ريت کي نج ريت سمجهي ئي ڪم آڻيندا آهن، نہ مذهبي فرض سمجهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن کي پنهنجو مذهب يا ڌرم سمجهي ان جي ڪرڻي تي هوڏ ٻڌي ٿو تہ اها ان جي حماقت آهي.

شاھہ صاحب جي زماني ۾ سنڌ ۾ اسلامي راڄ هو ۽ مذهب جي محافظ مخدومن جو ڏاڍو زور هو. ان هوندي بہ مٿيون ريتون رائج هيون، سو فقط هن ڪري جو اهي رسمون فقط ملڪي رواج طور رائج هيون نہ مذهبي طور، جنهن ڪري ان وقت جي عالمن انهن تي ڪو بہ خيال ڪو نہ ڏنو ٿي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن کي مذهبي يا اسلامي سمجهي ادا ڪري ها تہ حڪمن بند ڪيون وڃن ها.

## سنڌ ۾ ڪتڻ جو رواج

شاهہ صاحب جي زماني ۾ ڪلون ڪو نہ هيون، جن تي سٽ ڪتجي ۽ اُجي، آچي ماڻهن کي ڍڪڻ لاءِ ملي ها، پر هر هڪ گهر ۾ ايٽ هوندو هو جنهن تي سگهڙ، سلڇڻيون، هندو ۽ مسلمان عورتون ڪاپي جو ڪم ڪنديون هيون. ننڍي ٿهي وارين نينگرين کي گهر جي ئي ڪم سان گڏ ڪتڻ جو هنر بہ سيکاريو ويندو هو تہ جيئن اهي گهر ڏياڻي ٿيڻ کان پوءِ جيئن پنهنجي عيال جي ڍڪڻ لاءِ پاڻ ئي پورهيو ڪندي رهي. جيڪڏهن ڪو وياءُ وڏور ٿي ويو تہ ان جو هٿ هرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو هو. اهڙي نينگريءَ کي مت ڏني وڃي ٿي تہ:

سي تو ويهي وڃائيا ڪتڻ سندا ڏينهن،
ارٽ اوڏي نہ ٿئين، پوريا پوري سئين،
تند پسند ٿي ڪيئن، هاڻي تون وڏي ٿيئين.

سگهڙ ڪاتياريءَ لاءِ فرمائي ٿو:

تنبائي تاڪيد سين جن پڇايو پاءُ،
لسي تند لطيف چئي، هلي تن هلاءِ،
ململ منجهان ماءُ، جي سکيون تن سون ڪيو.

ڪپهہ تنبائڻ يا پڇائڻ لاءِ تاڪيد ڪيو ويندو هو تہ صاف سڦري پڇي وڃي، جنهن جي تند لسي ۽ سنهي نڪري تہ ململ جهڙو مهين ڪپڙو اُٽائي سگهجي. ڪي ڏاهُڻيون وري ڪاپي جو ڪم ڪنديون هيون. ڪتڻ جو پورهيو ڪري ان تي پنهنجو گذران ڪنديون هيون.

پليءَ پائي پوڻيون، در در پيرا ڏئي،
ڪا مون ڪتائي، آئون ڪاپاتي آهيان.

ڪي عورتون مُلهہ ڏئي ڪتائينديون هيون ۽ ان مان سٺا ڪپڙا اٽائينديون هيون، پر سسئي گهرو معاملن کان ايڏو بيزار ٿي پيئي آهي جو پاڻ تہ ڪتڻ جي ويجهو نہ آهي پر ماءُ کي چوي ٿي تہ:

ڏئي ڪين ڪتاءِ، مون کي نيهہ نهوڙيو.

ڪتيل سٽ بازار ۾ وڪامندو بہ هو. سقري جو اگهہ الڳ تہ رنڍن روڙيل جو ملهہ الڳ هوندو هو. شاهہ صاحب سٽ ڳنڍڙن کي صراف سڏيو آهي يعني پارکو. فرمائي ٿو تہ:

اٽي اور ارٽ سين، ويهہ م ويڳاڻي،
تہ صراف سياڻي، موٽائي هٽي نہ منهن تي.

---

ويهي ڪنبڪاپو ڪر، گهتون گهوهيون ڇڏ،
تہ صرافاڻي سڏ، مرڪيو هوند مٽائين.

ڪورين کي سُٽ ڏيئي ڪپڙي جو نمونو سمجهايو ويندو هو. ڪي ننڍي بر وارا تاڪيا اهڙا هوندا هئا، جن جي تاڃي ۾ فقط 3 سئو تندون هونديون هيون ۽ وڏن برن وارن ٿانهن جي تاڃي هڪ هزار تند جي رٿي ويندي هئي، جنهن کي ڏهسئي سڏيندا هئا ۽ ٽن سون واري کي ٽسئي چوندا هئا. انهن اصطلاحن کي ڪم آڻيندي شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

تنهنجي ٽسئي تاڻ، هٿ ڏڪن ڏهسئي واريون.

ٽسئي–ٽن سون واري تاڻ–تاڃي. ڏهسئي– هڪ هزار واري تاڃي.

شاهہ صاحب جي ڪتڻ ۽ ڪاپائتي ۽ صرافن مان معنيٰ مراد تہ هڪ ٻي آهي، مگر هتي هي ڏيکارڻو آهي تہ سندس زماني ۾ سنڌ اندر جو ڪجهہ ٿي رهيو هو تنهن کي سامهون رکي شاهہ صاحب ان مان پنهنجي مطلب لاءِ سمجهاڻيون پيش ڪري رهيو آهي ۽ ڪتڻ جو هنر، جو انهيءَ زماني ۾ گهر گهر ۾ چالو هو ان جو اپٽار ڏاڍو تفصيل سان پيش ڪيو اٿس. مگر افسوس جو هن وقت سنڌ مان اهو گڻ سنڌي عورتن مان صاف نڪري چڪو آهي. سنڌ ۾ ڪپهہ بہ جام ٿئي ٿي. وونئڻ جا وڻ بہ ايترا آهن جن جو ڪاتو ئي ڪو نہ ڪري سگهجي ٿو پر انهن مان سنڌي ڪو بہ فائدو ڪو نہ وٺي رهيا آهن، تنهن ڪري لٽي ڪپڙي واري معاملي ۾ هو وڏن شهرن جي واپارين جا محتاج ٿي، انگ اگهاڙا ٿيندا رهن ٿا. جڻ تہ اجوڪي سنڌ لاءِ شاهہ صاحب جو هي شعر بلڪل ٺيڪ ٺهڪي اچي ٿو:

نہ سي ووڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،

پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

## ڏٽ ڏوريندڙ ماڻهو

شاهه صاحب جي زماني ۾ هڪ اهڙي ٽولي ماڻهن جي به هوندي هئي، جي هميشه ڏٽ ڏوريندا ۽ جهنگل جهاڳيندا وتندا هئا. شاهه صاحب هنن کي ڪاهوڙي جي لفظ سان ياد ڪيو آهي. ڪي ڪاهوڙي نانگ ڦاسائيندا ۽ انهن کي نپائيندا به هئا. ڪي ڪاهوڙي وري جهنگ ۾ ڪتا وٺي شڪار ڪندا هئا. ويچارن جو دنيا جي هار سينگار سان ڪو لاڳاپو ئي ڪو نه هوندو هو. صفائيءَ سان نه رهڻ ڪري مٿيءَ جهڙا ميرا، سندن دلق (گودڙي) به ڏوڙ جهڙا هوندا هئا.

پُڪليا پوٽن، دلق گڏيو ڏوڙ ۾.

پڪليا- مٿي ۾ ميرا تيل، پوٽن- گهمندا وتن. هن جو گهرن سان ڪو واسطو ئي ڪو نه هوندو هو.

مون ڪاهوڙي لکيا، گهرين نه گهارين.

ڏٽ ڏورڻ هلندا هئا ته پاڻيءَ جون ڪليون پري پري نڪري ويندا هئا:

هلو ته هلون ڏٽ کي، اٿيو اٿيو ڪن،
پاڻي پوتڙڻ ۾، ڪندر سِرِ ڪلهن،
ڏونرا ڏور سجهن، وٺي وهامي راتڙي.

جهنگ ۽ جبل جي جهاڳڻ ۾ ڪاڏي پوري نه ملڻ ڪري ويچارن جا منهن سڪا پيا هوندا هئا. بدن تي پوري اگڙي به ڪا نه هوندي هون. پيرن ۾ پراڻا ڪيٽرا پيا هوندا هون:

سڪا منهن سندان، پيرين پراڻا ڪيٽرا،
ڪاهوڙين اُهجاڻ، انگ نه سجي اگڙي.

ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙي ڪاري جهنگ ۾ وڃي دونهيون دکائي ۽ باهيون ٻاري ويهندا هئا، جتي ماڻهو ته اير پير ڪو نه هوندو هو. پر پکيءَ جو به پير ڪو نه هوندو هو:

جت نه پکيءَ پير، تت تمکي باهڙي،

ٻيو پارينڊو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ري،

تمڪڻ- هلڪي ٻاهہ جو ٻرڻ- ڪير-جماعت، ٽولي.

ڪاهوڙين مان ڪي آهيڙي يا شڪاري ٻہ هوندا هئا. شاهہ صاحب شڪارين جي شڪار جي حقيقت ڏني هئي. وري هڪ دفعو جهنگل ويران ٿي ويو ۽ شڪاري (ڪاهوڙي) ملڪ ڇڏي هليا ويا ان بابت فرمائي ٿو تہ:

جهنگل آهيڙين ڪي ڀنڻ ڪيو روءِ،
نہ ڪتا نہ ڪوڙڪيون، چڙهيو اُپو چوءِ،
هاٿي هنهان پوءِ، لڳي لوٺو نہ ٿئي.

شاهہ صاحب جي الاهي عشق واري نظر تمام وسيع هوندي هئي. هو پنهنجي ديس ۾ جو ڪجهہ بہ ڏسندو پسندو هو تہ، ان کي پنهنجي عاشقانہ ڪلام ۾ ادا ڪندي، معنيٰ هڪ اور وجي ڪيندو هوس.

ڪاهوڙي يا آهيڙي پسي ٿو هنن جو رچ ۽ جهنگ ۾ رلڻ، ڏٿ ڏورڻ بہ ڏسي ٿو. ڪتا، ڪوڙڪيون بہ سندس سامهون آهن. انهن جي هر هڪ ڪم کي جنهن وٽندڙ انداز ۾ ٻڌائي ٿو. تنهن مان هنن مسڪينن جي زندگي تہ هوبهو سامهون ٿئي ٿي، پر هڪ ٻي معنيٰ بہ نڪري اچي ٿي، يعني تہ الله جا ڳولائو جن جو دنيا سان ڪو لاڳاپو ڪونہ رهندو آهي، محبت الاهي واري ڏٿ ڏورڻ ۾ لڳا پيا هوندا آهن. تنهن مان ڏانهن بہ مطلب جو موڙ ٿيندو رهي ٿو. ڪٿي تہ مرڳوئي ڪليءَ ريت فرمائي ٿو تہ:

ڪاهوڙين خفي ڪان سوجهي لڌو سبحان،
عاشق اهڙين اکرين لنگهيا لا مڪان،
هُوءَ ۾ گڏجي هُو ٿيا بابوسي بريان،
سيوئي سبحان، آيو نظر اُن جي.

اڄوڪي زماني ۾ سنڌ اندر ڪي ڪاهوڙي ۽ ڏوتي، منهن لٽل مسڪين، ڪتل ڪيٽرن سان ليندا. مگر شاهہ صاحب جي زماني وارا ماڻهو جن ڏانهن اشارا ڪري ٿو ڪٿي ٿا لين. اهي جهنگل ئي سچ تي سڙي ڪامي لوٹ ٿي ويا. جتي اهي بريان (سين سان عشق جي داغ وارا) بابو(فقير) ملندا هئا. اڄ تہ:

ڏونگر نہ ڏوتي، ڏونگر سجو ڏوتين ريءَ،
پڇان پرو تي، ڪ ڏوتي ڏٺ اڇٽا؟

## سنڌ جا واپاري

سنڌ ۾ هڪ طرف ڪاهوڙي ۽ ڏوتي بہ هئا تہ ٻئي طرف وري وڏا وڏا واپاري ۽ جواهري بہ هئا، جن جي موتين جو ڏنڌو ملڪان ملڪ هلندو هو. شاهہ صاحب پنهنجي صوفيانہ رمزن کي سامهون رکندي صرافن ۽ وڻجارن جو بيان ڪيو آهي، جنهن مان انهيءَ زماني واري سنڌ جي تجارتي تمدن تي روشني پئجي سگهي ٿي. اسان جي اڳيان سنڌ جي تمدني تاريخ جو شاهہ صاحب جي هٿان، هڪ نئون باب کلي پوي ٿو.

سنڌ جي جهوني ڪان جهوني تاريخ تي نظر ڪجي ٿي تہ، ديبل بندر جو واپار ايران، عراق، عرب ۽ هندستان سان سمنڊ جي رستي کان ڳنڍيو پيو هوندو هو. اسلام جي اچڻ کان پوءِ ڪنهن زماني تائين، ديبل بندر آباد هو ۽ واپار جي وڏي منڊي هو. ان کان پوءِ انهيءَ بندر جي ڦٽڻ بعد، ساڳئي هنڌ تي مٽي ۽ کاري درياءَ جي ميلاپ وارن هنڌن تي نوان نوان بندر قائم رهندا آيا ٿي، جن ۾ لاهري وڏو هاڪارو بندر ٿي گذريو آهي. شاهہ صاحب جي زماني ۾ ٺٽو وڻج واپار ۾ تمام زور هو. ڏورانهن ڏيساورن تي ٺٽي جا وڻجارا، ٻيڙا چوڙائي واپار سانگي ويندا هئا. ٺٽو اڳ موتين جي واپار کان ڏاڍو مشهور هو. شاهہ صاحب جو ٺٽي ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. ان موتين جي وڻجارن جي سفر جون حقيقتون اکين سان ڏٺيون ۽ ان جو بيان سُر سراڳ ۾ ڏنو اٿس ۽ وڻجارن جي سفر تي وڃڻ کان پوءِ، سندن گهر وارين جي وڇوڙي ۽ ڦوڙائي ۾ جيڪا حالت ٿيندي هئي، ان جو ورتاءُ سر سامونڊي ۾ ڪيو اٿس. سنڌ ۾ شاهہ صاحب جي سامهون ڪهڙو واپار ٿيندو هو ان بابت فرمائي ٿو:

قر قل، ڦوٽا، پارچا، پاٽيٺ پاتائون،
ڪوڙيون قيمت سنديون، تڙ ۾ تاڪيائون.

قر قل–قرنفل معنيٰ لونگ، پارچا–ڪپڙا، پاٽيٺ– آبدار موتي. لونگ، الاچي، ڦوٽا سنڌ جي پيداوار نہ آهن، پر سنڌ جا وڻجارا اهي شيون هڪ ڏيساور تان گهرائي ٻين ڏيساورن ڏانهن موڪليندا هئا. باقي ڪپڙو تہ ٺٽي ۾ اڄندو نهندو هو. ريشمي ڪپڙن جي پيداوار انهيءَ زماني ۾ ٺٽي کان پوءِ بس

هئي. موتي بہ هن سنڌ واري عربي سمنڊ ۾ ايراني نار مان ايندا هئا. اڄ تائين ڪراچي ڪسٽمر وارا موتين جي واپارين کي ٺيڪو ڏيندا آهن، جو نئين نموني ٽوبا موتي ڪڍي اچن ٿا. شاهہ صاحب پنهنجي زماني ۾ سنڌ واري سمنڊ مان موتي ڪيندي ڏٺا آهن، جو منهن تي شيشي جو خول يا ٽوپ پائي سمنڊ لهي ويندا هئا. شيشي مان سمنڊ جي صاف پاڻيءَ ۾ سندن آرپار نظر پوندي رهندي هئي جنهن ڪري سچن موتين واريون سپون جهلي ايندا هئا.

ويا جي عميق ڏي منهن ڪاٿو پائي،

تنين سپون سوجهي ڪڍيون پاران پيهي،

پسندا سي ٿي، امل اکڙين سين.

عميق اونهو سمنڊ. امل - جنهن موتيءَ جو ملهہ ٿي نہ ڪٿي سگهجي.

سنڌ جا ناڪئا اڄ تائين ملبار ۾ بنگال پاسي سڙهن جي ٻيڙين تي مال لڏي ويندا آهن. شاهہ صاحب جي زماني ۾ اهي کهڙي کهڙي پاسي ويندا هئا:

سودي ڪارڻ سنبهي ويهون وڻجارن،

ويا چين بنگال ڏي، رکي ڪاٽڪ من.

سنڌ جو چين ۾ بنگال سان واپار هوندو هو سا هڪ تاريخي ڳالهہ آهي. انگريزن جو سنڌ فتح ڪرڻ کان پنج سال اڳ ۾ 1838ع ڌاري، سنڌ ۾ جيڪو واپار هليو ان جو بيان سنڌ گزيٽيئر ۾ ڇاپيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ فقط بنگال ۾ چين مان ٻي انداز ريشم سنڌ ۾ آيو. انهيءَ سال 21 لکن جو سنڌ ۾ واپار هليو. سنڌي وڻجارا سلون يا لنڪا بہ ٻيڙا ٻار ۾ وجهي سون جي واپار لاءِ هليا ويندا هئا.

لنڪا لنڪا ڪن، لئي لنڪا جي اوهريا،

سٽي سون لنڪا جو سک نہ ساموندين.

سون جي سودڻ ۾ پرکڻ جو ڪم بہ ٿيندو رهندو هو. نتي ۾ صرافن جا دڪان جام هوندا هئا. شاهہ صاحب هڪ "صوفيانہ مام ۾ انهيءَ معاملي کي بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

سون ونئن صراف سئين، پڇي چڏي بازي،

چاندي کيو چلائين، ربو روازي،

ساڳيءَ ريت انهيءَ زماني ۾ جواهرن جا پارکو بہ هوندا هئا، جن کي شاهہ صاحب پارکو وينجهار صراف ۽ جوهري سڏي ٿو جي ڪنير يا عينڪون اکين ۾ پائي ماڻڪن جو ملاحظو ڪندا هئا:

ڪنير پايو اکين لهن سپ ڪنهن سار،
موتيءَ جي مزاج جو قدر منجهہ ڪنار.

شاهہ صاحب پنهنجي زماني جي سنڌ ۾ ڏسي پسي چا ٿو ۽ ان مان معرفت واريون معنائون ڪهڙيون ڪيڍي ٿو عميق يا ساموندين جي سفر ۽ موتين ۽ ماڻڪن مان سندس ڪهڙيون مرادون آهن. هتي انهن معنائن جو بحث نہ آهي، پر هتي ڏيکارڻو آهي تہ شاهہ صاحب جي زماني ۾ سنڌ چا هئي ۽ سندس تهذيب، تمدن ۽ ريتون رواج ڪهڙا هئا ۽ هن وقت تائين انهن ۾ ڪهڙو ڦيرو آهي ۽ ملڪ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي.

فصل چوٿون

# سنڌ جا پکي

سنڌ جي سچي عاشق، حضرت عبداللطيف ڀٽائيءَ سنڌ جي هر هڪ نظاري ۾ ڏيک کي پنهنجي سامهون رکندي، انهن مان معرفت جون جيڪي مامون معلوم ڪري، وري سنڌ وارن کي تعليم ڏني آهي، تنهن کي ڏسندي حيرت وٺيو وڃي ٿي. ڀيو ته نهيو پر سنڌ جي پکين کي ڏسي ٿو ته، ان مان به هو پنهنجو مطلب ڪڍي ٿو. هو باز به ڏسي ٿو ۽ شڪرو به ڏسي ٿو ۽ ڳجهه جهڙو ماس کائو پکي به پسي ٿو. سيني جي عادتن کي سامهون رکي فرمائي ٿو:

ڪٽو باراؤ باز کي، ڳجهه جي ڪج م ڳول،
ٻوڙ جنهن جي ٻوليءَ ڏي، رڻ ۾ وتي رول،
جو ڀهون پاري ڀول، سو هٿان ڇڏ م شڪرو.

---

ڪن باراؤ باز کي، ڳجهه کي ڏي م ڳل،
هماء ڏي تون هل، شڪرو ساڻ ڪٽي.

هماء هڪ پکي جو نالو آهي، جو گهٽو ڪري اکين کان غائب رهي ٿو ۽ ڪنهن به جانور جو شڪار ڪري نه کائيندا آهن. فقط هڏين تي گذران ڪندو آهي. شيخ سعدي فرمائي ٿو ته:

هماء برسر مرغان ازان شرف دارد،
ڪه استخون خور ذطائري نياز آرد.

بادشاهه جهانگير پنهنجي روزنامچي ”توزڪ جهانگيري“ ۾ لکيو آهي ته هڪ دفعي چڙي مار هماء پکي ڦاسائي، منهنجي خدمت ۾ ڪٽي آيا. تجربو ڪيو ويو ته هو پنهنجي چنهب سان هڏيون سنهيون ڪري کائي رهيو هو.

ايراني شاعرن جو خيال آهي تہ هماء پکي جو جنهن ماڻهوءَ جي مٿان پاڇو پوندو آهي سو بادشاهہ ٿيندو آهي يا ولي خدا جو ٿي ويندو آهي ۽ ان ماڻهوءَ جي دنيا تابع ٿي رهندي آهي. غياث اللغات ۾ لکي ٿو تہ:

"بر سر هر کہ سايہ او افتد بدولت و سلطنت رسد"

شيخ سعدي شيرازي ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو تہ:

کس نيايد بزير سايہء بوم،
ور هما از جهان شود معدوم.

يعني جيڪڏهن هماء جهڙو برڪت ڀريو پکي دنيا ۾
ناياب بہ ڪٿي آهي تہ ان هوندي بہ ڪو بہ ماڻهو چبڙ جي
پاڇي هيٺيان ڪو نہ اچي ويهندو.

شاهہ صاحب هماء جي انهي عام تصور کي سامهون رکندي فرمائي ٿو تہ شڪري جهڙو سچو شڪاري ساڻ ڪري، هماء ڏي هل جتان تنهنجي من جون مرادون پوريون ٿين. ڳجهہ جو ڏونڊ ڏونڊيندڙ پکي آهي، تنهن جي ويجهو نہ وڃ. هماء پکي اگرچہ سنڌ جي سرزمين تي ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿو اچي، پر عام خيال آهي تہ هو لامڪاني پکي آهي ۽ هوا ۾ اڏرندو رهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو شاهہ صاحب ان جو ذڪر ڪيو آهي.

سيچاڻو: هڪ شڪاري پکي شڪري وانگي باز جي قسم مان آهي، شاهہ صاحب سيچاڻي جي خصلتن کي ڏسي پوءِ فرمائي ٿو تہ:

نينهن، سيچاڻي، شينهن، تنهي قصد ڪباب سين،
ڪائن راتو ڏينهن، توءِ پوڻن بکيا.

يعني تہ عشق، سيچاڻو پکي ۽ شينهن تنهي جو ڏنڊوئي آهي ماس کائڻ. رات جو ڪباب ڪٿي کائيندا تہ ڏينهن جو ساڳي ريت بکيا هوندا. باز يا سيچاڻي کي گرمي جي مند ۾ ڪريز ۾ وهاريندا آهن. سندس پَرَ ڪتري هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيندا آهن. اتي ئي باز پال ماڻهو سندن خدمت چاڪري ڪندا رهندا آهن. پوءِ جڏهن سياري جي موسم گهرندي آهي ۽ واڻڪي ڏياريءَ جو ڏيو ڏسبو آهي، تڏهن هو نوان پر ڪڍي ايندا آهن ۽ کين ڪريز مان ڪڍيو ويندو آهي. شاهہ صاحب ڪريز جو معاملو ڏسي فرمائي ٿو.

آهي عشاقن کي ڪاڙهو منجهہ ڪريز،
جي مٿي وجي ڳيجهہ، توءِ نهاري ڏونڊ ڏي.

شاھه صاحب سيچاڻي کان سواءِ شڪاري پکين مان بحري، شهباز شڪري جا نالا بہ آندا آهن. شهباز جي معنيٰ آهي بادشاهي باز اهو پکي ڏاڍو سوڏيل ۽ شڪار ڪرڻ جو تکو ٿيندو آهي، ڪن جو چوڻ آهي تہ باز پکي جي ماديءَ کي شهباز سڏيو ويندو آهي.

مور پکي کي ڪارايل بہ چوندا آهن. مور پکي پاڻيءَ جي ڪنارن سان رهندو آهي. هو پکين جو شڪار ڪو نہ ڪندو آهي، پر نانگ بلائون ناس ڪري ڇڏيندو آهي. سنڌ ۾ مور پکي جام ٿين ٿا، خاص ڪري ٿرپارڪر ضلعي ۾ جهنگلن جا جهنگل جهنگلي مورن سان پريا پيا آهن. شاھه صاحب مور جو بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

سر ۾ سانجهيءَ وار، مورن مانڊاڻا ڪيا،
سٿون ڏين سپن تي، ڪئين ڪارايل ڪٽدار
ماري نانگ اپار، وھه پيتائون وٿيين.

---

موران موتڻ مهٽو نوٽي نانگ نہ ڪن،
ڪرايل ڪارن کي، ڳارا ڪيو ڳهن،
وٿئين وھه پين، سڪ سرڪين نہ لهي.

نوٽي- نوڙت، نياز ڪارن- ڪارا نانگ، ڳارا ڏيڻ- همت سان اڳتي وڌڻ.

سنڌ ۾ چتون، طوطا، چهون ۽ چيها جهنگلي پکي هوندا هئا. سسئيءَ جي سر ۾ وٽڪاريا جهنگل جو بيان ڪندي فرمائي ٿو:

وڏا وڻ وٽڪار جا، جت چتون چانگارين،

---

وڏا وڻ وٽڪار جا، چهون جت چيها.

چپ- ڪڪڙ کان ننڍو پکي چتڪمرو ٿيندو آهي، گهڻو ڪري ويران پٽن، جهنگلن ۽ قبرستانن ۾ رهندو آهي. ان جو ٻيو قسم چبرو ٿيندو آهي جو سرڻ کان ٿورو ننڍو ٿئي ٿو. سندس شڪل ٻليءَ جهڙي ٿيندي آهي. هن کي منحوس يا چندو سمجهيو ويندو آهي، ڪنهن گهر ۾ اچي لنوي تہ ماڻهو سمجهندا آهن تہ ندورو پکي لنوي ويو خدا ڪو خير ڪري.

چيهو-جهرڪي کان ننڍو پکي، رنگا رنگ ٿئي ٿو. سندس ٻوليون

ڏاڍيون مٺيون ٿين. گهاٽن وڻن ۽ ساون جهنگلن ۾ پاٽيءَ جي ڪنارن سان رهندو آهي. فارسيءَ ۾ ان کي سرخاب سڏيندا آهن. سرخ آب- ڳاڙهو پاڻي. غياث اللغات ۾ لکي ٿو ته اهو نالو ان ڪري پيو اٿس جو سندس ماديءَ کي بين پکين جي برخلاف حيض ايندو آهي، جنهن ڪري سرخ آب جي معنيٰ ٿي ڳاڙهي پاڻيءَ جي ڏياٽي.

## پاڻيءَ جا پکي

پاڻيءَ جي پکين جو ذکر شاهه صاحب هڪ جدا سر ڪاراڀل ۾ آندو آهي. هنج ۽ للو پکي پاڻيءَ وارن پکين ۾ ڏاڍا مهانڊي وارا ۽ وڻندڙ ٿيندا آهن.

ڪنگ ۽ ٻگهه تنگن ڏگها اچا پکي به پاڻيءَ جي جيتن ۽ سنهي مڇيءَ تي گذران ڪندا آهن، پر هُنن ۽ هنن پهرين پکين جي ڏيل ڏول ۾ گهڻو فرق آهي.

شاهه صاحب پنهنجي ديس ۾ پکين جا اهي قسم ڏسي ٿو هنج کي خاص انداز ۾ نصيحت ڪندي فرمائي ٿو ته:

هاريا هنج ٻگهن سين، ڪيهي ٻڌين ٻيلهه؟
ميرو مٿائج تون، اڇي ڪر اُڪيل،
ڪنگن سان ڪويل، للا جم لڙ پئين.

هاريا- بيڪار. ٻيلهه- دوستي. اڪيل- اڪلائڻ. ڪويل-بيوقتو. جم- چو. لڙ پوڻ- پاڻيءَ ۾ ترڻ.

هنج جي عادت بيان ڪندي فرمائي ٿو:

ماڻڪ چوڻو جن جو هنج حضوري سي،
چلر ۾ ڇنب هڻي، مڇي ڪين نه اِي،
لوڪ نه لکا ٿي، جيلانهن پوڻن ٻگهن گڏيا.

ڍنڍ جي پکين ۾ ڪانگن جهڙا ڪارا پکي به ٿيندا آهن، جن کي ڪانئيرو سڏيندا آهن. انهن جون عادتون نه هنجن جهڙيون هونديون آهن نه وري للن جهڙيون. مڇيءَ جي ورن لاءِ پاڻيءَ کي ميرو لڙو ڪري ڇڏيندا آهن.

سر وڃايو سرڪ، وڙن ڪانئيرن،
آڌيءَ رات اٿي ڪري، ددا دانهون ڪن،

سنڌي ذات هنجن، منهن ڪوڙي موتي چڻي.

سَر- تلاءِ يا چشمو. سُر- رنگ يا نمونو. ٻي وڙو- ٻي ڍنگو. دد- فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي جانور. ڪانءُ جو رات جو لنوڻ سنڌي رسمن موجب بد سوڻ آهي. هن بيت ۾ شاهه صاحب ان ڏانهن اشارو ڪندي ڪانئيرن جي بد ذات ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي.

سنڌ ۾ تاڙو پکي برسات جي موسم ۾ ٿيندو آهي، جنهن مان گمان ڪيو ويندو آهي تہ اجهو ڪي اجهو برسات آئي. شاهہ صاحب تاڙي کي ڏسندي فرمائي ٿو:

اڄ پڻ اتر پار ڏي تاڙي ڪئي تنوار.

يعني تہ سارنگ پوري ساز سامان سان اچي رهيو آهي، ڇو تہ تاڙو تنوارون ڪري رهيو آهي:

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگهہ، مينهيون،
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين.

مِرگهہ- هرڻ. آڙي- پاڻيءَ جو پکي آهي، جنهن جا ڪيترائي قسم آهن، جن مان ٽيتا ۽ اسناف مشهور آهن جنهن جو ماس شڪاري ڏاڍي شوق سان کائيندا آهن. هڪ پڙهڻي ۾ آڙيون جي بجاءِ اڙون لفظ آيل آهي، اڙون جمع آهي اڙ جو.

"اڙ" هڪ تمام ننڍو ڪارانجهڙو پکي آهي، پر هن جو آواز تڏ وانگي ڏاڍو تکو ٿيندو آهي. ماڻهو چوندا آهن تہ اڙ پکي مينهن لاءِ تنواري ٿو پر مينهن جي پڪ تڏهين ٿيندي آهي، جڏهن تاڙو تنواريندو آهي. رات ڏينهن سنڌس ڏمر لڳي ويندي آهي تہ برسات پوي، برسات پوي.

تاڙو پکي، ڪٽچي پکي کان ٿورو وڏيرڙو ٿيندو آهي. هن جو پيچ بہ ڏگهو ٿئي ٿو. سنڌيءَ ۾ مينهڻ چوندا اٿس. جو برسات جي موسم ۾ اچي پر گهٽ ٿيندو آهي. سارنگ، چانڪ، ٻاٻيهو بہ کيس سڏيندا آهن. چون ٿا تہ هو هميشہ برسات جي پاڻيءَ تي گذران ڪندو آهي ۽ تِر جيتري بہ گرمي سهي نہ سگهندو آهي. شاهہ صاحب سسئيءَ جي سر حسينيءَ ۾ انهي ٿي ڏانهن خاص بليغانہ انداز ۾ اشارو ڪيو آهي:

منجهان منهنجي روح، جي وڃي ساجن وسري،
تہ مَرُ لڳي لوهہ ٿر- ٻاٻيهو ٿي مران.

پاٽيءَ جي پکين مان هڪ ڪائو بہ آهي، جنهن جي لات لنوڻ سان پاٽي پوبون ٿيندو ۽ سانگارا ڪري لهڻ لڳندو آهي.

سڪي ڏور ڏيون ٿيون، ڪنڌي ڏٺو ڪائو،
پاٽي پٽهيل ۾ اڳيون نہ آيو
ماڙهن ميڙائو ڪنهين ڪنهين پيٽئين.

ڏور-ڏورو يا ڏنڊ. ڏيون ٿيڻ- تري ۾ وجي پوڻ. پٽهيل هڪ ڏوري جو نالو. هن شعر جي هڪ ٻي پڙهڻي هن ريت آهي:

سڪي ڏور ڏيون ٿيون، ڪنڌيءَ ڏٺو ڪائو.

هتي ڪائي ڏيڻ جي معنيٰ ٿيندي لهي وڃڻ. ڪنڌيءَ کان پاٽي هيٺ لهي ويو آهي. درياءَ جي پکين جو پاريهڙي يا شڪاري جن اٽڪلن سان شڪار ڪندا هئا، تن مان شاهہ صاحب جي زماني ۾ هڪ هي ڍنگ هوندو هو جو ڪاٺ جو موئرو ناهي، مٿس پک يا ڪنيپ چنبڙائي، پاٽيءَ ۾ آٽي تاريندا هئا. ٻيا پکي سمجهندا هئا تہ شايد اهي بہ سچ پچ اسان جا ساٿي آهن. جڏهن انهن وٽ اُڏي اچي ويهندا هئا تڏهن پاريهڙي، جو وجهہ وٺيو ويٺو هوندو هو سو هنن کي امالڪ ڦاسائي پنهنجي ڦندي ۾ آڻيندو هو:

پکيءَ جنهن پڃائيا، تنهن ۾ ساهہ نہ ماهہ،
منجهہ ڪرنگهر ڪاٺ جو مٿي پکين چاهہ
ويچارن ويساهہ، مٿن پکين آئيو.

پڃائڻ - پهچائڻ. ماهہ- ماس. ڪرنگهر- بوتو جسم. پک-ڪنيپ.

دلبو منجهہ درياءَ، پکي پسي آئيا،
ويچارا ويساهہ، آڻِ ات اڙائيا.

دلبو- ٺڳي، ڌوڪو. پر شڪارين جي اصطلاح ۾ خود انهن مئرن کي بہ دلبو چئبو آهي، جيڪي پکين ڦاسائڻ لاءِ پاٽيءَ ۾ تاربا آهن. ڪڏهن ڍبين يا دامن ۾ بہ پکين کي ڦاسايو ويندو هو. شاهہ صاحب هنج پکيءَ جي هن دنيا ۾ هلت بابت فرمائي ٿو:

جٺن قطر چٽيو ڪڙيرين، ٻول ٻجهندين هنج،
موتي جي مهراڻ جا، پورا چٽج پنج،
اڄ ڪ صباح سنجهہ، تو ڍبين ۾ ڍير ٿئين.

قطر- داڻا. چٽن- چونڊڻ. ٻول ٻجهڻ- واعدو ڪرڻ.

هيءَ دنيا هڪ ساگر آهي، سالڪ هن ۾ هنج پکي مثل آهن. هن دنيا ۾ نفسياتي خواهشن جا موئرا ۽ ڪاٺ جا ڪرنگهه ٺاهي نيڪ انسانن جي ڦاسائڻ لاءِ جتن ڪيا ويندا، تنهن ڪري شاهه صاحب انهن حالتن ڏانهن پنهنجي شعر ۾ اشارا ڪيا آهن. سالڪ کي چوي ٿو ته، دنيا جي گندگين کان جند ڇڏائي اڳتي وڌ، نه ته شڪارين جو طعام ٿي ويندين:

آءُ اڏامي هنجڙا، سر ۾ سارينئي،
متان مارينئي، پارهيڙي پهه ڪري

## ڪونج پکي

ڪونج هڪ پهاڙي پکي آهي، جو سنڌ جي لڳو لڳ بلوچستان وارن پهاڙن ۾ رهندو آهي. سخت سرديءَ جي مند ۾ سنڌ ۾ لهي ايندو آهي. هو وڻر ۽ ولر ڪري داڻو پاڻي حاصل ڪندو آهي. اڇي رنگ جو قدآور پکي، ڊگهي ڳچيءَ سان ٿئي، ان جي آواز ۾ به چڱو ميناج آهي. مسافر پکين جون ٽوليون ڏسندي شاهه صاحب کي خاص امنگ پيدا ٿئي ٿي. ڪونج کي پيار کان ڪونجڙي به سڏي ٿو ۽ هنديءَ ۾ ڪيس ڪونجي چون، تنهن سان به ياد ڪري فرمائي ٿو:

قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن سندن روهه،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، رزق رازق هٿ ۾.

هنن جي پاڻ ۾ ٻڌي ڏسي فرمائي ٿو:

وڳر ڪيو وتن ، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنئان ميٺ گهڻو.

يعني ته ڪونجون پاڻ ۾ ڏاڍي اتحاد ۽ اتفاق ۾ آهن ۽ وڳر ڪري هلڻ سان سندن پريت پڪي ٿيندي رهي ۽ ان ڪري پاڻ ۾ ميٺ يا ميناج به وڌي ٿو پر افسوس جو انسانن ۾ اها شيءِ ڪا نه رهي آهي جو پاڻ ۾ هڪ ٻي رهن ۽ هڪ ٻي رهڻ جو هميشه نتيجو مٺو نڪرندو آهي. فارسي جو شاعر ٿو فرمائي:

ز اتفاق مگس، شهد مي شود پيدا،
خدا چه لذت شيرين در اتفاق نهاد.

يعني ته مکين جي اتفاق يا ايڪتا سان ماکي پيدا ٿئي ٿي ڏسو ته الله

تعاليٰ ايڪتا ۾ ڪيڏو نه ميناج رکيو آهي. پرديسي پکي جي ڪٽڪن ۽ لنوڻ کي شاهه صاحب سندن وڇوڙين ٻچن جي يادگيري ۾ فراق جا ڦوڙائي سمجهي فرمائي ٿو:

ڪونجيون ٽيون ڪٽڪن، جيڪس هلڻ هاريون،
ٻچا پوءِ اتن، وڃن وانڍا ڪيو.

---

ڪونجڙي ڪالهه لئي، سجڻ وڏم جت،
آئون جنهن ريءَ هت، گهنگر گهاريان ڏينهڙا.

ڪونج پنهنجي وڳر مان وڇڙي ويئي آهي، اڪيلي رڙندي وتي ٿي، ماري سندس ڦاسائڻ لاءِ ڦاهيون اڏيو ويٺو آهي:

وڏي وڳر هيرئين، چٽي نه ٻين گڏ،
ڪونج ڪريندي سڏ، ويئي وهامي راتڙي.

هوڏانهن پوئتان کيس وڳر واريون به سنڀالي ۽ سندس سلامتيءَ لاءِ آسيسون ڏئي رهيون آهن:

وڳر ۾ وائي، ڪالهه تنهنجي ڪونجڙي،
سَرَ ۾ سارينئي گهڻو پينر ۽ پائي،
پسين نه ڦاهي، جا ماري سندي من ۾.

هن مسڪين مسافر پکيءَ کي ماريءَ جي دام ۾ ڦاسندو ڏسي فرمائي ٿو:

ماري مرين شال، ڍب وجنئي ڍيبون،
جيئن تو اڇي ڪالهه، وڏو وچ ورهن کي.

هي دنيا مسافر خانو آهي جتي دنيا جون وٿون هڪ پاڪ روح لاءِ ڍيبون آهن ۽ ٻچڙيون سڏون ماري آهن. انسان جنهن جو اصل وطن ڪو ٻيو آهي، جيڏانهن هن کي وري وڃڻو آهي. تنهن کي خدا وارن جي ٽوليءَ کان جدا ٿيڻ نه گهرجي. ٿورو به ويسلو رهيو ته پوءِ ماريءَ کي مار جو موقعو ملي ويندو. ماري به ته ساڳي انساني صورت ۾ شيطان آهن. پر انهن جو سڀ ڪنهن کي پتو ڪو نه پوي ٿو:

بغل منجهه بندوق، ماري ميرا ڪپڙا،
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيو لڪ چڙهين.

حضرت جلال الدين رومي فرمايو آهي:

اي پسا ابليس آدم روءِ هست،
پس بهر شخصي بنايد داد است.

يعني تہ ڪيترائي شيطان ماڻهو انساني روپ ۾ آهن، تنهن ڪري هر هڪ شخص کي نيڪ انسان سمجهي هن جي هٿ ۾ هٿ ڏيڻ نہ گهرجي. يعني تہ ان جي صحبت اختيار ڪرڻ نہ گهرجي. متان داڻو ڪارائي خانو خراب ڪري ڇڏي انهيءَ معنيٰ ۾ شاهہ صاحب فرمايو آهي، تہ ماريءَ کي ميرا ڪپڙا آهن جو پورو سڃاڻڻ ۾ نٿو اچي. ميرن يا خاڪي ڪپڙن ڪان شڪار نہ ڇرڪندو آهي، جنهن ڪري سولائيءَ سان هن جي دام ۾ گگدام ڦاسي پوندا آهن. هوڏانهن انهيءَ ميرن ڪپڙن واري جي بغل ۾ بندوق آهي جو غافل ڏسي هڪدم شڪار ڪري سگهي ٿي.

## ڪانگ پکي

سنڌ ۾ هي پکي جام ٿئي، رنگ جو ڪارو، گردن تي سفيدي، اکين جو تکو، تورو تيڏيرو، ڏاڍوو سياڻو پکي ٿئي ٿو. داڻا بہ چڱي تہ ماس مڇي بہ کائي. ننڍن پکين جا ٻچا شڪار ڪري ڳڙڪائي وڃي. هنن جي چمار چون ٽا تہ ڏاڍي ڏگهي ٿيندي آهي. پنهنجي بچاءَ لاءِ پوري هوشياريءَ ڪان ڪم وٺندوآهي. هن جي سياڻپ پهاڪي طور ڪم ايندي آهي. چوندا آهن تہ "سياڻو جهڙو ڪانءُ" يا "سياڻو ڪانگ بہ ڄنگهو ڦاسي".

سنڌ وارن جو رواج هو تہ ڪنهن گهر جي ٻني يا پٽ تي ڪانءُ ويهي لنوي تہ ان مان گمان ڪيندا آهن تہ اڄهو ڪو سڄڻ يا دوست آيو. سنڌ جي ڪن زالن کي ڪانءُ جي ٻوليءَ جي ڄاڻ ٿيندي آهي. هن جي هڪ خاص آواز مان اندازو ڪندي چونديون آهن تہ ڪانءُ ٿو لنوي اڄهو ٿو ڪو مهمان اچي. سنڌين وٽ ڪانگ کي هڪ قاصد جي پوزيشن آهي، جو سپرين جا سنيها ۽ هنن جي ميلاپ جي پارانيو يا پيغام کڻي ايندو آهي. شاهہ صاحب واري سنڌ فقط ٻهراڙين واري سنڌ آهي، هن جي سامهون ٻهراڙيءَ جون ئي ريتون رسمون آهن، جنهن ڪري ڪانگ کي ڪڏهن قاصد واري صورت ۾ وڻ تي ويٺل ڏسي ٿو:

آءُ ڪانگا وڻ ويهہ، سڏيون ڏي ساڻيهہ جون.

ڪڏهن وري ٻهراڙيءَ جي گهرن ۾ جي مُنيون ڪتل هونديون آهن،

جنهن سان مينهون يا ٻيو مال ڍڳو آهي، تنهن کي ڏسي ٿو:

ڳُر ڪنيو ڪانگ لنوي مُنيءَ تي مضبوط

ڪڏهن ڪڪائين مَنهه تي ويٺل نظر اچي ٿو:

مٿان منهه منهنجي ڪنهن اُڏايو ڪانگ

سنڌي ماڻهو ڪانگ کي قاصد يا پرينءَ جي پار جو پکي سمجهي، هنکي سدورو ڄاڻندا آهن، پر اسلام کان اڳ وارا عرب، ڪانگ کي ڏاڍو بچڙو پکي ۽ دوستن ۽ عزيزن ۾ جدائي ڪندڙ سمجهندا هئا. هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جا عرب ايئن سمجهندا آهن. ڪانگ کي هو سڏيندا ئي "غراب البين" آهن، يعني ته جدائي آڻيندڙ پکي، غراب جي لفظ مان غربه ۽ اغتراب ڪڍيا ويا آهن، يعني سفر ۽ پرديس ماڻڻ، عرب جن به شين يا جانورن مان سوڻ يا بدنالي وٺندا هئا، تن ۾ ڪانءُ سڀ کان وڌيڪ هنن وٽ بچڙو پکي آهي. هڪ شاعر جو قول آهي:

وصاح غراب فوق اعواءِ بانهه،
با خبار احبابي فقسمني فڪري،
فقلت غراب باغتراب وبانهه،
بين النوي تلڪ العيافهه والزجر،
وهبت جنوب با جتنابي منهم،
وهاجت صبا، قلت الصبابهه واهجر.

يعني ته ڪانگ پاڻ وڻ تي ويهي منهنجن دوستن جي ڳالهه ڪئي. (2) جنهن تي مان چيو ته ڪانگ ته ساٿين ۾ ڏورانهن ۽ جدائي آڻڻ لاءِ آهي ۽ سندس لنوڻ هڪ تنبيهه آهي. (3) ان کان پوءِ ڏکڻ جو واءُ لڳو ته ڀانيم ته دوستن کان ڏوراهي ٿئي ٿي ۽ صبح جو هير گهلي ته چيم ته عشق سان گڏ جدائي آئي.

عربن جو ڪانگ بابت اهو تخيل آهي، ته سنڌين جو وري هي آهي ته ڪانگ قريبن جو قاصد آهي. هر هڪ ملڪ جا رواج نرالا آهن. عربي يا فارسي شاعر دوست يا معشوق جا نامبر يا قاصد ڪبوتر کي تصور ڪندا آهن ۽ ڪبوتر هٿان سڄڻن ڏانهن سنيها موڪليندا آهن، جيئن ته فارسيءَ جو هڪ شاعر فرمائي ٿو:

تابرد سويش ڪبوتر نامه چندان سوده ايم،

دیده بر پایش کہ پایش رابخون آلوده ایم.

ڪبوتر جا پير ڳاڙها ٿيندا آهن. شاعر ان جي علت بيان ڪندي چوي ٿو تہ ڪبوتر جڏهن خط کڻي رواني ٿيڻ تي هو تہ، مان سندس پيرن تي رت روئندڙ اکين کي ايتري قدر مليو جو سندس پير خون آلود ٿي پيا تہ جيئن معشوق کي منهنجي سچي سڪ جو ڪو سماءُ پوي.

شاهہ صاحب جي سامهون فقط سنڌ آهي. ايراني شاعري جي ورجيس کان گهٽي حد تائين بچڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. تنهن ڪري هو قاصد يا پيغام پهچائيندڙ ڪبوتر جي جاءِ تي ڪانگ کي قاصد ڪندي، نج سنڌي رواج جو پنهنجي شاعري ۾ بيان ڪري ٿو. فرمائي ٿو:

ڪري ڪانگ ڪرنشون پيرين پرين پئيج،
آئون جو ڏيئين سنيهو وچ م وساريج،
الله لڳ لطيف چئي، ڳجهو ڳالهائيج،
چئان تيئن چئيج، تہ ڪنياتا خوش هئين.

پيرين پوڻ فقط سنڌ جو ئي رواج آهي. ڪانگ کي نياپو ڏيندي هيئن چوڻ تہ، پرينءَ کي پيرين پئي پوءِ پيغام ڏج، سنڌي زبان جو هڪ ايڏو بلند تخيل آهي، جنهن کي ٻي ڪنهن بہ زبان ۾ هرگز ادا ڪري نٿو سگهجي. ايراني شاعر ڪبوتر جي پيرن تي خون آلود ڳوڙها ڳاڙي پنهنجي پرينءَ جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو پر شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڪيڏي ڪانگ تو ڌيان، هنيون ساڻ هتن،
وڃي ڪاءُ ولايت ۾، اڳيان عجيبن،
پرين مانَ پڇن، تہ هيءَ قرباني ڪنهن ڪئي.

محبوب کي متوجهہ ڪرڻ لاءِ پنهنجو هنيون ڪانگ کي ڪيڏي ڏيڻ تہ، معشوق جي ملڪ ۾ وڃي سندس سامهون ڪائي تہ، من پڇا ڪن تہ هي ڪير قربان ٿيو آهي، جنهن جو هنيون ڪانگ جو ڪاڄ ٿي رهيو آهي. ايڏو بلند تصور شايد ڪنهن شاعر پيش ڪيو هجي. شاهہ صاحب هن خيال ۾ اچي ايڏو ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي جو اتي سڀ ڪنهن سخن گوءِ سگهڙ جو پهچڻ بيحد مشڪل آهي. ڪانگ جو قاصد بڻجڻ واري حالت ۾ ٻہ ٻہ حالتون آهن. (1) هو پرين جو پارانيو يا پيغام آڻي ۽ سندس وصال جي ڪا وائي اچي واري:

ڪي جو زاغ زبان سين لَنيو متي لام،
پهچايائين پرينءَ جا، سر تيون رات سلام.

(2) ڪانگ پرينءَ ڏي پيغام يا ڪو خط ڪٺي وڃي ڪيس پهچائي:

اڏر لڳ الله، ويلو ڪر م وچ ۾.

---

آئون جو ڏيانءِ سنيهو سانڍ برابر ساهه،
سندي ڳجهاندر ڳاهه، ڪهج م قريبن ريءَ.

ڪڏهن ڪانگ کي خط ڏيئي، محبوبن ڏانهن موڪلڻ لاءِ چوي ٿو:

ڪانگل نيئي ڪانگ منهنجي ڏي محبوب کي،
لالڻ لايئي ڏينهڙا، ڪنهن سناٽي سانگ،
اوهان ري اڙانگ، وينئي وره وسائيان.

هتي ڪانگ جي معنيٰ خط آهي، جنهن کي شاهه صاحب ٻئي شعر ۾ ڪتابن ۽ خط جو لفظ سان به آندو آهي. ڪانگ مان مراد ڇا آهي ۽ ڪنهن ڏانهن قاصد ڪري موڪلي ٿو؟ ڪانگ ڪهڙي قسم جو هجي جنهن بابت فرمائي ٿو ته:

زاغ تنهنجي ذات جو تورو متي مون.

هيئن به فرمائي ٿو ته:

قريبن جو ڪانگڙو متي تار تلي،
سو ور چشمن تي چلي، جو درباري دوست جو.

هن ۾ دوستن جي محرم راز عارف ڏانهن اشارا ڪيل آهن پر جيڪڏهن اهي وصفون قاصد يا وچ واري ۾ نه آهن پر ڪانءَ جون جيڪي مشهور بريون عادتون هجن ته ان بابت فرمائي ٿو ته:

سو ڪانگ نه قاصد ڪر، جو سدا ڍونڍ ڍري،
ڪه ڪندو پنهنجي پيٽ جي، ڪي ويندو دوست در
جنهن جي ٻوليائي ٻر ٻر، سو نياپا نيئي رهيو!

جنهن کي صوفيءَ جو سينو نه آهي فقط ماڻهن جي ڏيکاءَ لاءِ نوڪي آهي ۽ دنيا جي ڍونڍ تي ڍريو پيو آهي، تنهن کي قاصد يا سونهون نه بڻايو وڃي ڇو ته هو پنهنجين نفسياتي گهرجن جي پورت ڪندو يا رهبر بڻجي راهه ڏيکاريندو.

## هدُ هدُ

سنڌ جو هڪ پکي آهي، جنهن کي فارسيءَ ۾ مرغ سليمان ۽ سنڌيءَ ۾ ڪاٺڪنو يا چنڊول چوندا آهن.

طالع طاؤسن جا پسيو زاغ جلندا،
هد هد پسيو هنجڙا، ويٺائي وهسندا.

ڪانگ جي بدخصلتن جو بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ طاؤسن يعني مور جو بخت ڏسي ڪانگ پيو جلندو پر هنج پکي هد هد کي ڏسيو پيو خوش ٿيندو.

هد هد يا چنڊول پکي چٽڪمرو ٿيندو آهي، سندس کنڀ ۽ پير زرديءَ تي مائل ٿيندا آهن. مٿي تي هڪ ڳاڙهو موڙيا چوٽي ٿيندي اٿس، جنهن کي پيو کوليندو ۽ بند ڪندو آهي. حڪمت جي ڪتابن ۾ آيل آهي تہ هد هد جا کنڀ پٽ جي اڳڙيءَ ۾ ٻڌي دشمن کان بچاءُ واري ارادي سان زمين ۾ پوريا تہ ماڻهو دشمن جي شر کان امن ۾ رهندو.

## ڪوئل

ڪوئل قد ۾ ڪانگ جيڏو ڪاري رنگ جو پکي آهي. آواز ڏاو مٺو ۽ دردناڪ ٿئيس ٿو. سنسڪرت ۽ هندي شاعري ۾ معشوق جي آواز کي ڪوئل جي ٻول سان تشبيهہ ڏني ويندي آهي. هي پکي سمنڊ يا برساتي هنڌن تي رهندو آهي. شاهہ صاحب هن جو بيان سسئي واري سفر ۾ آڻيندي فرمائي ٿو:

رڃن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪوئل جي ڪوڪ،
ولولو ۽ ووڪ، اي تان آهي عشق جي.

ڪوئل ڪراچيءَ جي باغن ۾ بہ جام ٿئي. سسئي جو پنڌ بہ ڪراچيءَ کان پري، سمنڊ جي ڪناري سان هليو ويچي ٿو جتي ڪوئل جو پڙلاءُ پوندو رهندو آهي.

فصل پنجون

# سنڌ جا ڪي پيا جانور

ڪتو:

سنڌ جي جانورن مان، سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ ڪتي جي ڏاڍي گهرج ۽ ضرورت آهي. ڪتو مال جي سنڀال ڪري، کيتيءَ جو رکوالو ٿئي، گهرٻار جي نگهباني ڪري، ٻهراڙيءَ جو هاري يا مالدار توڙي ياڳيو ماڻهو ڪتي کان سواءِ رهي نہ سگهي. ڪتي ۾ ڪي خصلتون آهن. هو مالڪ سڃاڻي، مالڪ جو دوست سڃاڻي، دشمن کي پري کان تڏي جهلي بيهي. مجال جو ڪو ڌاريو ماڻهو هن جي مالڪ جي ڀنيي تي پير بہ ڌري سگهي. شاهہ صاحب سر معذوري ۾ ڪتي جو بيان شاعرانہ انداز ۾ آندو آهي. ڪيچ جا ڪتا جيڪڏهن سسئي کي ڀوتيون ڪري ڪائي وڃن تہ اهابہ هن جي پهچ ۽ ڪاميابي آهي.

ٻانيڙ تي ڀوتيون، تہ ڪتا کينئي ڪيچ جا.

ڪيچ جا ڪتا بہ ڪهڙا؟ ان جي جواب ۾ فرمائي ٿو:

ڪتا کينئي ڪيچ جا، سندا جي پنهونءَ،
اگهيئين هوند اسونهن، جي جانارن ياد پئين.

ڪتو ڀوڪندو آهي يعني واڪو ڪري آواز ڪندو گرندو بہ آهي يعني هري هري آواز ڪيندو آهي. ڏاڙهڻ لاءِ گهڏي، لڏي گهور ڪري بہ ايندو آهي. ڪتي جي انهن سيني لازمي وصفن کي هيٺئين شعر ۾ آڻي ٿو:

جاڳايس جنبور*، ڪتي قريبن جي،
ٻهي ڀؤنڪي اٿيو گهڏي منجهان گهور

* جنبور- زنبور فارسي لفظ آهي. معنيٰ ڏينيو- تکي ويڙهو ڪتي کي جنبور سڏيندا آهن.

سپ لاهيندو سور، گري هن غريب تان.

ڪتو ته مالڪ جا دوست به سڃاڻندو آهي، پر ڀيريان واٿهڙو تي ڀونڪي ايندو آهي، جڏهن ڏسندو آهي ته هي ته پنهنجا آهن ته ڪٽي بس ڪندو آهي.

ڪتو چئي قريب جا، آهيون ساڃ سهي
ڀيرين بات ڀهي، پڇون پوءِ پانڌين کي.

ڪتو هڪ طرف ڏاڍو وفادار جانور آهي، پر ان سان گڏ هو ڍونڍ جو طالب به آهي.

ڪتو طالب ڍونڍ جو اسين ڪتي ڪيڙ،
ڇهتي آيو ڇيڙ، ڪارايل جي ڪن ۾.

هتي ڪتي کي ڪارايل يا ڪارائي يعني مور سڏيو ويو آهي. اڳ سنڌ دستور هوندو هو ته پيار ڪان هوشيار ڪتن کي مور ۽ موتيڙو سڏيندا آهن.

سگبان سينداريا، بڇيا تي بهن،
ڦريا نه فرمان ڪان، ملهه نه موتيڙن،
ڪونهي ڏوهه ڪتن، ڏاڪاريا ڏاڙهين تا.

هن شعر ۾ ڪتن کي موتيڙو سڏيو ويو آهي. سينداريـن. سيـتي ڏيڻ، سڏ ڏيڻ. ڪتو ڪنهن کي بچائڻو پوندو ته هن کي سينڌ ڏيئي هوشيار ڪري، پوءِ بچائبو آهي. ڏاڪارڻ- ٻڇ ڪرڻ، هنن ٿورن شعرن ۾ سنڌي زبان جون اهي سموريون ورجيسون، شاعر آڻي گڏ ڪيون آهن، جيڪي ڪتي سان لاڳائو آهن. ان مان شاهه صاحب جي سنڌي زبان تي حاوي هجڻ جو پورو پتو پئي سگهي ٿو.

هتي ڪتو ڇا آهي؟ ۽ قريبن جي ڪتي مان مراد ڪهڙي آهي؟ ان جو تفصيل هيٺين شعرن مان پروڙي سگهجي ٿو:

ڏکا ڏونگر جا مرون، مر تا مونتي ڪن،
پڙندا ڪين پريت تي هن جا سڌر تا سڄن،
سڳائيءَ جي سيد چئي ، آهي سُڌ سين،
هوند نه هتي ڌرن پر قرابت ڪم ڪيو.

ڏکا- حملا. پريت- ڏوبياٽي. سڌر- سگهارا، طاقت وارا. مطلب ته ڪتا

ڏونگر جا مرون آهن، سور سختيون، جي محبوبن پاران عاشقن ڏانهن مهماني طور ايندا آهن، پر اهي اپڙي نہ سگهندا آهن. جڏهن عاشق جي طلب سچي هوندي ۽ ڳانڍاپو نيڪ معشوق سان ڳنڍيل هوندو آهي، ان حالت ۾ محبوب جي يادگيري ۽ ميلاپ جو خيال تڪليفن کي اپڙڻ ئي نہ ڏيندو آهي. بلڪ عاشق تہ انهن تڪليفن کي چمي سرچائيندا آهن. فارسيءَ جو هڪ شاعر فرمائي ٿو:

پائي سگ بو سيد مجنون خلق گفتہ اين چہ سود،
گفت مجنون گاهہ کہ در کوئي ليليٰ رفتہ است.

شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

ڪتو اچي جي ڪانءِ، پريان سندي پار جو
انهي مٿي آنءِ، ڪوڙئين قرباني ٿيان.

## جهنگلي جانور:

ڪتو تہ هڪ پالتو ۽ گهريلو جانور آهي، پر ان کان سواءِ ٻين جهنگلي جانورن جو بہ شاهہ صاحب جي رسالي ۾ ذڪر اچي ٿو.

### هرڻ:

هي هڪ مشهور جهنگلي جانور، ٻڪريءَ جيڏو قد ۾ لاسرات ميري ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو آهي. سنڌ جي خشڪ ۽ پهاڙي حصن ۾ تمام گهڻو ٿئي ٿو. ڊوڙ جو تمام تکو ٿيندو آهي، جنهن ڪري هن جي شڪار ڪرڻ ۾ ڏاڍا ڏاکڙا ڪرڻا پوندا آهن. انهيءَ جانور کي هندي ۾ مرگهہ بہ چوندا آهن. هن جون اکيون ڏاڍيون سهڻيون ٿينديون آهن، جن سان معشوقن جي اکين کي هندي ۽ فارسي شاعريءَ ۾ تشبيهہ ڏني ويندي آهي. شاهہ صاحب انهيءَ جانور جو سر ديسي ۾ نالو آندو آهي ۽ سر سارنگ ۾ مرگهہ جي نالي سان ياد ڪيو آهي.

### روجهہ:

هڪ مشهور پهاڙي جانور آهي، جنهن کي جابلو ڳئون بہ چوندا آهن. شاهہ صاحب ان کي روجهڙي تصغير سان بہ ڪم آندو آهي. هنديءَ ۾ نيل گاءِ ۽ جهنگلي بيل سڏيندا اٿس. ڏاڍو متارو رنگ جو ڪارو پورو ۽ ڳاڙهو ٿيندو آهي. هن جا سڱ سازي ڪشتو بڻائي طبيب ڪم آڻيندا آهن. اگ

ڪراچي ضلعي جي جهنگلن ۽ پهاڙي حصن ۾ اهو جانورن ٿيندو هو ۽ هاڻي بہ بلوچستان جي پهاڙن ۾ ملي ٿو. شاهہ صاحب سسئيءَ بابت فرمائي ٿو:

روجهہ ڏنائين رات، هوت ڳوليندي حب ۾.

**سره:**

هرڻ يا ڦاڙهي جي شڪل جو جهنگلي جانور آهي. هن جا سڱ تمام وڏا ٿيندا آهن، جبلن جي جهنگ ۾ رهي ٿو. ڪائڻ ۾ ڏاڍو لذيذ ۽ سوادي ٿئي ٿو. هن جانور جو پتو ڪيترين ئي بيمارين ۾ ڪم اچي ٿو.

سرهہ گڏيئي سسئي، سوڙهي منجهہ سهي.

**شينهن:**

شاهہ صاحب جي رسالي ۾ هن مشهور ڦاڙيندڙ جانور جون ڪي خصلتون بيان ڪيل آهن. هن جي قدبت بابت فرمايل آهي:

موڪري تري، چوٿي نري، چوٿو ڪهر پاڻ.

هن جي گجگوڙ بہ ٻين جانورن ۾ گيور يا هيبت وجهي ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن ٻيا جهنگلي سيارڙا جا نار گڏجي گدڙ وانگي اونايون ڪن تہ:

ڪهر ڪن نہ اڊڪي، ڊاءَ نہ ڊجي تن.

شينهن ويڙهہ وقت پورن پيرن تي بيهي وڙهندو آهي، پر جڏهن جهيڙو نہ هوندو تہ هو آرام سان پيو هوندو.

ڪلي وير قرار ري ڪلي ڪهرو.

ڪلي- جنگ، جهيڙو. ڪهرو- مانيٽو غريب. شاهہ صاحب شينهن جو نالو رسالي، ۾ سينهن (س) سان آندو آهي جو اصل سنسڪرت ۾ بہ سين سان اهو لفظ ڪم آيل آهي، ان ڪان سواءِ هنديءَ ۾ شينهن ڪي ڪيسري، ڪيهر، واگهہ بہ چوندا آهن. جي پڻ لفظ رسالي ۾ ڪم آيل آهن. ڪيسر سنڌيءَ ۾ بدلائي ڪهر ۽ واگهہ ڪي واڳ بہ چون. جي پڻ لفظ شاهہ صاحب ڪم آڻي ٿو. شاهہ صاحب جي زماني ۾ سنڌ جي ٻيلن ۾ شينهن عام جام هوندا هئا. ان وقت جن نالن سان هن کي سڏيو ويندو هو سي سندن ڪلام ۾ آيل آهن.

### گدڙ:

هي مشهور جهنگلي جانور شاهه صاحب جو ڪلام ۾ جنبو جي نالي سان آيل آهي. لاڙ جي علائقي ۾ گدڙ کي جنبو سڏين. هي ڏاڍو ڏاهو جانور ٿيندو آهي. پنهنجي مطلب لاءِ گهٽائي ڪيڏ ڪيڏندو آهي. گس گساءِ جو به استاد آهي. سنسڪرت جي علم و ادب ۾ هن جانور کي وڏي اهميت آهي. هندي حڪيمن ڪليلو دمنه ڪتاب ۾ عقلمنديءَ جون جيڪي آکاڻيون لکيون آهن تن ۾ گدڙ جي گوهين ۽ ڏاهپ جو گهڻو اپٽار ڪيل آهي. ڪليلو دمنه جو ترجمو انوار سهيلي فارسي ۾ 10 صدي هجري ۾ ڪيو ۽ ان کان پوءِ سنڌيءَ ۾ هن ڪتاب جو ترجمو ٿيل آهي.

### هاٿي:

هي مشهور جهنگلي جانور آهي جو امير ماڻهو هن کي پالي سواريءَ ۾ ڪم آڻيندا هئا ۽ اڳ ته ميدان جنگ ۾ هي جانور ڪٽڪن تي ڪاهي ڳاهي ماري چڙهيندو هو. چوندا آهن ته "انڌو هاٿي لشڪر جو زيان" سنڌ ۾ هاٿي ڪو نه ٿين، پر شاهه صاحب جي زماني ۾ سنڌ جي حاڪمن وٽ هاٿين جا ٽلا هوندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن امير ماڻهو هاٿيءَ ۽ شينهن جي ويڙهه به ڪرائيندا هئا. مغلن جي راڄ ۾ ته ان جو گهڻو رواج هو. شاهه صاحب ان حقيقت کي سامهون رکندي فرمائي ٿو ته:

اي ڪيسر جو ڪم، جيئن هاٿي کي هٽ هٽي،
نهوڙي ناپن سين، دمائنس نه دم،
ڪلي وير قدم، ڪوري پر ڪٽي نهين.

ڪيسر ـ شينهن. ناپ ـ ڏاٿ، چنبا. دمائڻ ـ بند ڪرڻ، ساهه کڻڻ جي مهلت نه ڏيڻ. نهين ـ هندوستاني اکر آهي معنيٰ نه.

### نانگ:

سنڌ ۾ نانگ بلائون به بيشمار ٿين، خاص ڪري ٿرپارڪر ضلعو ته سپن سان سٿيو پيو آهي. شاهه صاحب جيئن سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي هڪ هڪ وٿ کي ڏسندي ان مان حڪيمانه معنائون ويهي ڪڍيون آهن، تيئن سنڌ جي نانگن جو به بيان ڪيو اٿن. نانگ ۽ مور پکي جو پاڻ ۾ ڏاڍو وير آهي. مور جتي به نانگ کي ڏسندو ته اتي ان کي ماري ڪاٺي ڪپائي ڇڏيندو

آهي. شاھ صاحب انهيءَ واقعي ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو تہ:

ڪاپي، ڪارايل پاڻ ۾، مٿي در دڙين،
نيو نانگ نہ ڏين، موران موٽڻ مهٽو.

ڪاپي- نانگ جو هڪ قسم. در دڙڻ- وڙهڻ. نيو يا نوٽي- نوڙت. نانگ جي قسم مان واسينگ بہ آهي، جو تمام وڏو ۽ زهريلو ٿئي ٿو. ايڏا خوفناڪ ٿين جو:

جنهين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان نہ چُري
ڪارا نانگ بہ سخت ڊپائتا ٿيندا آهن.

جن جي واڇنئا وه وَهي، سي ڪارا ڪارونيار،
ڪچيا تان ڪڏيا، وڙهندي ڪن نہ وار،
جن جا اهڙا پار، سي گئون ڪن گاروڙين کي.

ڪارونيار- هيبتناڪ ڪارا. ڪچيا- ڊپيا. گئون- گم. گاروڙي- نانگ ڦاسائيندڙ جوڳي.

واسينگ يا ڪاريهر جو بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

آسڻ جن اريج، تن جي وھ جو ورن پيو،
تن جو ڪنڊوئي ڪم ڪري جي مٿن پير پيو،
پريان ئي آهي پڌرو، تن نانگن جو نهو.
ڪلي ويل ڪهو جو سامهون ٿئي سپن کي.

آسڻ- هنڌ، ماڳ. اريج- سڪل زمين جتي ريج يا پاڻي نہ هجي. ارءُ- ورن، رنگ نهو- ذات يا سنگت، ڪلي- جهيڙو.

هن بيت ۾ شاھ صاحب ڪاري نانگ جون چار نراليون وصفون ڄاڻايون آهن:

(1) ارءُ جي نانگ جي وھ جو رنگ ئي نرالو ٿيندو آهي. عام نانگ کان اريج واري نانگ جو زهر علحدھ آهي، چوندا آهن تہ پاڻيءَ واري نانگ جو زهر هلڪو ۽ بي اثرائتو ٿيندو آهي، پر اريجي نانگ جو وھ ڏاڍو تکو ۽ جهٽپٽ اثر ڪندڙ هوندو آهي. شاھ صاحب انهيءَ فرق ڏانهن پهرين مصرع ۾ اشارو ڪيو آهي. ان قسم جا نانگ گهڻو ڪري ٿر علائقي ۾ ٿيندا آهن.

(2) سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن ۾ خاص طرح ٿري ماڻهن کي سڌ آهي تہ کو زهريلو نانگ مري بہ ويندو آهي تہ سندس ماس سڙي ڳري ناس ٿي رهندو تہ ان جي فقط ڪنڊي تي ڪنهن ماڻهوءَ جو پير پئجي ويو تہ سڪل ڪنڊو بہ زهريلو اثر ڪندو آهي ۽ اهو زهر ماڻهوءَ تي هڪدم چڙهي ويندو آهي.

(3) ٽئين مصرع ۾ چاٽايل آهي تہ نانگن جي واسينگ ذات جو پاڻ ۾ نهو يا لاڳاپو رهندو آهي. سنڌ جي عام ماڻهن جو خيال آهي تہ جيڪڏهن ڪاريهر نانگ جي قسم مان نر کي ماريو ويندو تہ مادي ان جو وير وٺندي آهي. ماديءَ کي ماربو آهي تہ نُر وير وٺندو آهي. انهيءَ ڊپ وچان ڪيترا ماڻهو انهيءَ قسم جي نانگ کي ماريندا ئي نہ آهن. اسلام کان اڳ عربن ۾ بہ اهو وهم ويٺل هو. هو بہ ڪاري نانگ جو نالو ئي نہ وٺندا هئا تہ متان وير پئي نقصان پهچائي. مگر اسلام جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ حضرت رسول خدا ﷺ ماڻهن کي اهڙي وهم ڪرڻ کان منع فرمائي. جناب عبدالله بن عباس (حضرت رسول الله ﷺجي سئوٽ) کان روايت آهي تہ هو سڀ ڪنهن قسم جي نانگ مارڻ جو حڪم ڪندو هو ۽ فرمائيندو هو تہ جيڪو نانگ جو وير وٺڻ واري خيال کان ان کي ڇڏي ڏئي تو سو اسان (مسلمانن) مان نہ آهي.

(4) واسينگ نانگ وڙهندو نہ آهي، پر جيڪڏهن ويڙهہ لاءِ ميدان ۾ آيو تہ پوءِ هن جو مقابلو بہ ڪي مڙس ڪري سگهندا.

سنڌ وارن جو خيال آهي تہ واسينگ يا ڪاريهر نانگ اصيل ۽ اشراف نانگ آهي. هو اڳرائي ڪري ڪنهن کي نہ سنگهندو آهي، پر هن سان ڪو ڇيڙ يا حرڪت ڪندو تہ پوءِ منهن ڏيندو آهي. شاهہ صاحب ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو تہ:

ٻهرين ڪاري نانگ جي ڪوچر ڪيل ڇيڙ ڪري،<br>
جي هٽي ڏنگ ڏيسائيو تہ ويجهو تا نہ وري،<br>
جيڪي ٽپ مري، جيڪي سڪي صحت کي.

يعني تہ ڪاري اصيل نانگ جو ڪکيل ويندو تہ ٿڏي تي مري، پر جيڪڏهن چڙهي پيو تہ سدائين رنج ڪنج ۾ پيو رهندو. ٽر جي ماڻهن کان

ٻڌو ويو آهي تہ ڪيترا اهڙا ماڻهو بہ ڏٺا ويا آهن، جن کي ٻلا ڪاڏي چار پنج سال گذري ويندا آهن. پر جنهن ڏينهن گرمي جي منڊ ۾ گهُٽ ٿئي ۽ واءُ نہ لڳي تہ انهيءَ ڏينهن نانگ ڪاڏل ماڻهوءَ جي مٿي ۾ سور پوندو ۽ لڱن ۾ ڳاموڙ ٿي پوندي، جڏهن هوا لڳندي تڏهن انهيءَ ماڻهوءَ کي سک ۽ سرت حاصل ٿيندي. شاهہ صاحب جو هنن تمثيلن مان مطلب ڪو ٻيو آهي، پر ظاهر ۾ سندس معلومات ۽ سنڌ جي هر هڪ شيءِ جي پروڙ ۽ پتو ڪيڻ ۾ هن عارف بزرگ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن جو مثال ٻئي ڪنهن بہ سنڌي شاعر جي ڪلام ۾ نٿو ڳولي سگهجي.

فصل ڇهون

# شاهه جو ڪلام ڪيئن گڏ ڪيو ويو؟

مير عبدالحسين سانگي، پنهنجي وقت ۾ شاهه جي ڪلام جو هڪ وڏو ڄاڻوهو ۽ هن جون پيڙهن فقيرن ۽ شاهه جي جهونن مريدن سان ملاقاتيون ٿينديون رهنديون هيون. شاهه صاحب جي ڪلام سان هن کي هڪ قسم جو عشق هو. مير صاحب مرحوم لکي ٿو ته شاهه صاحب پاڻ لکي پڙهي ڪو نه ڄاڻندو هو. هو شعر چوندو ويندو هو ۽ فقير اهو لکندا ۽ بي ترتيب جمع ڪندا وتندا هئا. ڪي فقير وري ان کي ياد ڪري وٺندا هئا. ان ريت شاهه جو ڪلام هڪ طرف ڪيترن ماڻهن کي ڪنٺ ٿيل هو ته ٻئي طرف دفترن جا دفتر لکجي گڏ ٿي رهيا هئا.

چون ٿا ته شاهه صاحب پنهنجي لاڏاڻي جي تياري کان ٿورا ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي ڪلام جا ڪيترا دفتر ڪٺي ڪري ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلائي، پاڻيءَ ۾ ٻوڙي تلف ڪري ڇڏيا. جنهن تي فقيرن کي ڏاڍو ڏک پهتو ۽ شاهه صاحب کان ايئن ڪرڻ جو ڪارڻ به پڇيائون. جنهن تي پاڻ فرمايائون ته، منهنجو ڪلام آهي ڳوڙهو ۽ باريڪ، مون کان پوءِ ان کي سمجهڻ وارا ڪي ٿورڙا ماڻهو ملندا. دل نٿي گهري ته منهنجي ڪلام کي ڏسي، ڪي ماڻهو منهنجي شڪايت ڪن. پوءِ ڏوهاري ٿجي الله تعاليٰ جي ڏوراپي هيٺ اچن، جنهن ڪري اهڙو ڏکيو ڪلام غرق ٿيل بهتر آهي.

انهن دفترن ٻڏڻ کان پوءِ، جن فقيرن کي شاهه صاحب جو ڪلام ڪنٺ ٿيل هو تن کي گڏ ڪري هنن جي يادگيريءَ موجب لکارايو ويو ۽ انهيءَ گڏ ٿيل ڪلام جي مجموعي کي "گنج" سڏيندا آهن. جو اڄا تائين پٽ تي موجود آهي. ان کان سواءِ ڪجهه ڪلام، ڪن فقيرن وٽ لکيل به هو. جو اهو به گنج ۾ داخل ڪيو ويو. پهريان اهو گنج حاجي تمر فقير جي حوالي

هو جنهن بابت شاهہ صاحب جو ارشاد آهي. ان کان پوءِ ان جي وارثن ۾ هلندو اچي ٿو. ان گنج جا ڪيترا نقل بہ ورتا ويا آهن. اگرچہ ان ۾ ڪلام گهڻي حد تائين بي ترتيبوار آهي، پر غور ڪيو ويندو تہ گهڻي حد تائين رسالي جي بمبئي ڇاپي جهڙو وچي بيهندو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي، پنهنجي هٿن سان، شاهہ صاحب پاران پنهنجي ڪلام کي ٻوڙڻ جو صفا انڪار ڪندي لکي ٿو تہ:

"اها ڳالهہ بنهہ اعتبار جوڳي نہ آهي تہ ڪو شاعر پنهنجو ڪلام ناحق ويهي ضايع ڪندو. ڏسو تہ انسان پنهنجي اولاد جي پرورش ۾ پرگهور خاطر ڪيتري نہ دقت ۾ هلاڪي ڪري ٿو انهيءَ لاءِ تہ سندس وفات کان پوءِ سندس در ڪليل رهي، تہ پوءِ شاعر ڪيئن چاهيندو تہ پنهنجا روحاني دادلا يعني شاعرانہ خيال، جي هن رڳن جو رت ڏيئي اپايا آهن تن جو پنهنجن هٿن سان گهات ڪري" (مقدمہ لطيفي).

ان کان پوءِ ان تي وڌيڪ دليل ڏيندي تفصيل سان بحث ڪيو اٿن. جنهن مان سندس مقصد هي آهي تہ هڪ ولي ڪامل ۽ عالم فاضل، جڏهن شعر چوي ٿو تہ اهو گويا سندس زندگيءَ جو ثمر ۽ آخرت جو ثمر آهي، تنهن ڪري پنهنجي توشي يا ثمر کي ڪيئن ضايع ڪري سگهجي ٿو سو بہ پنهنجن هٿن سان. هوڏانهن حقيقت هن ريت آهي تہ وڏن ماڻهن جي زندگيءَ جو مقصد شاعري نہ هوندو آهي، شاعري جي ذريعي هو پنهنجن ارادن ۽ خيالن کي ڪنهن وقت ڪري ظاهر ڪندا آهن. پر اها شيءِ سندن پيشو يا ڌنڌو نہ هوندي آهي، جنهن کي زندگيءَ جو اصلي مقصد مقرر ڪيو وڃي يا ان جي وسيلي روزي ڪمائي ڪائجي يا نانءُ نمود حاصل ڪجي. هن پوئين قسم جي شاعرن لاءِ جيڪڏهن ايئن چئجي، جيئن ڊاڪٽر گربخشاڻي پنهنجي راءِ ظاهر ڪري چڪو آهي، تہ پوءِ هڪ حد تائين ٺيڪ آهي ۽ هنن جي زندگي سان اها ڳالهہ ٺهڪي بہ اچي ٿي. پر شاهہ صاحب ۽ ٻين سندس درجي وارن عارفن بابت جيڪڏهن هي راءِ ظاهر ڪئي وڃي تہ:

"شاعري دون مرتبہ اوست"

جيئن دولت شاهہ سمر قندي جي تذڪري مان ڊاڪٽر صاحب نقل ڪيو آهي تہ اها ڳالهہ بلڪل ٺيڪ آهي، يعني تہ اهڙن ماڻهن جي مان ڪان شاعري هيٺين درجي جي شيءِ آهي.

پنهنجي ڪلام کي پاڻ ضايع ڪرڻ جي واقعي کي، ڊاڪٽر صاحب سمجهي ٿو تہ اهي ڳالهيون متين موڙهيل ۽ ڳنڊيين ڳوڙهيل ماڻهن جي ويساهہ وڌائڻ لاءِ چيون ويون آهن. پر آئون هيٺ هڪ وڏي شاعر مير علي شير قانع ٺٽوي جو مثال پيش ڪريان ٿو جنهن پنهنجي ڪلام ناس ڪرڻ جو پاڻ اقرار ڪيو آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ:

"ديوانہ قريب هشتاد هزار بيت از هر قسم تدوين نموده کہ بالاآخر بسبسب موانع چندي آنرا داخل آب ساختہ." (مقالات الشعراء قلمي)

يعني تہ هڪ ديوان جنهن ۾ اسي هزار هر نموني جا بيت هئا، تيار ٿيو جنهن کي ڪن رنڊڪن سبب دريا داخل ڪيو ويو. علامہ مخدوم معين ٺٽوي، جو شاهہ صاحب جو گهاٽو دوست ۽ هڪ وڏو صوفي عالم هو تنهن جي حياتيءَ جو احوال لکندي مير قانع لکي ٿو تہ:

"هر چند نسبت بہ ڪمالات شان شاعري دون رتبہ اوست اما استجماع فنون ڪمال وهم براؤتضائي مقام چند شعر طبع گرامي ثبت گشت." (مقالات)

يعني تہ سندن ڪماليتن جي نسبت ۾ شاعري تمام گهٽ درجي جي شيءِ آهي، پر منجهن ڪماليت وارن فنن گڏ ٿيڻ سبب ۽ حالت جي گهرج پٽاندڙ سندس طبع سڳوري جا ٿورا شعر هت آڻجن ٿا.

بنيادي شيءِ هيءَ آهي تہ، ڪنهن بہ عارف شاعر جي زندگيءَ جي اصلي مقصد ڏانهن ڌيان گهرجي تہ هو شاعري کي پنهنجي زندگيءَ جو بنياد سمجهي ٿو يا ٻي ڪنهن شيءِ کي. هاڻي اسان پوريءَ طرح پروڙي سگهو ٿا تہ شاهہ صاحب يا انهيءَ قسم جي ڪاملن ۽ عارفن جي حياتيءَ جو اصلي مقصد ڪو ٻيو هو ۽ شاعري انهيءَ مقصد جي اظهار لاءِ بي اختيار شيءِ هئي تہ، گويا شاعري سندن اصلي مقصدن کان هيٺين درجي جي وٿ آهي. ان حالت ۾ جيڪڏهن هو پنهنجي ڪلام جي پرواهہ نہ ڪن يا وري سندن شان شاعري کي گهٽ درجي جي سمجهيو وڃي تہ اها ڪا غلطي تہ نہ آهي، پر

ٺيڪ هڪ صحيح حقيقت آهي؟ شاهه صاحب جي ڪلام کي، جيڪا هاڻي ترتيب ڏيئي رسالي جي صورت وٺارائي ويئي آهي، ان بابت مير صاحب سانگي جي تحقيق ڪيل آهي ته. شاهه صاحب جي خدمت ۾ هڪڙا ٻه گويا چنچل فقير ۽ اٽل فقير رهندا هئا. اهي اصل دهلي جا رهاڪو هئا، پهريان ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دربار ۾ آيا ۽ ان کان پوءِ سموري ڄمار شاهه صاحب جي خدمت ۾ اچي رهيا. علم، موسيقي يا راڳ وديا جا وڏا ڄاڻو هئا، جن شاهه صاحب جي ڪلام کي موسيقي جي سرن موجب ورهائي، جدا جدا داستان رچيا ۽ داستانن تي سندن مضمون پٽاندڙ راڳڻين جا نالا ڏنا ۽ جن کي پويان فقير، علم موسيقي جي سرن موجب جدا جدا آوازن ۾ آلاپيندا رهن ٿا. رسالي ۾ جي هندي يا فارسي شعر داخل ٿي ويا آهن، سي به انهن دهلوي گوين جي معرفت رسالي جي ترتيب ڏيڻ وقت درج ٿيل آهن. هندي شعر يا بين سنڌي سگهڙن جا ڏوهيڙا، جيترا به رسالي ۾ آيل آهن، سي شاه صاحب جي خدمت ۾ ڳائيندا هئا ۽ پاڻ ٻڌندا هئا، جنهن ڪري انهن کي به ڪٺي رسالي ۾ داخل ڪيو اٿن. اهو سڀ ڪجهه شاهه صاحب جي وفات کان پوءِ ٿيو آهي يا حياتيءَ جي پوئين زماني ۾، ان بابت ٺيڪ ڳالهه ھيءَ معلوم ٿئي ٿي ته سندس وفات کان پوءِ، هاڻوڪي صورت وارو رسالو جمع ٿيو. سندن حياتيءَ ۾ ڪجهه شعر ناحق ناس ٿي ويا. ڪجهه ڪن فقيرن وٽ لکيل هئا ۽ گهڻو وري گهڻن فقيرن کي ياد هو جنهن کي گڏي هاڻوڪو مجموعو ٺاهيو ويو.

ٻي هڪ روايت آهي ته تمر فقير واري نسخي تان، سرن جي ترتيب موجب، ٻه نسخا تيار ڪرايا ويا، جن ۾ هڪ پٽ تي رهيو ۽ ٻيو درگاهه ڪريمي تي رکيو ويو. درگاهه ڪريمي واري اصلي نسخي تان 1196هه مطابق 1780ع جي، ٻيو نسخو لکارايو ويو جو اڄ تائين موجود آهي. گويا اهو نسخو شاهه صاحب جي وفات کان، 31 سال پوءِ تيار ڪرايو ويو. جو ڪو گهڻو ڊگهو زمانو شاهه صاحب جي وفات کي ڪو نه گذريو هو ۽ ان وقت شاهه صاحب جا ڪيترائي ملاقاتي، هن جهان ۾ موجود هئا. درگاهه لطيفي وارو نسخو ۽ درگاهه ڪريمي وارو نسخو اهي ٻئي نسخا مان پاڻ اکين سان ڏٺا آهن، جن جو بمبئي وارن نسخن کان ٿورو تفاوت آهي. شاهه صاحب جا صحبتي يا سنگتي فقير، ديندار يا نيڪوڪار هئا، جن رسالي جي ترتيب ۾

تجويز انهيءَ زماني جي ڪتابن وانگي ڪئي، يعني تہ پهريان الله تعاليٰ جي حمد ۽ پيغمبر خدا جي ثنا وارا شعر آندا اٿن ۽ ان کان پوءِ صوفيانہ وحدت ڪثرت جو بيان آهي. سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ، جي علم موسيقي ۾ برڪت ۽ نيڪي وارا سر آهن، تن کي منڍ ۾ رکي، پوءِ رسالي ۾ ٻيا سر آندا اٿن. رسالي جو پهريون بيت آهي:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهہ قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراهيان سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون.

هوڏانهن حقيقت ۾ رسالي جو پهريون شعر آهي، مثنوي مولانا رومي جي پهرين شعر جو ترجمو يعني:

بشنو از ني چون حڪايت ميڪند،
از جُدائيها شڪايت ميڪند.

شاهہ صاحب پنهنجي انداز ۾ هيٺين ريت ان جو ترجمو ڪيو آهي:

وڍيل تي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري،
هن ڀن پنهنجا ساريا، هو هنجون هڻن لئي هاري

هونئن تہ مثنوي جي سڌي سنئين معنيٰ هن ريت آهي تہ: نڙ جي ڪاني کي ٻڌ! جو ڳالهہ ڪري ٿو پنهنجي جدائي جي دانهن ڪري ٿو پر شاهہ صاحب نڙ کي وڍيل سڏي، ڳالهہ جي لفظ کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ وايون ڪري ادا ڪيو آهي. نڙ پنهنجي اصل کان جدا ٿيڻ جي دانهن ڪرڻ جي مفهوم کي "شاهہ صاحب" هن ڀن پنهنجا ساريا، جي عبارت ۾ آڻي ٿو. نڙ جي شڪايت يا حڪايت سان، سسئي جي سوز گداز کي تشبيهہ ڏيندي، هڪ مختصر شعر ۾ هڪ وڏي معنيٰ کي لڪايو ويو آهي، جنهن جو تفصيل شاهہ صاحب جي شاعري واري فصل ۾ شاهہ صاحب جي رسالي جي گنج جي صورت ۾ گڏ ٿيڻ کان پوءِ، هن جا جدا جدا ڇاپا پڌرا ٿيندا رهيا.

## رسالي جا جدا جدا نسخا

سڀ کان پهريان شاهه جي رسالي جو هڪ نسخو ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ صاحب 1866ع جي جرمني جي لپزگ شهر ۾ ڇپرايو. ٽرمپ صاحب دنيا جي مختلف ٻولين جو ڄاڻو ۽ عالم هو. هن سنڌي زبان سکي، هن ۾ وڏي پهچ حاصل ڪئي. سنڌي جي واڌاري واري اداري سان، هن شاهه صاحب جي رسالي کي، اوندهه مان ڪڍي سوجهري ۾ آڻڻ جو ارادو ڪيو. ٽرمپ صاحب لکي ٿو ته، کيس ٻه جهونا قلمي رسالا هٿ آيا. جن کي هڪ هوشيار پڙهيل سنڌي عالم پيٽي، سندس لاءِ هڪ ڪاپي تيار ڪئي. رسالي جي ڇپائڻ لاءِ، ٽرمپ صاحب جرمنيءَ ۾ سنڌي جي نئين ٽائيپ تيار ڪرائي، جنهن جي صورتخطي نه هاڻوڪي صورتخطي جهڙي آهي ۽ نه وري شاهه صاحب جي زماني واري سنڌي لپي يا لکٽي جهڙي آهي. ڀائنجي ٿو ته 1866ع واري زماني ۾ جيڪا صورتخطي سنڌ ۾ چالو هئي، سائي انهيءَ سنڌي فاضل، رسالي جي نسخي تيار ڪندڙ ڪتب آندي آهي، جنهن تان ٽائپ تيار ڪرائي رسالو ڇاپيو ويو آهي. ٽرمپ صاحب کي گورنمينٽ برطانيا هن ڪم لاءِ پئسي جي تمام وڏي مدد ڪئي، پر ان هوندي به خرچ کٽي پيو ۽ ڪيترا سَرَ ڇپجڻ کان رهجي ويا. جيئن ته سر مارئي ۽ ڪي ٻيا. هي نسخو اڄڪلهه بلڪل ناياب آهي. ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جي لائبريري ۾ سندس هڪ نسخو ڏٺو ويو آهي شايد ٻين ڪن صاحبن وٽ به موجود هجي.

(2) شاهه جو رسالو بمبئي جو ڇاپو: اهو رسالو قاضي ابراهيم پلبندري، بمبئي جي ڪتب فروش، پهريون ڀيرو 1867ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. ان پوءِ اهو نسخو وري بمبئي ۾ ڇپجندو رهيو آهي. مرزا قليچ بيگ مرحوم جو چوڻ آهي ته، اهو صحيح نسخو ۽ پٽ جي "گنج" تان ورتل ٺيڪ ڇاپو آهي، مگر ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جو لکڻ آهي ته "هن ڇاپي جهڙو ردي نسخو ڪڏهن هٿ نه ايندو" پر حقيقت هيءَ آهي ته بمبئي وارو نسخو هڪ جامع نسخو آهي. شاهه صاحب جي حياتيءَ ۾ سندس سامهون فقير جيڪي به شعر چوندا هئا، سي سمورا هن ۾ ڏنل آهن. پوءِ اهي شاهه صاحب جا هوندا هئا يا ٻين ڪن شاعرن ۽ سگهڙن جا. ان رسالي کي سامهون رکي شاهه جو ڪلام جو اصل حاصل ڪري سگهجي ٿو.

بمبئي وارو نسخو هڪ دفعو 1877ع ۾ ڇپيو هو جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته، شاهه جي مشهور فقير طالب هالن واري، ڪيترائي نسخا

پيٽي تيار ڪيو آهي. هن مان ظاهر آهي ته بمبئي وارو نسخو جڏهن ٻئي دفعي ڇپيو آهي ته، ان کي ڪن نسخن سان، شاهه جي ڪلام جي چاڙو فقير، طالب هالائي کان درست ڪرائي، ڇپرايو ويو آهي. تنهن ڪري انهيءَ نسخي کي صفا ردي نسخو ڪري ليکڻ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي هڪ وڏي جرئت آهي.

(3) سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي جو ڇپايل شاهه جو رسالو: اهو رسالو ديوان تارا چند، ايجوڪيشنل انسپيڪٽر، 1900ع ۾ تيار ڪرايو ۽ سرڪار جي خرچ سان ڇپجي پڌرو ٿيو. انهيءَ رسالي جي منڍ ۾ ڏيکاريل آهي ته: "اهو رسالو ٻٽ واي قلمي رسالي سان پيٽي ۽ ٽرمپ ۽ بمبئي ڇاپي سان مقابلو ڪرائي تيار ڪيو ويو آهي". مگر غور سان ڏٺو ويندو ته ان ۾ به ڪيترو ئي ڏاريو ڪلام اچي ويو آهي، جنهن جو شاهه صاحب جي شعر سان ڪو لاڳاپو ڪو نه آهي. هن رسالي جي صورتخطي سڌاري ويئي آهي، جو هاڻوڪي هالو چالو رواج موجب آهي.

(4) مرحم مرزا قليچ بيگ، شاهه جي رسالي کي، پنهنجي نموني ۾ 1913ع ۾ جمع ڪيو. جنهن کي شڪارپور جي منشي پوڪر داس 1914ع ۾ پهريون دفعو ڇپائي پڌرو ڪيو.

مرزا صاحب انهيءَ رسالي جي ديباچي ۾ لکيو آهي ته، جڏهن ڪنهن شاعر جو ڪلام پڌرو ڪجي، تڏهن ضروري آهي ته هن جو سچو ئي ڪلام ڏجي ۽ صحيح ڏجي، تنهن ڪري ڪن دوستن جي صلاح سان مون سرڪاري ڇاپي کي قائم رکي، سڀ ڪنهن صفحي جي هيٺان، بمبئي واري رسالي جون پڙهڻيون به ڏنيون آهن. جيڪي بيت وغيره (سرڪاري رسالي ۾) نه هئا، اهي به انهن هنڌن تي لکيا ويا آهن. بيت جو نمبر، سرڪاري رسالي وارو ڪيو ويو آهي. اهڙا نوان بيت مڙئي 846 ۽ بيون وايون 15 آهن جي سرڪاري رسالي ۾ نه آهن.

وڏيڪ لکي ٿو ته "ٽرمپ واري رسالي جون پڙهڻيون مقابلي ۾ ڇڏيون ويون آهن، جو اهي اڪثر غلط معلوم ٿيون." مرزا صاحب جي رسالي تي پوريءَ طرح غور ڪيو ويندو ته اهو به ساڳي ريت بمبئي واري ڇاپي وانگر، پنهنجن ۽ پرائين شعرن جو گڏيل ڪچڪول آهي. پر ان هوندي به هن بزرگ جي محنت کي هزار آفرين چوڻ کان رهي نٿو سگهجي جو شاهه صاحب جي ڪلام کي سوڏي

سنيالي، پوين جي مطالعي لاءِ هڪ وڏو مجموعو ڇڏي ويو آهي.

## ڊاڪٽر گربخشاڻي جو رسالو:

ڊاڪٽر گربخشاڻي جو شاهه جو رسالو: ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي حيدرآبادي سنڌي، فارسي ۽ هنديءَ جو وڏو عالم هو. هو ڪجهه قدر عربي ۽ سنسڪرت کان به واقف هو. ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جو فارسي جو پروفيسر ۽ ان کان پوءِ ان جو پرنسپال تي رهيو. زندگي سموري علم سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ گذريس. صوفيانه خيالات جو ماڻهو، ويدانت، فلاسفي ۽ اسلامي تصوف جو واقف هو. هن ورهين جا ورهه راتيون جاڳي، شاهه جي رسالي تي پورهيو ڪيو ۽ سندس ارادو هو ته رسالي جو هڪ صحيح نسخو معنيٰ سميت پڌرو ڪيو وڃي. رسالي ۾ جيترا به ڏکيا اکر ڪم آيل آهن، تن جو اصل اشتقاق ۽ بڻ بنياد وڃي ڳولهي لهجي.

آخر هو صاحب، ان ڪم ۾ ڪامياب ٿيو. شاهه جي رسالي کي، چئن جلدن ۾ ورهائي، هن پهريون جلد شرح ۽ معنيٰ سميت 1923ع ۾ پڌرو ڪيو. لکائي ۽ ڇپائي تي ايڏو خرچ ڪيائين جو اڳ انهيءَ رنگ ڍنگ جو سنڌ ۾ ڪو سنڌي زبان جو ڪتاب ڪو نه ڇپيو هو. ڪتاب ڇپجڻ شرط مٿس تحسين ۽ آفرين جا وسڪارا ٿيڻ لڳا. رسالي جو مقدمو يا مهاڳ ايڏو ته عالمانه انداز جو لکيائين، جو سندس قابليت جو قدر ٿيڻ لڳو ۽ پهريون جلد هٿو هٿ کڄڻ لڳو.

هڪ طرف ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪم جي واکاڻ ٿيڻ لڳي ته، ٻئي طرف کان وري مسٽر ڄيٺمل پرسرام، جو شاهه جي رسالي جو ڄاڻو هو ۽ ٿياسافسٽ اصولن جو پيرو ۽ صوفي سماگم جو سيڪريٽري ۽ اخبار ڀارت واسي جي ايڊيٽر هو. تنهن ڊاڪٽر گربخشاڻي جي گڏ ڪيل رسالي تي ڪي اصولي اعتراض ڪيا. هن جو چوڻ هو ته، ڊاڪٽر گربخشاڻي اٽڪل هڪ هزار بيت رسالي مان لوڏي ڪڍيا آهن، جنهن ڪري سنڌي ادب کي هڪ وڏو ڌڪ لڳي رهيو آهي. آخر اهي بيت ڇو ڪڍيا ويا آهن ان لاءِ ڪو قوي سبب هجڻ گهرجي. ڊاڪٽر گربخشاڻي جي طرفداريءَ ۾ ڪي مسلمان عالم، جيئن ته حڪيم فتح محمد صاحب سيوهاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو جو ان زماني ۾ لنڊن جي ڪيمبرج يونيورسٽي ۾ مقيم هو مسٽر لال چند امر ڏنو مل، پروفيسر پيرو مل ۽ ڪي ٻيا صاحب هئا. ڀارت واسي

اخبار ۾ حيدرباد جي روزانہ ”پرڪاش“ اخبار ۾ مهينن جا مهينا رد ڪد ۾ مضمون لکندا رهيا. مسٽر چينمل پرسرام تي ايڏو ڏوڙيو وسايو جو بيو ڪو هجي ها تہ بان ڪري ويهي رهي ها. مگر مڙس هو ارادي جو پڪو سو ڪٿي ٿو مڙي. چوي تہ دليل ڏيو تہ هڪ هزار شعر ڇو ڏاريا سمجهي ڊاڪٽر گربخشاڻي رسالي مان لوڏي ڇڏيا آهن؟

ديوان ليلا رام سنگ، رٽائر جج هڪ پڍو مڙس، جنهن آخوند احمد پٽ واري هڪ وڏي عالم کان شاهہ جو رسالو پڙهيو هو سو بہ مسٽر چينمل جي طرفداري ڪندو رهيو تہ آخر اهو ناحق ڇو ٿيو آهي ۽ بيتن جو هڪ وڏو ستو خارج ڪيو ويو آهي.

مرزا قليچ بيگ مرحوم 25 ڊسمبر 1923ع ۾ رسالي جي پهرين حصي مطالعي ڪرڻ کان، پوءِ هڪ تنقيد لکي ڊاڪٽر گربخشاڻي کي موڪلي ڏني، جنهن ۾ رسالي جي شرح ۽ اکرن جي کوجنا ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي لکٽي جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي وئي آهي. مگر ان ۾ رسالي جي پيچ گهڙ ۾ بيتن جي نيڪالي تي، ڪجهہ بہ لکيل نہ آهي. مسٽر چينمل جڏهن مرزا صاحب جو هزار بيتن جي ڪوس واري هاڃي ڏانهن توجهہ ڇڪايو تڏهن مرزا خود حيرت ۾ پئجي چوڻ لڳو تہ برابر اهو تہ ڪوس ٿيل آهي، جنهن ڪري ڪن اخبارن ۾ وري مرزا صاحب مرحوم جي برخلاف گوڙ ٿيڻ لڳو تہ هو هڪ ئي شيءِ بابت بہ رايا رکي ٿو. ايڏو وڏو گوڙ ڏسي مرزا صاحب مرحوم سرڪاري تعليم کاتي جي آفيسرن کي لکيو تہ چڱو آهي تہ شاهہ صاحب جي رسالي جي گڏ ڪرڻ ۽ سندس شرح لکڻ لاءِ ڪن عالمن جي ڪميٽي مقرر ڪئي وڃي تہ هو هڪ مڪمل نسخو تيار ڪري سنڌ وارن جي سامهون رکي تہ جيئن آئنده اهڙن اختلافي هنگامن جي، مونجهاري کان ماڻهن کي ڇوٽڪارو ملي وڃي. مگر سرڪار ان عريضي تي ڪو ڌيان ڪو نہ ڏنو ۽ معاملو اڌ ۾ رهجي ويو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي گڏ ڪيل، شاهہ جي رسالي جو ٻيو حصو 1925ع ۾ پڌرو ٿيو ۽ ٽيون حصو 1931ع ۾. افسوس جو چوٿون ڀاڱو آخر وقت تائين پڌرو ڪري نہ سگهيو جو ڪجهہ دل شڪستو بہ ٿيو پيو ۽ ڪجهہ ٻيا اسباب بہ پيش آيل هوس، جنهن ڪري ڪم کي اڳتي وڌائي نہ سگهيو ۽ 1946ع ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري هليو ويو.

مٿيون علمي جهيڙو 1923ع کان وٺي 1924ع تائين سنڌي عالمن ۾ هلندو رهيو ۽ منهنجي سامهون هلندو رهيو. هاڻي هن ڪتاب لکندي، جڏهن مسٽر جيٺمل جا مضمون نظر مان ڪڍيا وڃن ٿا ته انصاف سان چوڻو پوي ٿو ته هو جو ڪجهه چئي رهيو هو تنهن جو هن کي ڪنهن به جواب ڪو نه ڏنو ٿي، پر ويچاري کي سياسي بغض ڪري نِنديو ويو ٿي. اهو زمانو هو قطع تعلقات جو مسلمان هئا ڪٽر قطع تعلقاتي ۽ مسٽر جيٺمل هو مرحوم غلام محمد ڀرڳڙيءَ جي پارٽي جو آرام پسند يا غير قطعي، جنهن ڪري هن کي لوڙيو ويو ٿي. جيٺمل جو چوڻ هو ته جيڪي بيت ڏارين ماڻهن جا آهن، سي جيڪڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻي ڪڍي ڇڏيا هئا ته ان تي اعتراض ڪو نه آهي، پر سوين بيت اهڙا به خارج ڪري ڇڏيا اٿس، جي بلڪل شاهه جا ڪلام آهن تن جي ڪڍڻ لاءِ ڇو قدم کنيو اٿس؟

ڪي اهڙا بيت آهن جي سيني نسخن ۾ آهن. بمبئي واري، بلڙيءَ واري ۽ ٽرمپ صاحب واري، مگر ڊاڪٽر گربخشاڻي اهي به خارج ڪري ڇڏيا آهن. مسٽر جيٺمل مثال لاءِ سُر سريراڳ جو هڪ بيت لکيو آهي، جو ڊاڪٽر صاحب پنهنجي رسالي مان هن ڪري ڪڍي ڇڏيو آهي جو هن ۾ شاعراڻي خوبي ڪا نه آهي:

سوداگر سمونڊ جا لاڄو لال وٺيج،
اڇا اولا عاج جا، چڱا چٽائيج،
سڙهه سبي سقلات جا، ڪوها خوب ڪٽيج،
ست سکان ساچا ڪري، ڇهه ڇڇهريون اڏيج،
ٻارهن، تيرهن، پندرهن، سترهن سينگاريج،
ساري ست سيد چئي، پوري پڄائيج،
ملاح، معلم خبرون، پڇي پروڙيج،
وسقاهم وبهم شرابن طهورا، ٻاٽي پاڪ پيئج،
جنهن کي سڪي سيڪو پرين سو پسيج،
لڙهه ۾ ڪيم لڙهيج، ته سٽڙ ساموندي ٿيئين.

مسٽر جيٺمل لکي ٿو ته جيڪڏهن هي شعر شاعراڻي خوبي کان خالي آهي ته پوءِ سڄو رسالو شاعراڻي خوبيءَ کان خالي آهي. هي شعرڏاريو ڪلام آهي ته ان لاءِ ڪهڙي سند ۽ ڪهڙو دليل آهي؟ اهو اسان جو سوال

پڇڻ معنيٰ تہ اسين ناپاڪ تحرڪ تا هلايون. ان زماني ۾ جناب حڪيم حافظ حاجي قاضي علامہ سيد اسد الله شاهہ صاحب ٽکڙائي حيات هو. جڏهن سندس شاهہ جي رسالي تي هلندر جهڳڙي ڏانهن توجهہ ڇڪايو ويو تڏهن هن صاحب وچان ئي هڪ بيو رستو اختيار ڪيو. سيد اسد الله شاهہ صاحب هڪ ڊگهو رايو لکي، الوحيد اخبار جي 5 اپريل 1924ع ۾ ڇپرايو. اسان اهو رايو لفظ بلفظ هيٺ ڏيون ٿا تہ جيئن تاريخي طرح هڪ وڏي عالم جو هڪ مضمون، سنڌي اديبن جي سامهون اچي ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي رسالي کي صحيح صورت ۾ مطالعي ڪرڻ جو موقعو ملي.

## قاضي اسد الله شاهہ جو ڊاڪٽر گربخشاڻي جي گڏ ڪيل شاهہ جي رسالي بابت رايو

پروفيسر گربخشاڻي جو ترتيب ڏنل رسالو شاهہ ڀٽائي عليہ الرحمت جو پهريون جلد، هن احقر جي نظر مان گذريو. ان جي مطالعي کان جو حظ روحاني حاصل ٿيو سو حد کان ٻاهر آهي ۽ پروفيسر صاحب کي صد مبارڪون ٿو چوان ۽ اهڙي محنت ۽ عرق ريزيءَ تي سندس شڪر گذاري مسلمانن جي طرفان ادا ڪريان ٿو.

رسالي جي ڇپائيءَ جي عمدگي ۽ صفائي، شاهہ جي اصلوڪي نج سنڌيءَ جو حل ۽ شاهہ جي ڪلام بابت فصاحت ۽ بلاغت ۽ بين انيڪ خصوصيتن جو ذڪر ۽ هر هڪ سٽ جي اول ۾ ان جو مختصر بيان ڏيئي، درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ، عبارت جي لطافت ۽ نزاڪت ۽ بيتن جو مختصر ۽ ڪافي شرح ۽ ان کان سواءِ بيون بيحد خوبيون منجهس اهڙيون آهن، جن جو ذڪر ڪرڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي، هر ڪوئي ان جي مطالعي مان معلوم ڪري سگهندو. ”قدزر زرگر بداند، قدر جوهر جوهري“ بيشڪ پروفيسر صاحب هن قحط الرجال ۾ تحسين جو هر طرح لائق آهي. سندس همت افزائي اسان جو فرض آهي، مگر ڪي ڳالهيون ضروري فروگذاشت ڪيون ويون آهن ۽ هن ناقص جي خيال ۾ تمام وڏي اعتراض جوڳيون آهن اهي هي آهن:

جنهن صورت ۾ حضرت قدوه الاولياء، شاهہ ڀٽائي عليہ الرحمت، اهل اسلام جو مقتدا ۽ پيشوا هو خصوصاً خاندان نبوت ۽ رسالت جي باغ جو

هڪ عمدو خوشبودار گل هو. تنهن صورت ۾ سڀ کان مقدم هي ڳالهه پيش نظر رکڻ ضروري هئي ته. ان جي سوانحعمري ۽ سندس مذهب، علم تصوف ۽ صوفي مشرب جي تشريح، اصول اسلامي تي ٽيڪ ڪپندي هئي، جا بلڪل ايئن نہ ڪئي وئي آهي. اصول اسلام کي بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي. منهنجو مطلب اهو نہ آهي تہ آئون ڪنهن مذهب جي اصول تي نڪتہ چيني ڪريان، مگر هي ضروري سمجهان ٿو تہ اسلامي مقتدا ۽ صوفين جي پيشوا جي متعلق اهي اصول بلڪل ناقابل اعتماد سمجهان ٿو. جن کي صوفياءَ ڪرام اسلام ۾ بلڪل غير معتبر، بلڪ مردود ۽ باطل بيان ڪيو آهي.

ڪتاب " ڊاڪٽر گربخشاڻي جي مقدمہ لطيفي" جي مختلف محلن ۾ صوفي مشرب جي تشريح ۾ هيئن فرمايو ويو آهي:

1۔ معنوي اصولن جو ڪنهن دين يا مذهب سان واسطو ڪونهي.

2۔ پرينءَ جي پسڻ جو طريقو علحده آهي، جنهن جو دين مذهب سان واسطو ڪونهي.

3۔ شاهہ صاحب اهڙي منزل تي رسيل هو جتي کيس شريعت جي پابندي جي ضرورت ڪا نہ هئي.

4۔ اخير ۾ مذهب جي پيروي ۽ تقليد ڳچيءَ جو گهنگهرو ٿيو پوي.

5۔ عاشق جو مذهب علحده آهي. سو نڪو هندو آهي، نڪو مسلمان ۽ نڪي ڪافر.

الغرض رسالي جي مقدمہ ۾ صوفي المشرب ان کي چيو ويو آهي جو شتر بي مهار، مطلق العنان هجي. شريعت جي حدن اندر رهڻ ۽ ظاهري احڪامن جي پابندي ۽ ڪبيرن گناهن کان گوشي ۾ رهڻ ۽ اسلامي ارڪانن جي بجاآوري جي ان کي ڪا بہ ضرورت ڪا نہ آهي. نقط باطن جو تصفيو ۽ روح جي صفائي ۽ باطني ذڪر فڪر ڪافي آهي. اهو عقيدو اسلامي اصول موجب بلڪل مردود ۽ باطل آهي. اسلامي اصول موجب صوفي المشرب ڪهڙي بہ منزل تي رسي، ابتدا ۾ يا انتها ۾ ان کي شريعت جو اتباع ۽ ظاهري احڪامن جي بجا آوري ۽ اسلامي حدن اندر رهڻ ۽ ان کان پير ٻاهر نہ رکڻ ۽ منع ڪيل مٿن ڪمن کان پرهيز ڪرڻ ۽ حلال ۽ حرام جي تميز جي سخت ضرورت آهي. ان کان سواءِ ڪوئي صوفي ڪماليت کي نٿو پهچي سگهي.

اهڙو صوفي جو فقط معنوي اصولن ۽ باطني صفائي سان ظاهري احڪامن جي بجا آڻڻ کانسواءِ قرب الاهي جي دعويٰ ڪري تہ اسلامي

تصوف موجب ڪورو ملحد زنديق چئبو. جيڪڏهن ڪو بہ صوفي، جذب ۽ وجد جي وقت ڪنهن اهڙي قول يا فعل جو مرتڪب ٿئي، جو شريعت جي مطابق نہ هجي تہ ان حالت تي نظر ڪيو جيڪڏهن هوشياريءَ سان آهي ۽ جائز سمجهي ايئن ڪري ٿو تہ واجب القتل ۽ زنديق چئبو جيڪڏهن نشي ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ آهي تہ ان جي ڪلام ڪي تاويل ڪبو ۽ ظاهري معنيٰ نہ وٺبي بلڪ شرع جي موافق معنيٰ وٺي، شرع جي ڪتاب ڪان ان ڪي معاف ٿيل ۽ عذر وارو سمجهبو اهو آهي اسلامي تصوف جو اصول ۽ صوفي المشرب جي تشريح.

جيئن تہ صوفياءَ ڪرام جي ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهي، جيڪا پروفيسر صاحب صوفي مذهب جي تشريح فرمائي آهي سا اسلامي اصول موجب مردود ۽ ناقابل اعتماد آهي. ڪنهن بہ اسلامي تصوف جي ڪتاب ۾ اها تشريح ڏنل ڪا نہ آهي. ڏسو ڪتاب تصوف، هر هڪ ”فتوح الغيب“ حضرت غوث اعظم جيلاني جو مٿس شرح فارسي شيخ عبدالحق دهلوي جو ۽ مڪتوبات امام رباني جا محل مختلف ۽ احياءَ العلوم امام غزالي، علم الڪتاب خواجہ مير درد دهلوي، مثنوي مولانا روم، مقدمہ ابن خلدون ۽ ٻيا.

باقي اعتراض ڪرڻ تہ پروفيسر صاحب ڪلام شاهہ ڀٽائي صاحب جي ۾ قطع برديد ڪري، گهڻو ڀاڱو رسالي مان خارج ڪري ڇڏيو آهي يا هي اعتراض ڪرڻ تہ فلاڻن بيتن جي معنيٰ صحيح طرح نہ ڪئي وئي آهي، اهي ٻئي اعتراض هندن صاحبن جي اخبارن، ڀارتواسي ۽ پرڪاش ۾ هلندڙ ڏسجن ٿا ۽ ان تي گهڻو ٿيل قال هلي رهيو آهي، سي اعتراض احقر جي خيال ۾ اهڙا وزندار نہ آهن. ڇو تہ پروفيسر صاحب پنهنجي تحقيق ۽ تنقيد تي قلمي ۽ قديمي نسخن جي مقابلي ڪرڻ سان ڪلام صحيح ۽ تحقيقي شاهہ صاحب جو گڏ ڪيو ۽ ٻيو خارج ڪيو. گهٽي ۾ گهڻو ايترو چئي سگهبو تہ هي رسالو شاهہ صاحب جي ڪلام لاءِ جامع نہ چئبو. بلڪ صحيح ۽ منتخب چئبو ۽ بس. تنهن ڪري اعتراض بابت زياده گفتگو جي ضرورت ڪا نہ آهي.

ٻيو اعتراض معنائن بابت آهي، ان لاءِ عرض تہ سيڪو پنهنجي فهم ۽ ادارڪ ۽ ذهن جي رسائي موجب معنيٰ ڪري ٿو. اسلامي ڪتابن ۾ بہ ايئن

ڏسبو آهي ته شرح ڪندڙ معنائن ۾ اختلاف رکن ٿا. تنهن ڪري ان بابت بحث مباحثو اجايو آهي. معنيٰ ڪرڻ ۾ فقط هي لحاظ رکڻ ضروري آهي ته جنهن صورت ۾ شاهه صاحب اسلام جو پيشوا ۽ اسلامي صوفين جو رهنما آهي ته، ان جي ڪلام جي اسلامي اصول موجب معنيٰ ڪبي. جيڪڏهن برتقدير ڪو به شعر ظاهر ۾ شرح جي موافق ڏسڻ ۾ نه اچي ته ان جو تاويل ۽ توجيهه ڪري، شرع جي موافق ڪبو. ورنه اهڙي معنيٰ الحاد ۽ زندقه جي تبليغ چئبي، نه تصوف صوفيت. جنهن کان يعني (الحاد ۽ زندقه) کان وجود مسعود شاهه جو بيزار آهي. هي فيصلو اتفاق سان صوفين جو آهي ته ڪل حقيقت لايشهدلها الشرع فهوالحاد وزندقه. يعني ته سيڪا حقيقت جا سالڪ تي ظاهر ٿي ۽ شريعت جي برخلاف هجي ته اها حقيقت الحاد ۽ زندقه آهي.

علامه اسدالله شاهه جو هن مضمون مان هيٺيون ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون:

1ـ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي گڏ ڪيل شاهه جي رسالي جي معنيٰ ۽ سنڌي عبارت ڏاڍي عمدي ۽ سنڌس پورهيو تحسين جوڳو آهي.

2ـ شاهه صاحب جهڙي مسلمانن جي اڳواڻ صوفي جي تصوف بابت جيڪي ڊاڪٽر صاحب رايا پيش ڪيا آهن، سي اسلامي تصوف جي بالڪل برخلاف آهن.

3ـ گربخشاڻي شاهه جي ڪلام جو انتخاب ڪيو آهي ۽ سمورو ڪلام جمع ڪو نه ڪيو اٿس، تنهن ڪري ان تي جهڳڙو ڪرڻ نه گهرجي.

علامه اسد الله شاهه جي هن مضمون شايع ٿيڻ کان پوءِ، وڙهندڙ ڌرين کي هوش اچڻ لڳو ۽ اختلافي مضمون ۽ پاڻ ۾ رد ڪد جو مقابلو ختم ٿي ويو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي جي رسالي کان پوءِ اجا تائين، نج شاهه جي ڪلام جو جامع رسالو سنڌ ۾ پڌرو ڪو نه ٿيو آهي، ممڪن آهي ته ڪي علم وارا هن ضروري علمي خدمت ڏانهن توجهه فرمائين.

فصل ستون

# رسالي ۾ ڌاريون ڪلام

اسان مٿي ڏيکاري آيا آهيون تہ شاهہ جي رسالي کي، سرن جي ترتيب موجب، حضرت شاهہ صاحب جي حياتيءَ کان پوءِ تيار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ٻيو ڌاريو ڪلام بہ گهڻو ئي اچي ويو آهي. ڌارين ڪلام جي سڃاڻپ هيٺين ريت ڪري سگهجي ٿي:

1۔ اهي بيت جن ۾ ڪن سگهڙن يا شاعرن جا نالا آيل آهن.

2۔ اهي بيت جي شاهہ عبدالڪريم جي ملفوظات "بيان العارفين" ۾ آيل آهن، پوءِ اهي شاهہ ڪريم جا چيل آهن يا قاضي قاضن ٺٽوي جا.

3۔ اهي بيت جن جي ٻولي شاهہ جي ٻولي نہ آهي، جيئن پنجابي يا ڍاٽڪي وغيره.

4۔ فارسي غزل يا مثنوي مولانا روم جا ابيات.

5۔ جن بيتن يا سرن بابت، رسالي جي اڳوڻن استادن يا ڇاڻن پنهنجا رايا پيش ڪيا هجن تہ اهو شاهہ جو ڪلام نہ آهي، ان کان سواءِ، جيڪڏهن ڪو ماڻهو اٿي هيءَ دعويٰ ڪري تہ فلاڻو بيت فلاڻي سر ۾ شاهہ جو ڪلام نہ آهي ۽ ان لاءِ ڪا حجت يا دليل پيش ڪري نٿو سگهي تہ، ان جي ڳالهہ کي ايترو وزن ڏيئي نٿو سگهجي، جيتري قدر دليل واري دعويٰ کي وزن ڏيئي سگهبو آهي. هن ڳالهہ تي بہ ويچار ڪرڻو آهي تہ. رسالي ۾ ڌاريان سر يا ڌاريان بيت رسالي جي گڏ ڪندڙ فقيرن ڇو درج ڪيا ان ۾ مطلب ڪهڙو هو؟

اسان ان بابت اڳي لکي آيا آهيون تہ شاهہ صاحب جي خدمت ۾ شاهہ جي ڪلام کان سواءِ، ڪي فقير ٻيو ڪلام بہ ڳائيندا هئا. فارسي، هندي ۽ سرائيڪي ۾ غزل ۽ ڏوهيڙا ڳايا ويندا هئا جن کي شاهہ صاحب پسند

فرمائيندو هو. اهي ڏاريا شعر بہ فقيرن قلمبند ڪري ڇڏيا هئا. پوءِ جڏهن رسالي جي جوڙجڪ ۽ جمع جو ڪم شروع ٿيو، تڏهن اهو ڪلام بہ يادگار طور رسالي ۾ درج ڪيو ويو ۽ هي ڳالهہ پڙهندڙن تي ڇڏي ويئي تہ هو اصلي ۽ ڏارئي کي جدا ڪندا رهن.

اسان مير عبدالحسين جي "لطائف لطيفي" مان، مٿي نقل ڪري آيا آهيون تہ، هندي شعر ۽ ٻيو جو ڪجهہ غير سنڌي ڏاريو ڪلام رسالي ۾ درج ٿيو آهي، سو انهن دهلوي گوين پاران درج ڪيل آهي، جن رسالي جي، سرن وار ترتيب جو ڪم، پورت کي پهچايو آهي. ساڳئيءَ ريت فارسي شعر بہ، جيڪي شاهہ صاحب کي پسند هئا، سي رسالي جي جمع ڪرڻ وقت داخل ڪيا ويا آهن. هن ارادي سان نہ، تہ ڪو اهو بہ شاهہ صاحب جو ڪلام آهي، پر فقط شاهہ جي ذوق ۽ مذاج جي لحاظ سان تہ هو ڪهڙي قسم جي ڪلام کي پسند ڪندو هو.

## فارسي شعر:

ڊاڪٽر گربخشاڻي لکيو آهي تہ ڪيترن فارسي شاعرن جهڙوڪ: حافظ، حڪيم سنائي، محي الدين ۽ جلال الدين رومي وغيره جا غزل، قصيدا ۽ مثنويون بہ شاهہ جو ڪلام سمجهي رسالي ۾ درج ڪيون ويون آهن. اسان جي تحقيق آهي تہ جن فقيرن، رسالي گڏ ڪرڻ وقت فارسي شاعرن جو ڪلام، شاهہ جي رسالي ۾ درج ڪيو آهي، اهي ڪي ايتريقدر اڻ ڄاڻ ڪو نہ هئا. پر اهو فارسي ڪلام شاهہ جي مجلس ۾ ڳايو ۽ پسند ڪيو ويندو هو. جنهن ڪري هن کي بہ رسالي جي خاص جاين تي آندو ويو آهي.

فارسي ڪلام هيٺين طرح رسالي ۾ آيو آهي:

1_ سر ڪلياڻ جي فصل 3 جي پڇاڙيءَ واري پهرئين وائي، هڪ فارسي غزل خواجہ حافظ شيرازي جو آهي، جنهن جو پهريون شعر آهي:

ساقيا برخير در ده جام را،
خاک برسر کن غم ايام را.

هن غزل کان اڳ هڪ فارسي بيت آهي، جو شايد غزل کان اڳ ۾ ڏوهيڙي وانگر ڳايو ويو هجي، جيئن سنڌي ڪافي کان اڳ ۾ ڏوهيڙا ڳائبا

آهن. اهو شعر هي آهي:

شيشہ را پر کن و بردار بيار،
جام را پرکن و بر خيز بيار.

2ـ سر يمن ڪلياڻ جي فصل 8 جي پڇاڙي ۾، محي الدين جو غزل آهي جنهن جو مطلع آهي:

بي حجابانہ بيا از در ڪاشانہ ما،
ڪہ کسي نيست بجز درد تو درخانہ ما.

ان غزل جو چوندڙ محي الدين ڪير آهي؟ ان بابت "محي" تخلص سان جيترن بہ شاعرن جا نالا تذڪرن ۾ آهن، تن مان ڪنهن بہ محي الدين جي نالي اهڙو غزل نظر ڪو نہ ٿو اچي. ساڳئي رنگ ۽ ساڳئي وزن ۽ بحر ۾ تذڪره صبح گلشن ۽ تذڪره نگارستان سخن ۾ سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني بغدادي ڏانهن هڪ غزل منسوب ٿيل آهي، جنهن جا اشعار هي آهن:

گر بيائي بسرِ تربت ويرانہء ما،
بيني از خون جگر آب زده خانہء مان.
با احد در لحد تنگ بگويم اي دوست،
آشنائيم بتو غير تو بيگانہء ما.
محي از شمع تجلي نگاهش مي سوخت،
دسوت مي گفت زهي مردانہء ما.

شاهہ جي رسالي واري غزل جي پوئين شعر (مقطع) جي هن غزل جي پوئين بيت سان هڪ جهڙائي آهي، باقي ٻيا سمورا شعر جدا جدا آهن، مقطع جي پوءِ مصرع ۾ ڪجهہ فرق آهي.

دوست مي گفت زهي مستي پروانہء مان.

سر سهڻي ۾ شاهہ صاحب هڪ فارسي مصرع، تضمين طور پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي، فرمائي ٿو:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
سر در قدم يار فدا شدچہ بجاشد، وصل اهوئي ونگ،

رات جنين جو رنگ، الا سي اڪاريئين.

اها مصرع شاهہ عنايت الله صوفي جهوڪ واري جي هڪ غزل مان ورتل آهي، اهو سمورو غزل هيٺين ريت آهي:

سر در قدم يار فدا شدچہ بجا شد،
از گردنم اين دين ادا شدچہ بجا شد.
از خون دلم بستہ حنا بر سر ناخن،
خون دلم انگشت نما شدچہ بجا شد.
از درد دلم همہ کشيده ست بر ابرو
درد دل ما قبلہ نما شد چہ بجا شد.
مي خواست رقيبي کہ من از غصہ بميرم،
ديدي کہ خودش زود فنا شدچہ بجا شد.
مي خواست رضائي کہ بفرمان تو گردد،
فرمان تو گرو ديده رضا شد چہ بجا شد.

هي فارسي غزل، شاهہ صاحب جي زماني ۾ ڏاڍو مشهور هوندو هو ۽ مجلسن ۾ ڳايو ويندو هو ۽ ڪيترن شاعرن ان جي جواب يا تتبع تي غزل لکيا آهن. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ۽ مير نصير خان ٽالپر جا بہ انهي ضمن ۾ غزل چيل آهن.

شاهہ صاحب سسئي جي سر ڪوهياري ۾ هڪ فارسي غزل جي مصرع جو ننڍو حصو آندو آهي، فرمائي ٿو:

"منزل دور من تنها". جت ڪن پوليون پاپيهان،
نڪا ڀِهر نہ پيچرو نہ سڄن ڳِن ڪيهان،
لکي جو ليهان، ٿي لوڙهيان لعل لطيف چئي.

هن شعر جي پهرين مصرع ۾ هڪ فارسي غزل جي مصرع اڌ آندل آهي، سڄي مصرع هن ريت آهي:

شب تاريک ره باريک منزل دور و من تنها.

سر بيراڳ هنديءَ کان پوءِ هڪ سر جي انداز ۾ ابيات مثنوي مولانا روم جا ڏنل آهن. گهڻو ڪري اهي اُهي شعر آهن جن ۾ مولانا جلال الدين

رومي خدا جي دوستن يا اولياءَ الله جي واکاڻ ڪئي آهي. ابيات مثنوي جي سر ۾ وچوواڙي عارف عبدالرحمان جامي جا به ڪي شعر آهن، جن ۾ هن صاحب مولانا رومي ۽ سندس مثنوي جي واکاڻ ڪئي آهي:

مثنوي و معنوي و مولوي،
هست قرآن در زبان پهلوي،
من چہ گويم وصف آن عاليجناب،
نيست پيغمبر ولي دارد ڪتاب.

ان سلسلي ۾ هڪ شعر محمد جان قدسي مشهدي چيو آهي:

هزار بار بشويم دهان بمشڪ و گلاب،
هنوز نام تو گفتن ڪمال بي ادبي ست.

هڪ شعر ڪنهن گمنام شاعر جو به آهي:

بنالد بلبل مسڪين ڪہ از گلزار دور افتد،
قيامت آن زمان باشد ڪہ يار از يار دور افتد

ابيات مثنوي جي آخر ۾ حڪيم سنائي غزنوي جي هڪ مناجات، وائي طور هيٺ ڏنل آهي، جنهن جو مطالعو آهي:

ملڪا ذڪر تو گويم ڪہ تو پاڪي و خدائي،
نہ روم من بجز آن ره ڪہ تو آن راه نمائي.

پويون شعر آهيس:

لب و دندان سنائي همہ توحيد تو گويند،
تو مزار آتش دوزخ ز ڪرم باز رهائي.

## هندي ۽ سرائيڪي شعر:

فارسي ڪلام ڪان سواءِ، شاهہ صاحب جي رسالي ۾ هندي ۽ سرائيڪي ۽ ڍاٽڪي ٻوليءَ جو شعر به درج ٿيل آهي، جو ڏاريون ڪلام آهي. سرائيڪي ٻولي اگرچہ سنڌي جي هڪ شاخ آهي، پر ان هوندي به شاهہ صاحب سنڌي جي انهيءَ شاخ ۾ ڪلام نہ چيو آهي. هو پنهنجي نج لاڙ جي سنڌيءَ ۾ ڪڏهن ڪٿي سرائيڪي يا هندي اکر، خاص انداز ۾ ڳنڍيندو يا پيوَست ڪندو ويندو آهي، پر مجموعي طرح انهن زبانن ۾

سندس شعر معلوم نہ ٿي سگھيو آهي.

(1) شاهہ جي رسالي جي سر ڪلياڻ جي داستان پهرين جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ سرائيڪي ٻولي ۾ وائي ڏنل آهي.

عشق تساڏي مين گھايل ڪيتي،
وو ميڏي ميان، درد رانجهن دي.

(2) انهيءَ سر ۾ سمن نالي ڪنهن هندي شاعر جو هيٺيون بيت پڻ آيل آهي.

سائي صورت عين ڪي سائي صورت غين،
سمن نقطہ دور ڪرو، تہ اوعين ڪي عين.

اهو شاهہ صاحب جو ڪلام نہ آهي.

(3) سر ڪلياڻ جي ٻئي داستان جي پڇاڙيءَ ۾ بہ وايون آهن، جن مان پهرين جا بہ مصرع سرائيڪي ۾ ۽ بہ مصرع سنڌيءَ جا آهن ۽ اها وائي شاهہ جي شاهاڻي ڪلام جو جزو نہ آهي ۽ ٻي وائي سرائيڪي ۽ پنجابي ٻولين جي گڏ وچڙ مان تيار ٿيل آهي.

رانجها وو مين تيڏري آهيان.

هي آهيس ٿلُ. اڳتي هڪ مصرع آهي تہ:

ري وو مين، ٻي وو مين، مينو نال و سارنهين.

اهڙيءَ ريت چڻ پٽن جي ڪوٽ آهي، باقي شاهہ جو ڪلام هرگز نہ آهي.

(4) ٽين داستان جي پڇاڙيءَ ۾ بہ هندي وائي آهي، جنهن جو منڍ آهي:

عجب نين تيري، سرس نين تيري

(5) سر يمن ڪلياڻ جي داستان ٽئين جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ سرائيڪي وائي ڏنل آهي، جنهن ۾ ٿل سميت ڪل ٽي مصرع آهن. پڇاڙيءَ ۾ وائي چوندڙ احمد جو نالو بہ ڏنل آهي:

آکي احمد نال نمائيندي، ڪيا ڪس لي ڪيتا.

ان جي پوئتان ٻي هڪ وائي سنڌيءَ ۾ آهي، پر ان جو ڍول ۽ ٻيهڪ

شاهہ جي ڪلام جهڙي نہ آهي، جا پڻ شاهہ جو ڪلام ٿي نٿي سگهي.

(6) يمن ڪلياڻ جي 5 داستان ۾ هيٺيون هندي بيت، رسالي ۾ درج ٿيل آهي:

هڪ جو اکر نڪڙو گرتسي جي ڏي،
تا انڌاري گهر ديپڪ، ڦر ڦر جوت ڪري

بيان العارفين ۾ آهي تہ، اهو شعر احمد آباد ۾، شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري ڪي ڪنهن سنياسي پڙهيو هو جنهن ڪي فقيرن رسالي، داخل ڪري ڇڏيو آهي.

(7) داستان 6 جي پڇاڙيءَ ۾ بہ هڪ سرائيڪي وائي وڌل آهي، جا هيٺين ريت آهي:

عشق تمام، بره تمام، مين لوئي يار لوڪو
سيج ستي جهپ نہ آوي، نيٽين ننڊ حرام،
راتيان جاڳڻ، صاحب سنيالڻ، اي فقيران دا ڪام،
مت عقل دي منجهہ گئي، آيا عشق امام.

صاف پڌرو آهي تہ اهو شاهہ صاحب جو ڪلام ٿي نٿو سگهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي، اگرچہ ان وائي کي شاهہ جو ڪلام نٿو سمجهي، پر ان هوندي بہ هن پنهنجي رسالي ۾ بحال رکي آهي. هوڏانهن ڪيس رسالي مان ڪلام لوڙڻ جو ڏاڍو شوق رهندو هو.

(8) سهڻي يا توڏي جي سر ۾ هڪ هندي بيت توڏي سر جي تعريف ۾ آيل آهي:

توڏي مينا راڳ هي، مجلس ميني تال،
گهر ڪي ميني ڪامڻي، اور ڪي ميني لاج.

اهو شاهہ جو ڪلام نہ آهي.

(9) سر سهڻي جي داستان پنجين جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ سرائيڪي وائي ڏنل آهي:

درد رانجهن دي هي ماري،

مرزا قليچ بيگ مرحوم، جنهن شاهہ جي رسالي ۾ سڀ ڪجهہ ڪٽي

داخل ڪيو آهي، سو بہ ان وائي بابت لکي ٿو تہ:

”هيءَ وائي شاهہ صاحب جي نٿي ڏسجي، جيئن اڪثر سرائيڪي ۽ هنديءَ وائيون سندس نہ آهن. تنهن ڪان سواءِ سر جي مضمون سان بابت نہ آهي. هير رانجهي مضمون سان يا تہ عام عشق بابت آهي.“

(10) ساڳئي سُر جي ڇهين داستان جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ سرائيڪي ٽن مصرعن واري وئي آهي:

جان جاڳان تان نهين وي نال ڍولڻ دي

هي بہ شاهہ جي چيل نہ آهي.

(11) سهڻي جي ابيات متفرقہ جي آخر ۾ بہ هڪ سرائيڪي وائي آهي:

جان جاڳان تان نهين نال سجڻ دي

مرزا صاحب مرحوم لکي ٿو تہ هيءَ وائي سرائيڪي ٻوليءَ ۾ آهي، گهڻو ڪري شاهہ عبداللطيف جي نہ آهي.

نيازعلي شاهه "محسن"

# "قلم ـ تاريخ"

1381هه

1ـ مولوي مرحوم جي تصنيف جو ناهي جواب،
مولوي مرحوم هو مُلڪ ـ ادب جو بادشاهه.
باسر 1/1 مان هجري سال هيئن هاتف چيو
حضرت محسن ڪٿي لک "شاهه جو پيغام واهه."
1381هه = 1+1380

2ـ سنڌيءَ جو اديبن ڪان جو ڪجهه به پڳو آهي،
معلوم ڪندا آيا تعليم پٽائيءَ جي،
"تشريح ڏسو نادر وه وه" وفائيءَ جي.
1962ع

3ـ اي حضرت وفائي! تنهنجو ٿورو ناهه ٿورڙو
تو سنڌ لاءِ ڪيترو مواد هي ڪيو ڪٺو.
1/1 الف جو هڪ عدد ڪڍو پوءِ عيسوي ٿهي ٿو سن،
ته "شاهه جي رسالي جو مطالعو ڏسي وٺو".
1963ع = 1+1962ع

# مولانا بابت عالمن ۽ اديبن جا رايا

”مولانا دين محمد صاحب وفائي سان منهنجي واقفيت خلافت جي زماني کان هئي. پوءِ ڪراچي ضلعي لوڪل بورڊ جي پريزيڊنٽ هئڻ جي زماني ۾، ڪراچيءَ ۾ رهڻ وقت اها وڌندي وئي. 1940ع ۾ جڏهن وزير تعليم ٿيس ته سنڌي ادب جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ”سنڌي ادبي مرڪزي صلاحڪار بورڊ“ قائم ڪيم. ان ۾ مولانا صاحب کي ميمبر ڪري رکيم. ان سان گڏ سنڌي لغت تيار ڪرڻ لاءِ جيڪا ڪاميٽي مقرر ڪئي هيم، ان ۾ مولانا فتح محمد سيوهاڻي، ڄيٺمل پرسرام، عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر دائودپوٽي ۽ مولانا دين محمد صاحب وفائي ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ لڳا. موجوده سنڌي لغت جو پهريون جلد، جو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايو ويو آهي، ان ۾ ان ڪاميٽي جو گهڻو ڪم ڪيل آهي. پاڪستان ٿيڻ بعد سنڌي درسي ڪتابن کي نئين سر تيار ڪڻ لاءِ 1949ع ۾ هڪ ڪاميٽي ٺهي هئي، ان ۾ به مولانا صاحب کي رکيو ويو هو.“

(جي ايم سيد)

❋

”مولانا دين محمد وفائي، پنهنجين مختلف خصوصيتن جي ڪري، هڪ منفرد شخصيت جو مالڪ هو. عالم، صحافي، مناظر ۽ مبلغ، اديب ۽ تاريخدان، علم الانساب جو ماهر ۽ سياستدان، همدرد دوست ۽ پرخلوص ساٿي. مطلب ته هن جامع شخصيت جون ڪهڙيون خوبيون ۽ ڪهڙيون صفتون ڳڻائجن. صوبائي، قومي ۽ بين الاقوامي سياست تي وڏي نظر هوندي هيس. ترڪن جو مسئلو هجي يا عربن جو الجزائر جو هجي يا تيونس جو هندستان جي سياست هجي يا سنڌ جي، هڪ روزاني اخبار جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ هر هڪ موضوع تي مولانا صاحب کي مضمون لکڻا پوندا هئا ۽ حق ته هي آهي ته مولانا صاحب پنهنجي موضوع جا حق ادا ڪندو هو.

دشمنن جي دلين ۾ ٿرٿلا پئجي ويندا هئا ۽ پنهنجن جي زبان مان واهه واهه جا نعرا، بي اختيار نڪري ويندا هئا. الوحيد جو انهيءَ وقت وڏو دٻدٻو هو. سنڌ جي مسلمانن جي اهائي هڪ اخبار هئي، جنهن جي اکر اکر ۾ سنڌ جي مسلمانن جي دلين جي ڏک ڏک سمايل هئي. حڪومت تي ڏاڍي بيباڪيءَ سان نڪتہ چيني ڪئي ويندي هئي ۽ قومي ۽ ملڪي مسئلن ۾ پوري سنجيدگيءَ سان ۽ ڏاڍا توريل تڪيل مشورا پيش ڪيا ويندا هئا. مولانا صاحب ٻولي سادي، پر سوادي ۽ سباجهي لکندو هو. ڪڏهن ڪڏهن رنگين عبارت لکندو هو تہ نثر ۾ شعر جو مزو پيو ايندو هو.

شيخ عبدالله "عبد"

※

"سندن ڪچهري اسان جي لاءِ سون سبقن جي دولت آڻيندي هئي. جو بہ موضوع گفتگو ڇڙندو هو اها معلومات ڏيندا هئا. جو سندن صحبت مان اسان کي، هڪ ڪلاڪ ۾ اهو علم حاصل ٿي ويندو هو جيڪو سالن جي ڪتابي ورق گردانيءَ مان بہ هرگز نصيب نہ ٿي سگهي. سنڌ جي ڪنهن بہ خطي جي ڳالهہ نڪري يا ڪي بلوچن، سماٽن، يا ٻين معاملن بابت ذڪر ڇڙي تہ ڪين هر خطي ۾، هر قوم جي تاريخ اهڙي تہ ياد هوندي هئي ۽ ان لاءِ اهڙيون تہ سندون پيش ڪندا هئا، جو عقل دنگ رهجي ويندو هو تہ هن شخص هيتري معلومات ڪٿان آندي. سنڌ جي ڪنهن بہ خاندان متعلق ڳالهہ ڇڙي تہ اُنهن جي اصل نسل، حسب نسب بابت ايتري تہ خبر هين جو خود انهن خاندانن وارن کي بہ پنهنجي بابت هرگز نہ هوندي هئي. تاريخ جي علم جا تہ اٿاهہ ساگر هئا، پر جاگرافي نہ فقط سنڌ، بلڪ تمام اسلامي ممالڪ توڙي دنيا جي نقشن جي ايتري تہ واقفيت هوندي هين، جا اسان نہ اسڪولن ۾ پڙهي ۽ نہ استادن کان ٻڌي. ڏند چپن سان لڳي ويندا هئا تہ مولانا صاحب جن کي هي سڀ ڪيئن معلوم ٿيو ۽ مولانا مرحوم اهو ڪٿي پڙهيو آهي ۽ ڪٿان سکيو! مؤرخن ۽ شاعرن ۽ اديبن بابت گفتگو نڪتي تہ، انهن بابت سندس چاڻ ڏسي اکيون کلي وينديون هيون تہ يورپ بابت هيتري معلومات ڪٿان حاصل ڪيائون. هي سڀ سندن علمي بصيرت جا ڪارناما هئا، جي مثالن ڏيڻ سان جيڪر

پيش ڪريان ته هڪ ضخيم ڪتاب ٿهي پوي.

عربيءَ ۾ ايترو ته درڪ رکندا هئا جو ابن سعود جي شروعاتي دؤر ۾، جڏهن ڪراچيءَ ۾ هڪ سعودي وفد آيو هو ته، فقط مولانا وفائي مرحوم ئي هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن انهيءَ وفد سان منهن ڏنو ۽ عربيءَ ۾ گفتگو ڪئي. هن تي سنڌ جي ظريف شاعر مرحوم محمد هاشم مخلص هڪ شعر لکيو هو، جنهن جِي هڪ سٽ مون کي ياد آهي:

سر پيچ تن سين جو هو مولوي وفائي.

(محمد اسماعيل عرساڻي)

❊

”تذڪره مشاهير سنڌ“ جيڪو سنڌ جي نامور اديب، صحافي ۽ عالم سڳوري، مولانا دين محمد وفائي مرحوم، سالن جا سال سڄيءَ سنڌ جا پنڌ ڪري، ڪتبخانن جي خاڪ ڇاڻي ۽ نور نچوئي لکيو آهي. مذهب سان دلچسپي رکندڙن ۽ مذهبي عالمن جي زندگيءَ کان واقفيت گهرندڙن لاءِ هن ڪتاب ۾ بي بها مواد موجود آهي، ڇاڪاڻ ته هن ۾ سنڌ جي سون ورني ڌرتي جيڪي به عالم ۽ محدث، مفسر، مبلغ، شارح ۽ فقيهه پيدا ڪيا آهن، تن جو مختصر احوال ڏنل آهي (هي اجا سموري تذڪري جو پهريون حصو يا پهريون جلد آهي) اهو احوال به هڪ خاص نوعيت جو آهي: هر عالم ڪٿي پيدا ٿيو ڪنهن وٽ درس حاصل ڪيائين، ڪهڙا ڪتاب لکيائين، ڪهڙي سلسلي سان نسبت اٿس، ڪهڙا شاگرد پيدا ڪيائين ۽ ڪٿي فوت ٿيو.

هي ڪتاب گذريل هزار سالن جي هڪ تاريخ آهي، جنهن مان هڪ ڳالهه هر صفحي منجهان، ڳاٽ کنيو پئي للڪاري ته، سنڌ علم جو گهر هئي، جنهن ۾ ننڍا ننڍا ڳوٺ ۽ واهڻ به علم جي شمع سان منور هئا.

(سراج الحق)

❊

مولانا دين محمد وفائي مرحوم الوحيد اخبار جي ادارتي دؤر ۾ لائق ۽ فائق ايڊيٽر ثابت رهيا. سندن قلم ۾ رواني، تحرير ۾ جدت ۽ ٻوليءَ ۾ سلاست،

حلاوت، لطافت ۽ سنجيدگي سمايل هوندي هئي. سندن بيباڪ ۽ جرئتمنداڻي تحرير، مولانا محمد جوهر، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مولانا ظفر علي مرحومين جون سڪون لاهيندي هئي.

(حاجي محمود هالائي)

*

مان پاڻ کي خوش نصيب سمجهندو آهيان، جو اهڙي مانجهي مڙد، سنڌ جي سودائيءَ ۽ سچ جي ساڪيءَ جي جنازي کي ڪلهي ڏيڻ جو وجهه هٿان نه وڃايو هوم. مون کي مولانا دين محمد وفائي مرحوم جو آخري سفر اڃا ياد آهي. بادل ڇانيل هئا، هلڪي هلڪي بوند به پئي پيئي. آيو ويو ۽ جنازي جي جلوس ۾ شامل شخص چئي رهيو هو ته "الله جي رحمت پيئي وسي، پڪ ڪو بخشيل روح هوندو!" هنن ويچارن کي ڪهڙي خبر ته هو نه رڳو بخشيل روح هو پر پنهنجي دور جو عيسيٰ هو جيڪو قوم جي لاءِ صليب ڪلهي تي کڻي گهميو هو.

جناب ڄام صادق علي، وزير ميونسپالٽي ۽ لوڪل باڊيز جي حڪم تي سکر جي واري تڙ روڊ جو نالو مولانا دين محمد وفائي روڊ رکيو آهي، پر اهو به ڪجهه ڪافي نه آهي. اهڙن شخصن جي ياد، ڪارنامن ۽ نظرين کي زندهه رکڻ لاءِ ادارن جي قيام جي ضرورت آهي."

(رشيد ڀٽي)

*

سائين مولانا دين محمد وفائي (رحه) جي ادارت هيٺ 1936ع ۾ الوحيد اخبار جو آزاد سنڌ نمبر شايع ٿيو هو. موقعو هو سنڌ جي بمبئيءَ جي چنبي مان آزادي ادا سائين، ان نمبر متعلق اسان ايتريقدر ٻڌو آهي، جو ان نمبر کي حاصل ڪرڻ ته ڇڏيو هڪ نظر ڏسڻ لاءِ ماڻهو ڪشالا ڪيندا هئا. سائين، منهنجو عرض آهي ته الوحيد جي آزاد سنڌ نمبر جون فلمون ڪيرائي، آفسيٽ تي ڇپارائي مارڪيٽ ۾ آڻيو. مون کي يقين آهي، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جا سڄڻ هر قيمت تي الوحيد جي يادگار نمبر جي ڪاپي خريد ڪري پاڻ وٽ محفوظ ڪندا.

(امر جليل)

"الوحيد پريس مولانا دين محمد وفائي صاحب جي دؤر ۾ ايئن ڪٽي چئجي تہ علم، ادب ۽ سياست جو هڪ آشيانو هو. جنهن ۾ هڪ باغ هو جنهن ۾ گلاب، موتيا، مکڙيون ۽ ڪنڊهار هئا ۽ ان باغ جي آبياري ۽ نگهداشت حضرت مولانا دين محمد وفائي صاحب ڪري رهيو هو. هي سندن ئي ذهانت ۽ محنت جو ڦل آهي، جو اڄ بيشمار سنڌي اخبارون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سندن لکڻي، اڄ جي ايڊيٽرن کي نصيب ٿي وڃي تہ، هُل هنگاما ۽ شور شرابا باقي نہ هجن ها!

اسان جي پياري وفائي جي زبان شيرين هئي، سهڻي سلوڻي انداز سان گفتگو ڪندو هو. وٽس وڏا وڏا بزرگ ۽ سياستدان بہ ايندا هئا، اديب ۽ شاعر تہ سندن شيدائي هئا. انهن مان ڪن جا نالا عرض ڪيان ٿو جن کي مون مولانا صاحب جي بلڪل قريب ڏٺو:

سر حاجي عبدالله هارون، غلام مرتضيٰ شاهہ سنائي، جي ايم سيد، ڊاڪٽر محمد بن عمر دائود پوٽو مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا محمد صادق کڏي وارو، مولانا محمد صديق کڏي وارو، مولانا عبدالڪريم چشتي، رئيس علي محمد مري، رئيس علي محمد کيڙو مولوي محمد معاذ، پير محبوب علي شاهہ، پير حسام الدين شاهہ راشدي، جناب سرشار عقيلي، مرحوم غلام احمد نظامي، ڏٽي بخش ناقص، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مرحوم دين محمد عليگ، قاضي خدا بخش، عبدالخالق مورائي ۽ ٻيا."

(مومن مليرائي)

❊

"مولانا دين محمد وفائي (رحہ) جن قلم هٿ ۾ کڻندا هئا تہ برق رفتاريءَ سان ويندا هئا سلپن تي سلپون پريندا. مون اهڙي تيز رفتاريءَ سان قلم هلائڻ وارو ايڊيٽر اڄ نہ تائين ڏٺو. مولانا صاحب جن صحافت جي دنيا ۾ بيشمار خوبين جا مالڪ هئا، پاڻ پنهنجي لکڻيءَ کي ٻيهر نظر مان ڪيڻ بنا ئي ڪاپي ڪمپازيٽرن جي حوالي ڪندا هئا. وري جي ڪمپوز ڪري مولانا صاحب جن وٽ کٽي وڃبو هو تہ ان ۾ ڪا بہ ڦير گهير يا ڪاٽ ڪوٽ اصل نہ ڪندا هئا."

(عبدالرحيم صابر)

## ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران 2008ع کان 2012 تائين ڇپايل سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتابن جو تفصيل

| نمبر | ڪتاب جو نالو | مصنف/مرتب/مترجم | قيمت |
|---|---|---|---|
| 1 | شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو | 100/- |
| 2 | رسالو ميان سچل فقير جو | مرزا علي قلي بيگ | 800/- |
| 3 | شيخ اياز جلد ٻيو (چار ڪتاب) (1. ڪپر ٿو ڪُن ڪري، 2.پتڻ ٿو پور ڪري، 3.ٽڪرا ٽنل صليب جا، 4. واٽون ڦُلن ڇانئيون) | شيخ اياز | 500/- |
| 4 | شيخ اياز جلد ٽيون (چار ڪتاب) (1.پؤنر پري آڪاس، 2.ڪلهي پاتم ڪينرو، 3.ڪي جو ٻيجل ٻوليو، 4.وڄون وسڻ آئيون) | شيخ اياز | 500/- |
| 5 | نئين ڪنڊ ۾ ڊرامي جي تاريخ | غلام حيدر صديقي | 200/- |
| 6 | سنڌوءَ جا گيت | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو | 300/- |
| 7 | شاهہ جو رسالو | ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ | 400/- |
| 8 | سُر ڪيڏارو | منظور احمد قناصرو | 250/- |
| 9 | شاهہ جو رسالو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 500/- |
| 10 | سر آسا | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250/- |
| 11 | بيت نہ پر آيتون | ڊاڪٽر عزيز الرحمان ٻگهيو | 250/- |
| 12 | شيخ اياز جلد ٽيون (پنج ڪتاب) (1.لڙيو سج لڪن ۾، 2. پن ڇڻ پڇاڙان، 3. چنڊ چنبيليءَ ول ، 4. رڻ تي رمجهم، 5 ڀڳت سنگهہ ڦاسي) | شيخ اياز | 500/- |
| 13 | شيخ اياز جلد چوٿون (پنج ڪتاب) (1.راج گهاٽ تي چنڊ ، 2. ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي، 3. اُڪن نيرا ڦُليا، 4. جهڙ نيڻان نہ لهي 5. سُر نارائڻ شيام) | شيخ اياز | 500/- |
| 14 | سراج السالڪين | رسول بخش تميمي | 150/- |
| 15 | سنڌ جو سرمست | رڪيل مورائي | 300/- |
| 16 | ڪوهستان جو سفر | بدر ابڙو | 400/- |
| 17 | سنڌ صدين کان | ممتاز مرزا | 400/- |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 18 | خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو | ڊاڪٽر عطا محمد حامي | 600/- |
| 19 | ڪلامِ گروهڙي | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو | 500/- |
| 20 | شيخ اياز نثر جلد پنجون | شيخ اياز | 350/- |
| 21 | سُر پرڀاتي | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 350/- |
| 22 | شاهه جي رسالي جي سچائي (جلد پهريون) | محمد حسين ڪاشف | 500/- |
| 23 | شاهه جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر | ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي | 600/- |
| 24 | سومرا راڄ گهراڻو | ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومرو | 400/- |
| 25 | قلندر لعل شهباز | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 200/- |
| 26 | مان جي مئس پنڌ ۾ | رڪيل مورائي | 500/- |
| 27 | لاکو پير لطيف الله | پير محمد عالم قريشي صديقي | 150/- |
| 28 | شاهه لطيف الله قادريءَ جو ڪلام | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 100/- |
| 29 | استاد بُخاري ــ فن ۽ شخصيت | آزاد انور ڪانڊڙو | 650/- |
| 30 | محمد عثمان ڏيپلائي ۽ سنڌي سماج تي سندس اثر | ڊاڪٽر ثريا ساز ڏيپلائي | 300/- |
| 31 | ڳٽوانن جون ڳالهيون | قمر شهباز | 300/- |
| 32 | ڄڄ پرائي | قمر شهباز | 450/- |
| 33 | ننگر ٺٽو : هڪ مطالعو | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250/- |
| 34 | صوفي شاهه عنايت شهيد | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 600/- |
| 35 | شيخ اياز جلد پنجون (چار ڪتاب) (1.اُڀر چنڊ پس پرين ، 2. هينئڙو ڏاڙهونءَ گُل جيئن، 3. الوداعي گيت، 4. ننڊ وليون | شيخ اياز | 750/- |
| 36 | شيخ اياز جلد ڇهون (ٽي ڪتاب) (1.ڪتين ڪر موڙيا جڏهن جلد پهريون، ٻيو، ٽيون) | شيخ اياز | 1000/- |
| 37 | شيخ اياز جلد ستون (ٽي ڪتاب) (1.سر لوهيڙا ڳپيا ، 2. سُورج مُکي سانجهه، 3. ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون. | شيخ اياز | 1000/- |
| 38 | شيخ اياز جلد اٺون (چار ڪتاب) | شيخ اياز | 700/- |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 53 | شاهه جي رسالي جي سجاڻپ (جلد ٻيو) | محمد حسين ڪاشف | 500/- |
| 54 | سُر پورب | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 200/- |
| 55 | سنڌي ڊرامن جي مختصر تاريخ | مختيار احمد ملاح | 450 |
| 56 | سنڌي ناول جي مختصر تاريخ | مختيار احمد ملاح | 450 |
| 57 | مون ڏات انو ڪي آندي آ | محمد ابراهيم جويو | 250 |
| 58 | سووينيئر (سچل سرمست 2012 ) | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | |
| 59 | منصور ثاني سچل سرمست | پروفيسر عطا محمد حامي | 300 |
| 60 | عشق ڪيم اظهار سچل سرمست | خادم حسين عباسي | 250 |
| 61 | سچل سرمست سچ جو شاعر | ڊاڪٽر مخمور بخاري | 200 |
| 62 | سچل سرمت سچ جي صدا | سميع قاضي | 250 |
| 63 | سپ رنگ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 250 |
| 64 | امر جليل جا ڪتاب جلد ٻيو | امر جليل | 800 |
| 65 | شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جا تاريخي انٽرويوز<br>تمر جيت گئي هم هار گئي<br>Shaheed Mohtarma Benazier Bhutto | پروفيسر اعجاز احمد قريشي<br>پروفيسر سليم ميمڻ<br>Prof. Aijaz A. Qureshi | 200<br>300<br>350 |
| 66 | ڪي نہ وسرن مور | ڊاڪٽر سحر امداد حسيني | 120 |
| 67 | سووينئر "لعل شهباز قلندر 2012" | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي<br>ڊاڪٽر نواز علي شوق | |
| 68 | سنڌڙيءَ جو شهباز قلندر | آزاد انور ڪانڌڙو | 200 |
| 69 | قلندر لعل سيوهاڻي | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 120 |
| 70 | الشهباز | جليل سيوهاڻي | 150 |
| 71 | قلندر نامو | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | 100 |
| 72 | تذڪره شهباز | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 120 |
| 73 | شاهه عبداللطيف ڀٽائي پيغام جو موجوده حالت تي اطلاق | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 250 |
| 74 | سنڌي شاعري جو اپياس | شمشيرالحيدري | 150 |
| 75 | شاهه عبداللطيف ڀٽائي مقالاءِ مضمون | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ<br>ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 600 |
| 76 | ڀنڀور ۽ ديبل | عبدالقادر منگي | 300 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 77 | شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي دور ۾ تصوف جا سلسلا | ڊاڪٽر عابد مظهر | 300 |
| 87 | سنڌي ڪهاڻي | اسحاق انصاري | 300 |
| 79 | فن ۽ فنڪار جلد ٻيو | ڪوثر ٻرڙو | 300 |
| 80 | سيپيتا جا سونهان | محمد حسين ڪاشف | 200 |
| 81 | مون ۾ تون موجود | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 200 |
| 82 | سنڌ جا قديم آثار ۽ تاريخ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ<br>ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250 |
| 83 | رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد نمبر 2 | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 850 |
| 84 | شاهہ جو رسالو (مڪمل فُورِ ڪلر) بلوچ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 1500 |
| 85 | وڪريل ورق | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 350 |
| 86 | مقالاتِ عزيز | عزيز جعفراڻي | 400 |
| 87 | فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو سنڌي ڪلام | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 500 |
| 88 | شيخ اياز( شخصيت ۽ فن) | غلام سڪينا حميده قاضي | 400 |
| 89 | امر جليل جا ڪتابَ جلد ڀهريون<br>(1.دل جي دنيا ، 2. جڏهن مان نہ هوندس، 3. تاريخ جو ڪفن، 4. منهنجو ڏس آسمان کان پڇو. | امر جليل | 600 |
| 90 | رهاڻ هيرن ڪاڻ جلد ڀهريون | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 800 |
| 91 | فيض احمد فيض ۽ پاڪستاني ثقافت | امان الله شيخ | 250 |
| 92 | فيض جا ايلس ڏانهن خط | شبنم موتي | 250 |
| 93 | فيض سان رهاڻيون | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 500 |
| 94 | راڳ نامون | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 270 |
| 95 | ميزان (فيض احمد فيض) | ڊاڪٽر نواز علي شوق | 240 |
| 96 | جهڙي سونهن سندياس | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 250/- |
| 97 | اديون آءُ اچاڻ | ڊاڪٽر فهميده حسين | 250/- |
| 98 | شاهہ سچل ۽ خليفو قاسم | محمد حسين ڪاشف | 200/- |
| 99 | شاهہ عبداللطيف مدبر معلم ۽ مهربان | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 150/- |

| نمبر | کتابوں کی نام | مصنف/مرتب/مترجم | قیمت |
|---|---|---|---|
| 1 | سکھر تاریخ وتمدن | ڈاکٹر عبدالواحد اندھڑ | 400/_ |
| 2 | بھٹو کا تصور پاکستان | نصرت لاشاری | 350/_ |
| 3 | شاہ جو رسالو | شیخ ایاز | 650/_ |
| 4 | سچل سرمست، تاریخ، تصوف اور شاعری | ڈاکٹر نواز علی شوق | 150/_ |
| 5 | آئینہ خانہء شاہ لطیف | ڈاکٹر طاہر تونسوی | 200/_ |
| 6 | حلقہ مری زنجیر کا | شیخ ایاز | 800/_ |
| 7 | بوئے گل نالہء دل | شیخ ایاز | 500/_ |
| 8 | دنیا ساری خواب | شیخ ایاز | 650/_ |
| 9 | اے آہو چشم کدھر | شیخ ایاز | 400/_ |
| 10 | سچل سچ ہے سارا | آغا سلیم | 300/_ |
| 11 | سندھ ایک عام جائزہ | مظہر یوسف | 400/_ |
| 12 | حضرت سچل سرمست عظیم شاعر و مفکر | ڈاکٹر نواز شوق | 250 |
| 13 | تاریخ اولیاء سندھ | آفتاب ابڑو | 250 |
| 14 | سندھ میں اردو شاعری | ڈاکٹر نبی بخش خان بلوچ | 350 |
| 15 | خطوط ڈاکٹر نبی بخش بلوچ | محمد راشد شیخ | 250/_ |
| 16 | محمد ابراہیم جویو ایک صدی کی آواز | سید مظہر جمیل | 750/_ |
| 17 | وشت وجود کی مسافت | آغا سلیم | 250/_ |

| Sr. No | Name Of Books | Writer | Rate |
|---|---|---|---|
| 1 | Melodies of SALB, V-III | Agha Saleem | 500/- |
| 2 | History of Sindhi Literature | Shaikh Aziz | 250/- |
| 3 | Melodies of SALB, V-IV | Agha Saleem | 400/- |
| 4 | Shah Jo Risalo in Arabic & English | Faiz Mohammd Khoso | 300/- |
| 5 | Shah,Sachal,Sami | Mohd.Ibrahim Joyo | 200/- |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 6 | Darazi School of Sufi Thought | Dr.Sakhi Qabool Mohammad Farooqi | 400/- |
| 7 | Handicrafts of Sindh | Waheeda Khizir Qazi | 180/- |
| 8 | Sindhi Society & Culture | Prof.Dr.Ghulam Ali Alana | 1600/- |
| 9 | Life & Thought of Shah Latif Bhitai | Gul Mohammad Umrani | 200/- |
| 10 | Songs Of Freedom | Shaikh Ayaz | 500/- |
| 11 | 6 Thousands years of History of Irrigation of Sindh | M.H.Panhwar | 800/- |
| 12 | The Epic of Dodo Chaneiser | Saleem Noorhassan | 300/- |
| 13 | The Traditional Arts And Crafts of Hyderabad Region | Dr 0Nabi Bux Khan Baloch | 150/- |
| 14 | Musical Instruments of the Lower Indus Valley of Sindh | Dr 0Nabi Bux Khan Baloch | 200/- |
| 15 | Alexander's Conquest of Indus Valley | Agha Saleem | 400 |
| 16 | Lake Manchar | Taj Muhammad Sahrai | 200 |
| 17 | Dr. G.M Mehkri on Sindh Articles | Muhammad Ibrahim Joyo | 350 |
| 18 | Hazrat Shanshah Lal Shabza Qalandar | Syed Dinal Shah Darbelvy | 400 |
| 19 | Mohen Jo Daro the Indus civilization | Jahn Marshall | 3000 |
| 20 | Selection from the Risalo | G. Allana | 150/- |
| 21 | Sufism & Classical Sindhi Poetry | Saleem Noorhassan | 150/- |
| 22 | Anecdotes of Vataayo Faqeer | Saleem Noorhassan | 200/- |

4. Shah jey Risali jo Mutalao.
5. Zindagi jo Maqsad.

His son Ali Nawaz Wafai has, within his limited resources, endeavored to keep the light of knowledge, set by his great father, kindled, and was able to bring first editions of some of Maulana's works, But the scope of knowledge enshrined in the sheaths of manuscripts calls for concerted efforts by the Government to unravel the hidden wealth of knowledge for the jet-age Sindhis.

As said, his son has followed his father's tread and, in 1948, founded Wafai Publishing House in memory of his father. He is also editing the weekly "Azad" in Sindhi which is more a views paper than a newspaper.

*(Daily Leader April 1975)*

literatures have paid glowing tributes to Maulana's stature as a historian and eulogized his services as such. Pir Husamuddin Rashdi has referred to Maulana Wafai as the Imam of Sindhi historians. Sindh's most revered educationist, the late Shamsul Ulema Dr. Daudpota used to call the Maulana as a living dictionary, while to Pir Ali Muhammad Rashdi, he was a mobile encyclopedia.

**Tauheed**

In 1943, Maulana Wafai resigned from "Al Waheed" but continued publication of the "Tauheed", a monthly journal dedicated to the task of propagating the true spirit of Islam among the tradition ridden Sindhi Muslims. Through his columns in "Tauheed", Maulana boldly attacked the depravity and immorality of his times, which were taking roots among the Muslim society. He also criticized the superstitious and false customs that had penetrated into the Muslim society through Hinduism. He tirelessly attempted to awaken the Sindhi Muslims to make them conscious of the fresh currents of social, religious and political thoughts that were sweeping the Sub-Continent.

Maulana Din Muhammad Wafai died on 10th of April, 1950. With his passing away, Sindh lost one of its great servants. His whole life had been devoted to the cause of the Sindhi Muslims, trying to better the social, moral and material condition of the people. His love for his people is enshrined in the pages of history which is the judge of his greatness.

Maulana Din Muhammad Wafai wrote over 50 books, mostly on history and religion. Significant amongst his works, are:

1. Ilham-ul-Bari in five volumes. This is the Sindhi translation of Sahih Bukhari and is said to be the only of its kind in Sindhi language.
2. Lutf-e-Latif. This again is an original work on the life of great Sufi poet of Sindh, Shah Abdul Latif Bhitai. It has details which are no where to be found in any other work.
3. Tazkara Mashahir-i-Sindh in four volumes.

by the name "Al-Kashif' (The Explorer). In 1920 a daily newspaper in Sindhi called "Al-Waheed" was established under the editorship of Kazi Abdul Rehman. Maulvi Wafai was asked to join as a member of his editorial board.. With this began the long and distinguished career as a journalist. His articles are pieces of good Sindhi literature. Being simple and straight forward, his writing was easily understood by one and all. His articles contained facts and he wrote a prose, full of eloquence and the rhetoric used was rare.

Another field in which he achieved distinction was history. In those days, nobody really cared for the research on Shindh's contributions. Most of the contemporary histories began with accession to the throne by Queen Victoria and ended with the poise note praying for the good health and long life of the reigning King George V. It was this unfortunate state of affairs in which Maulvi Sahib set himself to work. He felt that a nation, without history is a nation without respect, and that as long as the Sindhi people remained ignorant of their own glorious past, they can never face the future with confidence.

He was convinced that, in the history of Sind, there was enough to lift the chin of any Sindhi. It was also enough to inspire the people to yet higher ladders of progress. So he took up the delicate and the intricate work of acquainting his people with the heritage of Sindh in new perspective.

**Imam of Historians**

The efforts of the Maulvi Sahib ultimately met with success and many a renowned Sindhi historians took inspiration from Mulana's works.

Soon, renowned Sindhi scholars, like Pir Hisamuddin Rashdi and Pir Ali Muhammad Rashdi, inspired by Maulana Wafai's writings, took upon themselves to write many books on the history of Sindh and, to a considerable extent, repaired the damage that the years of neglect and hypocrisy had caused. It need not, therefore be emphasized that the revival of Sindh's history, was mainly due to the tireless efforts of Maulana Wafai. Eminent contemporary

the Mussalmans of his province. And in this he was to wage a war. The pen was to be his weapon. He gave a new trend to thinking among the Sindhi Muslims. His simple but bold, forthright but appealing writings revolutionized the intellectual sphere. His message soon started bearing results. The Sindhi Muslims youth had caught the signal of the message latter years were to see an upheaval in all the areas of activities of the Muslim. The message gave them the realization of the potentials they had and the great force they could forge themselves into.

The man is no more with us today. With his deeds and works he has, however, interwoven himself into the pages of sindh's history. And though there is no monument to cherish his memory, he, in the words of Thomas Carlyle, with which this article begins, has carved out his biography in the annals of Sindh history.

He certainly did live vain. That great man was Moulana Din Muahmmad Wafai.

**Early Life**

He was born in the village of Nabiabad (Taluka Garhi Yasin, Shikarpur District) on the 27 th of Ramzan, 1311 A.H. By the time he was 12, Maulvi Sahib had thoroughly acquired a good knowledge of Persian. In the following years he took the Course in Arabic from various madressahs in the villages around his home village.

By the time he was 18, he had completed his education and was fully equipped to embark on his mission, soon after he joined a school as a teacher. In 1919, the Khilafat movement began to gain momentum. Maulvi Sahib felt, that his loyalty to the cause of Muslims demanded participation in the movement and that he could not any more remain aloof, so he left his peaceful job and joined the movement for the cause, which was dear to his people. This was the start in the service of the people of Sindh, the career that made the name Wafai, one of the most respected and loved in the entire province.

In 1918, Maulvi Sahib established a Sindhi language journal

# The Great Sindhi Scholar Who Did Not Live In Vain

*By A.H. Haquani*

"No great man lives in vain. The history of the world is but the biography of great men"

The history of Sindh is interspersed with many a page of glorious periods. And these periods have, in fact, come to by synonymous with personalities, whose works and deeds gave monumental image to them to live with; and be cherished through the passage of time. The beginning of the present century saw the Muslims of Sindh in the grip of grueling moments. The feudal overlords, under the patronage of colonial "sahebs", had virtually paralysed the masses under their tyrannical rule. Illiteracy amongst the Muslims was rampant. The few, who could manage through school and college education, hardly matched the "bania" influence in the services. Trade, commerce and industry were practically restricted areas for them.

Such were the harrowing conditions for the Muslims, prevailing in the province at the turn of the century and at this juncture, a young man infused with the feeling of the spirit of the great Islamic heritage, endowed with a vision that seemed to foresee the coming events, and inspired by the clarion calls of Jamaluddin Afghani and the great Ali Brothers, came out from the recluse of his abode in a far-off unknown village, with the burning desire to serve

destined to spend his life in the service of the people of Sindh. That made Maulana Wafai the most respected and loveable personality of the entire province. In 1920, Sindhi journal Al-waheed was brought out under the editorship of Kazi Abdul Rehman and Maulana was asked to join the editorial board of the newspaper. With this began the long carrier of Maulana as a journalist. His writings were declared pieces of marvelous writing in the Sindhi literature, as Maulana had his own style of writing with clear expression and masterly narration, which people used to read. Another field in which Maulana achieved landmark was his research in history of Sindh. The Maulana painstakingly recounted the glorious past of the province and enlightened people through his writings. Maulana inspired the people with the heritage of Sindh in its true perspective.

The efforts of Maulana Wafai did not go in vain and soon he emerged as a distinguished writer, research scholar of Sindh's history and literature. It needs no mention that the revival of history of Sindh was mainly due to the tireless efforts of Maulana Din Muhammad Wafai. Eminent contemporaries for the service he rendered the titles such as "Imam of Sindh's History", "Living Dictionary and encyclopedia of Sindh", were given to Maulana by many scholars and historians.

In 1943, Maulana Wafai resigned from Al-Waheed, but continued publication of his monthly journal "Tauheed" in which Maulana Sahib bitterly criticized the depraved and unscientific traditions and customs of the Muslims of Sindh and reformed their religious, social and political thinking, Maulana Wafai died on April 10, 1950. In him Sindh lost a great veteran whose services will always be remembered. His whole life was devoted to the cause of the people trying to uplift their social, educational and moral conditions. Maulana left 50 books which he wrote mostly on the history and relation.

(Daily News, April 29, 1975)

# Sindhs Great Writer
## (Maulana Din Muhammad Wafai)

*By Jaffer Bilgrami*

Sindh, with its glorious past, has produced great personalities, whose work and deeds would be cherished for long time to come.

The advent of the current century saw the Muslims of the subcontinent in one of the most grueling moments of their history engaged in waging war against illiteracy on the one hand and overthrowing the yoke of the British tyrannical rule on the other. The Muslims living in sindh were no exception to those harrowing conditions and their struggles launched in various fields are of great importance. Among many personalities, who made their debut in various fields at that crucial juncture of the history, one was Maulana Din Muhammad Wafai, whose name is synonymous with the struggle of sindh in the freedom movement. Maulana's contribution in the literature and journalism of Sindh is unparallel and he was the first Sindhi scholar who initiated research in the history of Sindh and made his mark in this field.

He was born in the village of Nabiabad (Taluka Garhi Yasin of Shikarpur District) on 27$^{th}$ Ramzan-ul-Mubarak, 1311 A.H. At the very young age of 12, Maulana had thoroughly acquired the knowledge of Persian and later he studied Arabic at various madrassahs and after completion of education, he soon started his teaching career.

In 1919, when Khialfat' Movement began, Maulana left the job and joined the movement, for the cause which was always dear to him and his people. This was beginning of a path of a man

Wafai's book, information which enable him to admire the subtle blending of mystical ideas, and of simple folklore even more.

We do hope that the book will find the interest which it deserves, and we are sure that it will help to a better understanding of the master piece of Sindhi literature.

**Prof. Dr. Annemarie Schimmel**

BONN (West Germany)
7th August, 1961

# FOREWORD

Every reader of the Shah-jo-Risalo is confronted with the problem in how far Shah Latif has alluded to contemporary customs, and to objects and situations peculiar to Sindh and to the social life in his time. In the history of literature and mysticism, scholars have often forgotten that mystics and poets do not live in a vacuum, but that they are bound to their environment and have to use symbols and rumuz, which can be understood by their countrymen and contemporaries, though these words bear, for the mystic, a deeper spiritual significance. Large picture of the social and political conditions of Sindh in the 17th and 18th centuries, so that the European reader may get a right impression of Shah Latif's environments and the background of his outward life.

In the present booklet, Shah Jo Mutalao, the well known author Din Muhammad Wafai (Died 1950), has tried to show the peculiarities of Shah's poetical language and to trace from his poetry, a picture of the daily life Sindh in the Kalhora period. We learn, through his book, the different kinds of birds, the camel races and their names, the means of earning one's life etc. For the Sindhi reader who is familiar with all the aspects of rural life, the book will by very interesting, because it enables him to see many of his own experiences, reflected in Shah Latif's Poetry, and I am sure that he will look upon his own daily life with quite another view after having understood in what a wonderful manner the great Sindhi poet has transformed thing, he sees every day, into symbols of highest meanings, and the foreigner, who reads for the first time the "Risalo" will find most useful information in Din Muhammad

# Contents

**FOREWORD**
*Prof. Dr. Annemarie Schimmel*

**Sindh's Great Writer**
**(Maulana Din Muhammad Wafai)**
*By Jaffer Bilgrami*

**The Great Sindhi Scholar Who Did Not Live In Vain**
*By A.H. Haquani*

**Shah Jey Risali Jo Mutalao**
By
Maulana Din Muhammad Wafai

First Edition: 1962
Second Edition: 1976
Third Edition: 1991
Fourth Edition: 2012

Printed by: Sindhica Academy, Karachi
Published by: Abdul Aziz Uqaili
Secretary, Cutlure Department
Government of Sindh

Can be had from
Cultre Department Book Shop
off: M.P.A Hostel,
Sir Ghulam Hussain Hidayatullah Road,
Karachi 74400

# SHAH JEY RISALI JO MUTALAO

By

**Maulana Din Muhammad Wafai**

**Culture Department,**
Government of Sindh
2012

# SHAH JEY RISALI
# JO
# MUTALAO